ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 02 آڪٽوبر 2026ع 19 ربيع الثاني 1448ھ صفحا 6 - ملهہ 30 وپيہ شمارو (48)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

سنڌ ڪابينا ۾ ڪٽڪ جاري ڪرڻ، شڪار تي پابنديءَ سميت صحت ۽ ترقياتي منصوبن جي منظوري

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪٽڪ جي وڌندڙ قيمتن جو نوٽيس وٺندي 20 آڪٽوبر کان سرڪاري ذخيرن مان فلور ملن ۽ چڪين کي ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

مير رضا علي قتل ڪيس جا جاچ لاءِ انڪوائري ڪميشن جي مدت 15 آڪٽوبر تائين وڌائي وئي، جسٽس عمر سيال کي ضرورت پوڻ تي وڌيڪ جاچ جاري رکڻ جو اختيارهوندو

پرڏيهي پکين ۽ جهنگلي حيات جي تحفظ لاءِ شڪار تي مڪمل پابندي يا محدود سيزن بابت غور ويچار ڪيو ويو، شڪار بابت سفارشون ڏيڻ لاءِ وزارتي ڪميٽي قائم ڪئي وئي

نارٿ ڪراچي چائلڊرن هاسپيٽل کي 200 بسترن جي جي اسپتال بڻائڻ جي منظوري، چنيسر ڊسپينسري 24 ڪلاڪ هلائڻ جو فيصلو، هزارين ماڻهن کي صحت جون سهولتون ملنديون

دهشتگردي ٽوڙ عدالتن جون 5 خالي جايون پرڻ جي منظوري، ڪراچي، ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، حيدرآباد ۽ نوشهروفيروز ۾ پريزائيڊنگ آفيسرن ۽ منشيات بابت خاص عدالتن لاءِ آفيسر مقرر

ٿر ڪول بلاڪ ٽو جي ساليانو مائننگ صلاحيت وڌائي 11.2 ملين ٽن ڪرڻ لاءِ معاهدن ۾ ترميمن جي منظوري، ڀهراڙيءَ ۾ صاف پاڻي ۽ صفائي واري پروگرام لاءِ هڪ ارب رپيا جاري ڪرڻ جي توثيق

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن صوبائي ڪابينه جي هڪ اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ مير رضا علي انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي، 20 آڪٽوبر کان ڪٽڪ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو اهم عدالتي تقررين جي توثيق ڪئي وئي، ڪراچي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي اسپتال جي منصوبن جي منظوري ڏني وئي اسٽار-واش پروگرام جي فنڊنگ جي توثيق ڪئي وئي ۽ ٿر ڪول جي توسيع ۽ جهنگلي حيات جي تحفظ جي قدمن تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ صوبائي وزيرن صلاحڪارن خاص مددگارن چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ ڪابينا جي گڏجاڻي وڏي وزير جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

پاڪستان جي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ واڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڀارت جو هڪ ڀيرو فالس فليگ آپريشن بي نقاب، دشمن ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿو ته اچي، اسان جو جواب سخت هوندو: ترجمان پاڪ فوج

ڀارتي فوج هڪ آپريشن ۾ مارجي ويل دهشتگرد کي ايس ايس جي جو رٽائرڊ حوالدار آصف چاٺيو، آءِ ايس پي آر جي ترجمان ڪيس ميڊيا سامهون پيش ڪري ڀارتي دعوي غلط ثابت ڪري ڇڏي

29 سيپٽمبر تي ڀارت هڪ ڀيرو فالس فليگ آپريشن ڪيو، ڀارتي آرمي جي ڪور سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ڪئي، ڀارتي فوج دعوي ڪئي ته هنن والاريل ڪشمير جي علائقي ۾ آپريشن ڪيو آهي

ڀارتي فوج آپريشن ۾ هڪ دهشتگرد کي مارڻ جي دعوي ڪئي، لشڪر طيبه جي دهشتگرد جي لاش ملڻ جي به دعوي ڪئي وئي ۽ دهشتگرد جو نالو محمد آصف عرف هاشم موسلي ٻڌايو ويو

مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق پاڪستان سان هجڻ، محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار ۽ ڀارتي نيوز ايجنسي سروس نمبر سان گڏ تفصيل به ڏيڻ جي دعوي ڪئي، جيڪا سڀ ڳالهيون ڪوڙيون ثابت ٿيون

مان ضلعي لڪ جي پنهنجي گهيبه جو رهواسي آهيان، دوستن جا فون آيا ته مون کي ڀارتي فورسز ماري ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا ذريعي خبر پئي ته ڀارت مون کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي: محمد آصف

مان 2023ع ۾ ايس ايس جي مان رٽائر ٿيو آهيان، وطن خاطر بهادري سان وڙهيو آهيان ۽ اڄ ٻيهر وطن جي خدمت لاءِ حاضر آهيان، ڀارت جي ٻي بنياد ۽ من گهڙت الزام جي سخت مذمت ڪريان ٿو

مان هڪ سيڪيورٽي ڪمپني ۾ ڪم ڪريان ٿو ۽ راولپنڊي ۾ رهندو آهيان. ڀارت منهنجي ملڪ تي غلط مڙهيو آهي. مان زنده آهيان، راولپنڊي ۾ رهندو آهيان ۽ توهان جي سامهون موجود آهيان

بدقسمتي آهي ته اسان جو مقابلو هڪ نيچ سوچ واري دشمن سان آهي، اسان جو پاڙيسري هڪ ڪم ظرف ملڪ آهي، ڀارت ڪهڙو ملڪ آهي، اپنڻن کي اهڙو ايوارڊ ڏنو وڃو ته توهان پنهنجو جهاز ڪيرائي ڇڏيو

پاڪستان جي سلامتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو، ملڪ جي سلامتي لاءِ جيڪو ڪرڻو پيو ڪنداسين، دشمن جي هر قدم خلاف مڪمل تيار آهيون: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارتي فوج فالس فليگ آپريشن ۾ هڪ دهشتگرد کي مارڻ جي دعويٰ ڪندي چيو ته مارجي ويل دهشتگرد محمد آصف ايس ايس جي جو رٽائرڊ حوالدار آهي جڏهن ته ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڀارتي دعويٰ کي غلط ثابت ڪري ڇڏيو راولپنڊي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته 29 سيپٽمبر تي ڀارت هڪ ڀيرو فالس فليگ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

فوج جو سياست سان تعلق ناهي، آئين جي تابع ۽ رياست جي حڪمن جا پابند آهيون: ڊي جي آءِ ايس پي آر

صوبن سان ڳالهائڻ وفاقي حڪومت جو ڪم آهي، پاڪستان دنيا ۾ دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي

جيڪڏهن رياست آهي ته سياست آهي، ڪنهن جي سياست لاءِ دهشتگردي خلاف جنگ تي ڪا به سوديبازي نه ٿيندي

خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ جيڪو ڪرڻو پيو ته اهو ڪنداسين، ڪالعدم بي ايل اي ۽ ٽي ٽي پي ۾ ڪو فرق ناهي

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته صوبن سان ڳالهائڻ وفاقي حڪومت جو ڪم آهي فوج جو سياست سان ڪو تعلق ناهي، پاڪ فوج آئين جي تابع ۽ رياست جي حڪمن جي پابند آهي. هن چيو ته

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ دهشتگرد تنظيمن جي سرپرستي ڪري ٿو: آءِ ايس پي آر

ڀارت جي مُڪتي باهني، ٽي ٽي پي کي فنڊنگ ڪا لڪل ڳالهه ناهي: ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري

فالس فليگ ڊرامي جا 6 ڪارڻ اهن پهرين ڳالهه اها آهي ته اسان ڄاڻون ٿا ته ڀارت دنيا ۾ دهشتگردي پکيڙيندڙ سڀ کان وڏو ملڪ آهي

اسان کي سمجهڻو پوندو ته والاريل ڪشمير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو جيل آهي

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ڀارت پاڪستان ۾ دهشتگردي لاءِ دهشتگرد تنظيمن جي سرپرستي ڪري ٿو ڀارت جي هن فالس فليگ ڊرامي جا 6 ڪارڻ آهن پهرين ڳالهه اها آهي ته اسان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري سان چونڊيل نمائندن ۽ عملدارن جون ملاقاتون، عوامي ۽ انتظامي معاملن تي غور

ڪراچي جي ميئر پاران ترقياتي منصوبن، بنيادي سهولتن ۽ عوامي ڀلائي جي قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي

شڪارپور ۽ گهوٽڪي جي سياسي صورتحال، عوامي مسئلن ۽ علائقائي معاملن تي ڀرپور خيالن جي ڏي وٺ

مختلف ضلعن ۾ جاري ترقياتي ڪمن، عوامي سهولتن ۽ مسئلن جي حل لاءِ ڪنيل قدمن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ سنڌ جي مختلف سياسي، چونڊيل نمائندن ۽ سرڪاري عملدارن ملاقاتون ڪيون جن دوران ڪراچي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، شهريار شر ۽ صوبائي وزير مڪيش چاولا بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ بيٺل آهن

حرمين شريفين جي سيڪيورٽي بابت پاڪستان جو عزم چٽو آهي: پاڪ فوج

حرمين شريفين جو دفاع ۽ سعودي عرب جي سلامتي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار آهيون

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پاڪستان مڪي جي گڏيل دفاعي معاهدي تي عملدرآمد لاءِ مڪمل پرعزم آهي مڪي الائنس بابت ميڊيا تي ڳالهائي نٿو سگهجي، مڪي الائنس تحت دفاعي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گهنڊ وڄائي بزنس جي شروعات ڪندي

صدر آصف زرداري سان وزيراعظم جي ملاقات، پي ٽي آءِ قيادت سان ڳالهين جو فيصلو

ملاقات ۾ ملڪي سلامتي صورتحال جو جائزو وٺندي دهشتگردي خلاف قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو گڏيل وفد اڄ پي ٽي آءِ جي قيادت سان ملاقات ڪندو

خيبرپختونخواهہ جي سيڪيورٽي صورتحال سميت موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون وينديون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي، وفاقي وزير اسحاق ڊار محسن نقوي، سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ ٻيا موجود آهن

عورتون ڇاتيءَ جي صحت کي سنجيدگي سان وٺن: آصفہ ڀٽو

جسم ۾ ڪنهن به غيرمعمولي تبديلي جي صورت ۾ عورتون طبي صلاح وٺن

بروقت سڃاڻپ ۽ فوري علاج قيمتي انساني زندگيون بچائي سگهي ٿو: خاتون اول

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري عورتن تي زور ڏنو آهي ته اهي ڇاتيءَ جي صحت کي سنجيدگي سان وٺن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

زمبابوي ۾ هيليڪاپٽر حادثو، 6 ڄڻا فوت

هراري (اي پي پي) زمبابوي جي صوبي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ ڪوسٽل ريزيلينٽ پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

”غضب للحق“ تحت افغانستان تي هوائي حملا، 22 دهشتگرد مارجي ويا، پاڪستان جو آپريشن جاري رکڻ جو اعلان

پاڪستاني اختيارين تصديق ڪئي ته سيڪيورٽي فورسز افغانستان ۾ ٻن هنڌن تي دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ محفوظ پناهگاهن کي هوائي حملن ذريعي نشانو بڻايو

شروعاتي اطلاعن موجب 22 دهشتگرد مارجي ويا، هدفن کي درستگي سان تباهه ڪيو ويو وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به تباهه ڪيو ويو آهي: پاڪستاني اختيارين

ڪارروائيون ”آپريشن غضب للحق“ جي تسلسل ۾ ڪيون ويون ۽ تصديقي انٽيليجنس ڄاڻ جي بنياد تي افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تصديق ڪئي آهي ته سيڪيورٽي فورسز افغانستان ۾ ٻن هنڌن تي دهشتگردن جي ٺڪاڻن ۽ محفوظ پناهگاهن کي هوائي حملن ذريعي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ شروعاتي اطلاعن موجب 22 دهشتگرد مارجي ويا. سنڌ سماءَ واري وزارت

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

قدرتي آفتن جي خلاف پاڪستان جي مزاحمتي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت آهي: نائب وزيراعظم

نائب وزيراعظم سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت ۾ جوائنٽ پاڪ گلوبل ٽيڪ فيسلٽي قائم ڪرڻ جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

اين ڊي ايم اي جي چيئرمين اجلاس کي اين اي او سي جي آفتن جي نگراني، اڳواٽ وارننگ، تياري ۽ ڏوس ردعمل ۾ ڪردار تي بريفنگ ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار موسمياتي تبديلي جي ڏس ۾ بار بار ايندڙ قدرتي آفتن جي خلاف پاڪستان جي مزاحمتي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب اهڙا خيالن جو اظهار هن اين ڊي ايم اي جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نظير تارڙ پينشن سڌارن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪندي

اسلام آباد: وفاقي وزير اسحاق ڊار جوائنٽ پاڪ گلوبل ٽيڪ فيسلٽي بابت گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

اسلام آباد ۾ عالمي امن ڪانفرنس، گڏيل سفارتي حڪمت عملي جوڙڻ تي اتفاق

افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي پاڪستان سميت علائقائي سلامتي لاءِ وڏو خطرو قرار

دهشتگردي پاڪستان، ايران، چين، ۽ روس تائين سلامتي کي متاثر ڪري سگهي ٿي: مشاهد حسين

افغانستان جي ڇهن پاڙيسري ملڪن ۽ روس تي ٻڌل گڏيل امن بورڊ قائم ڪرڻ جي تجويز پيش

علائقائي ملڪن کي هڪ ٻي ڊگهي جنگ ۾ ڦاسڻ بدران ڳالهين ۽ گڏيل سفارتڪاري ذريعي حل ڳولڻ گهرجي: اڳواڻ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سينيٽر مشاهد حسين سيد افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي کي منهن ڏيڻ لاءِ گهڻ رخي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2


اسلام آباد: سينيٽر مشاهد حسين ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جنگ جاري رهندي: حنيف عباسي

بهادرائين صلاحيتن سان فورسز ملڪ دشمن عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي بلوچستان جي ضلعي ڪڇي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ڪارروايون، لکين رپين جون غير رجسٽرڊ دوائون هٿ، 4 جوابدار گرفتار

ڪلفٽن ۽ ڊفينس ۾ ڪارروايون، 80 لک رپين جون مبينا غير رجسٽرڊ دوائون هٿ آيون

ڪاپي رائيٽ جي ڇڪڙي واري مواد سميت 4 جوابدار سوگهو، وڌيڪ جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي غير رجسٽرڊ دوائن جي وڪري ۽

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ساحلي تحفظ منصوبو شروع، 15 هزار هيڪٽرن کان وڌيڪ ايراضي تي مينگرووز پوکڻ جو هدف

ٺٽي، سجاول ۽ بدين جي 500 ڳوٺن ۾ 10 لک ماڻهن کي روزگار، بنيادي سهولتن ۽ ماحولياتي تحفظ ملندو

منصوبي تحت 43 هزار نوجوانن کي مارڪيٽ جي گهرجن موجب فني تربيت فراهم ڪئي ويندي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن سنڌ ڪوسٽل ريزيلينس پروجيڪٽ (SCRP) جو باقاعدي آغاز ڪري ڇڏيو آهي هي 311 ملين ڊالرن (تقريبا 87 ارب

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ايران مٿان مڙهيل آمريڪي پابندين تي عمل ڪري رهيا آهيون: پاڪستان

پاڪستان عالمي ۽ ملڪي قانونن موجب، پابندين جي سمورن نظامن تي عملدرآمد جاري رکندو

ايران ۽ آمريڪا تي اسلام آباد مفاهمتي معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيا آهيون

پاڪستاني سفارتي ٽيم صوماليا ۾ زخمي پاڪستانين سان رابطي ۽ مارجي پاڪستانين جا لاش وطن واپس آڻڻ لاءِ سرگرم آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد حيدر خان چيو آهي ته پاڪستان ايران تي لاڳو سمورين عمل جوڳين آمريڪي پابندين جي پاسداري ڪري رهيو آهي هفتيوار پريس بريفنگ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

غلام شبير شيخ ڪيس: سپريم ڪورٽ سنڌ حڪومت جون اپيلون رد ڪري ڇڏيون

عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ۾ دير تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ توهين عدالت جي ڪارروائي شروع

لاڳاپيل اختيارين کي ٻن هفتن اندر عدالتي حڪمن تي مڪمل عملدرآمد جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي فيڊرل ڪانسٽيٽيوشنل بينچ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ غلام شبير شيخ جي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سمنڊ جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي بليو نيٽ پلس پاران سيمينار منعقد

سرڪاري ادارا، ڪاروباري برادري، ميڊيا، سياحت، ماهيگيري ۽ ٻين شعبن جا نمائندا شريڪ

پاڪستان کي موجوده پاليسين جي وچ ۾ هم آهنگي جي ضرورت آهي: ڊاڪٽر نزهت خان

ڪراچي(بيورو رپورٽ) بليو نيٽ پلس پاران عالمي سامونڊي ڏينهن 2026ع جي موقعي تي ”پاليسي کان عملي قدمن تائين: سامونڊي شعبي ۾ بهترين ڪارڪردگيءَ جي فروغ لاءِ قدم“ جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ملڪ ۾ ٽيڪس فائلرز جو انگ 57 لکن کان وڌي چڪو آهي: ناڻي وارو وفاقي وزير

حڪومت جو ڌيان خانگي شعبي کي سازگار ماحول فراهم ڪرڻ تي ٻڌل آهي، ملڪي معيشت ۾ اڳڀرائي ٿي آهي

شهرين کي رهائشي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون، اپنا گهر اسڪيم تحت 60 ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن

ماضي ۾ معاشي بحران ڪانهوءِ بحالي ۾ ڪيترائي سال لڳا، ڪنهن ڪري ساڳئي صورتحال ڏانهن واپسي ڀيهر برداشت نه ٿي ڪري سگهجي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته حڪومت خانگي شعبي کي ضروري سازگار ماحول فراهم ڪرڻ تي ڌيان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بلوچستان جي ضلعي ڪڇي ۾ ڪامياب ڪارروائي، فتنه الهندستان جا 6 دهشتگرد مارجي ويا

تخريب ڪاري جي نيٽ ورڪ خلاف جاري آپريشن ردالفتنه3، تحت سيڪيورٽي فورسز ڪامياب ڪارروائي ڪئي

فتنه الهندستان جي دهشتگردن کي جديد ڪواڊ ڪاپٽرز جي مدد سان انتهائي مهارت سان نشانو بڻايو ويو: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) بلوچستان ۾ تخريب ڪاري جي نيٽ ورڪ خلاف جاري آپريشن ردالفتنه3، تحت سيڪيورٽي فورسز ڪڇي ضلعي جي علائقي سني ۾ ڳجهي اطلاع تي فيصلائتي ڪارروائي ڪندي 6

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جو ملائيشيا جي هم منصب کي فون، وزيراعظم انور ابراهيم جي وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي سان في تولو 4 لک 38 هزار 636 روپيا ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي)سچي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ورلڊ ميري ٽائين ڊي جي موقعي تي ٿيل سيمينار جو ڏيک

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

ڪراچي: سنڌ پوليس جي 133هين پاسنگ آئوٽ 1018 اهلڪارن تربيت ماڻي

پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد ۾ ڊرل، فائرنگ ۽ جسماني تربيت ۾ صلاحيتن جو مظاهرو

پوليس ۽ عوام وچ ۾ اعتماد، قانون جي حڪمراني ۽ شهرين جي تحفظ کي اوليت ڏني وڃي: آءِ جي سنڌ

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر مجيب ميمڻ شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ٽريفڪ رواني بهتر بڻائڻ لاءِ رستن جا ڪڏا پرڻ بابت هنگامي آپريشن

سرڪٽ رسپانس ٽيم مختلف شاهراهن ۽ رستن تي کڏن ۽ ڪوڙيل هنڌن جي مرمت تيز ڪري ڇڏي

شهرين کي بهتر بلدياتي سهولتون ڏيڻ ۽ رستن جي بحالي لاءِ فوري قدمن جو سلسلو جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي هدايتن تي ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن (KMC)

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لياري جا 6 اسڪول سٽيزنز فائونڊيشن حوالي، مستحق ٻارن کي مفت تعليم ملندي

اسڪولن جي نئين سر تعمير ۽ تعليمي سهولتن جي بهتري سان والدين تي خرچن جو بار گهٽجندو

ڪراچي ۾ ترقياتي منصوبن، تعليم ۽ صحت جي شعبن تي ڌيان ڏنو پيو وڃي: ميئر جو ترجمان

ڪراچي (بيوروريپورٽ) ميئر ڪراچي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني اڳواڻ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ۾ ڳالهين جو رستو کُلي ويو، وفدن جي اڄ ملاقات طئي

حڪومت طرفان اڄ ملاقات جو پيغام مليو آهي، فيصلي جي روشني ۾ حڪومتي پيغام قبول ڪري ورتو آهي: بئرسٽر گوهر

حڪومت ۽ اپوزيشن جي وفدن جي اڄ ڏينهن جو 12 وڳي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي آفيس ۾ ملاقات ٿيندي

وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڊوگر سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ جوابدار نوڪري انٽرويو جي بهاني 59 ڇوڪرين موبائل فون کڻي فرار

انٽرويو جي بهاني ڇوڪرين کي فارم هائوس گهرايو ويو، مهانگا فون گڏ ڪري مک جوابدار فرار ٿي ويو

فارم هائوس بُڪ ڪرائيندڙ ۽ مبينا سهولتڪار عورت گرفتار، جوابدار جي ڳولا جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گڏاپ سٽي جي علائقي ۾ نوڪري ڏيڻ جو آسرو ڏئي لڳ ڀڳ 59 ڇوڪرين کي فارم هائوس تي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ آپريشن، خارجين جا ٺڪاڻا ۽ سرنگهون تباهه، ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن دوران ڪيئي دهشتگردن کي ماريو ويو، سندن ڳجهن ٺڪاڻن مان وڏي مقدار ۾ بارودي مواد به هٿ آيو

سڄي ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ ڄٽادار امن جي قيام لاءِ ڪارروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي)خيبرپختونخوا جي قبائلي ضلعي اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي دهشتگردن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪندي فتنه الخوارج جا ڪيترائي ٺڪاڻا ۽

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڀارت والاريل ڪشمير ۽ اقليتن خلاف پنهنجن ڏوهن جو الزام محمد آصف تي نه لڳائي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

راولپنڊي: ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته والاريل ڪشمير ۾ ڀارت جيڪو ڪجهه ڪري رهيو آهي اُن مان اُن جي ذهنيت جو

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پبلڪ اڪائونٽ ڪميٽي جي گڏجاڻي نثار کهڙي جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

سڪرنڊ ويجهو تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ ٽي نوجوان ٿڌي تي فوت، گهرن ۾ ڪهرام

ٻڪي موريءَ وٽ عبدالوحيد ، امداد حسين ۽ دلبر حسين خاصخيلي مٿان تيز رفتار ڪري چڙهي وئي

نوجوانن ٿڌي تي دم ڏئي ڇڏيو، وارث لاش کڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائي ڳوٺ پهتا ته ڪهرام مچي ويو

نوجوان گرمي کان بچڻ لاءِ روڊ تي هوا لاءِ ويٺا هئا ته ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويا: وارث

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سڪرنڊ لڳ ٻڪي موريءَ وٽ ڳوٺ نبي بخش خاصخيلي جا ٽي نوجوان گرميءَ کان بچاءَ خاطر قدرتي هوا جو مزو وٺڻ لاءِ روڊ جي ڪپر تي رات جي وقت ڪچهري ڪري رهيا هئا ته اوچتو هڪ تيز رفتار ڪار مٿن

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سڪرنڊ: حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوانن جا لاش اسپتال ۾ پيل آهن

ڪراچي ۾ تعمير هيٺ يونيورسٽي روڊ تي هڪ عمارت ۾ ٻار جو پانچو ڪري پيو سيڪيورٽي گارڊ فوت

گلشن اقبال يونيورسٽي روڊ تي حادثي، رسڪيو ٽيمن سيڪيورٽي گارڊ جو لاش ڪڍي ورتو

فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ لاءِ بايو ميٽرڪ عمل شروع، پوليس پاران جاچ جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلشن اقبال ۾ يونيورسٽي روڊ تي واقع بيت المڪرم مسجد ويجهو تعمير هيٺ ”يوڪرن-U“

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گلاب لغاري: اڳوڻو پ پ ايم پي اي بشير احمد لغاري سريوال لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم ابائي ڳوٺ ماٺڪ لغاري آندو ويو جنازي نماز ۾ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي شرڪت

گلاب لغاري پرسان تاريخي ماڳ اگهر ڪوٽ جي قبرستان ۾ مرحوم جي تدفين ڪئي وئي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

گلاب لغاري(سريوال)جو فرزند اڳوڻي پ پ ايم پي اي ۽ سنڌ جي اڳوڻي مشهور پارلياميٽرين ۽شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ويجهي ساٿي مرحوم حاجي نجم الدين لغاري

بقايا 1 روزاني عبرت

آپريشن ڪيس 29 سيپٽمبر جي رات پارٽي آرمي جي ڪور سوشل ميڊيا تي هڪ پوسٽ ڪئي پارٽي فوج جي دعويٰ موجب، هنن والاريل ڪشمير جي علائقي ۾ آپريشن ڪيس پارٽي ڪور دعويٰ ڪئي ته هڪ دهشتگرد مارجي ويو آهي جڏهن ته لشڪر طيبه جي دهشتگرد جي لاش ملڻ جي به دعويٰ ڪئي وئي ۽ دهشتگرد جو نالو محمد آصف عرف هاشم موسيٰ ٻڌايو ويو ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته ان ڪانپوءِ پارٽ دعويٰ ڪئي ته محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي، پارٽي ڪور چيو ته مارجي ويل دهشتگرد موسيٰ عرف آصف فوجي آهي. دعويٰ ڪئي وئي ته مارجي ويل دهشتگرد جي نشاندهي محمد آصف جي نالي سان ٿي، پارٽي فوج دعويٰ ڪئي ته مارجي ويل دهشتگرد جو تعلق پاڪستان سان آهي ۽ محمد آصف ايس ايس جي جو حوالدار آهي پارٽي نيوز ايجنسي سروس نمبر سان گڏ تفصيل به ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي پارٽ دعويٰ ڪئي ته آصف مختلف علائقن ۾ حملا ڪيا ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته محمد آصف تي پارٽي حڪومت دهشتگردي جي مختلف ڪاروائين جا الزام لڳايا،پارٽي حڪومت دعويٰ ڪئي ته آصف جا ٻيا ٻي ساٿي پڻ مارجي ويا، پارٽي دعوائن موجب، آصف اهڙو سيرمين هو جيڪو آهي سموريون ڪاروائيون ڪندو رهيو محمد آصف تي پهلگام سميت مختلف ڪاروائين جا الزام لڳايا ويا، پاڪ فوج جو اهو سپاهي جنهن بابت پارٽ پروپيگنڊا ڪندو رهيو اهو هتي موجود آهي ان موقعي تي ڊي جي آءِ ايس پي آر ايس ايس جي جي حوالدار محمد آصف کي ميڊيا سامهون پيش ڪري ڇڏيو ميڊيا سان ڳالهائيندي حوالدار محمد آصف چيو ته مان ضلعي اٽڪ جي پنڊي گهيب جو رهواسي آهيان مون کي دوستن جا فون آيا ته مون کي پارٽي فورسز ماري ڇڏيو آهي هن چيو ته ڪيس سوشل ميڊيا ذريعي خبر پئي ته پارٽ مون کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي شهيد ٿيڻ جي جڙتو خبر ڪانپوءِ مون کي فون ڪالز اچڻ شروع ٿي ويون، حيرت ٿي ته مان پنهنجي گهر ۾ موجود آهيان ته پوءِ پارٽي فوج مون کي ڪيئن شهيد ڪري ڇڏيو؟ محمد آصف چيو ته مان 2023ع ۾ ايس ايس جي سان رڪائر ٿيو آهيان وطن خاطر بهادري سان وڙهيو آهيان ۽ اڄ به وطن جي خدمت لاءِ حاضر آهيان، پارٽ جي بي بنياد ۽ من گهڙت الزام جي سخت مذمت ڪريان ٿو مان هڪ سيڪيورٽي ڪمپني ۾ ڪم ڪريان ٿو ۽ راولپنڊي ۾ رهندو آهيان پارٽ منهنجي ملڪ تي غلط مڙهيو آهي مان زنده آهيان، راولپنڊي ۾ رهندو آهيان ۽ توهان جي سامهون موجود آهيان. هن چيو ته اها بدقسمتي آهي ته اسان جو مقابلو هڪ ننڍي سوچ واري دشمن سان آهي اسان جو پاڙيسري هڪ ڪمر ظرف ملڪ آهي پارٽ ڪهڙو ملڪ آهي اپيننڊن کي اهو ايوارڊ ڏنو ويو ته توهان پنهنجو جهاز ڪيرائي ڇڏيو. هن چيو ته اسان وٽ اهڙو پاڙيسري آهي، جيڪو سمجهي ٿو ته هر شيءِ کي ڪوڙ ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو پارٽ ڪجهه ڪرڻ چاهي ٿو ته اچي اسان جو ردعمل تمام سخت هوندو پاڪستان جي سلامتي ۽ جاگرافيائي سرحدن جي حفاظت لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪو سمجهوتو نه ڪيو ويندو ملڪ جي سلامتي لاءِ جيڪو ڪرڻو پيو ڪنداسين ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پارٽ ڪو ڊرامو ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪري ڏسي، دشمن جي هر قدم لاءِ مڪمل تيار آهيون جيڪڏهن هو ڪجهه ڪرڻ چاهين ٿا ته ڪن اسان هميشه تيار آهيون

بقايا 2 روزاني عبرت

سهڪار بابت ڄاڻ مڪمل طور تي رازداري ۾ آهي هن چيو ته حرمين شريفين جي سيڪيورٽي بابت پاڪستان جي وابستگي قطعي آهي حرمين شريفين جو دفاع ۽ سعودي عرب جي سلامتي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار آهيون

بقايا 3 روزاني عبرت

پاڪستان دنيا ۾ دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ملڪ آهي، پاڪستان گذريل ٻن ڏهاڪن کان دهشتگردي خلاف وڙهي رهيو آهي سندس چوڻ هو ته اسان لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته جيڪڏهن رياست آهي ته سياست آهي، ڪنهن جي سياست لاءِ دهشتگردي خلاف جنگ تي ڪا به سوديبازي نه ٿيندي. ڊي جي آءِ ايس پي آر وڌيڪ چيو ته خيبرپختونخوا ۽ بلوچستان ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ جيڪو ڪرڻو پيو ته اهو ڪنداسين، پابندي مڙهيل بي ايل اي ۽ ڪالعدم ٽي ٽي پي ۾ ڪو فرق ناهي، ٻنهي پابندي مڙهيل گروپن کي افغان طالبان جي حمايت حاصل آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

ملڪي سلامتي جي صورتحال جو جائزو وٺندي دهشتگردي جي خلاف قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ملڪ جي امن ۽ استحڪام جي لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ موثر تعاون جي ضرورت تي زور ڏنو آهي جڏهن ته ملڪ ۾ خيبرپختونخواهه جي سيڪيورٽي جي صورتحال تي ڳالهين جو اظهار ڪيو ويو ۽ طئي ٿيو ته وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو گڏيل وفد اڄ (جمعي ڏينهن) پي ٽي آءِ جي قيادت سان ملاقات ڪندو ۽ موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪندو ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري پڌرائي موجب صدر آصف علي زرداري سان وزيراعظم محمد شهباز شريف خميس ڏينهن ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ ملڪ ۾ خيبرپختونخواهه جي سيڪيورٽي جي صورتحال تي ڳالهين جو اظهار ڪيو ويو ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ وزيراعظم جو سياسي معاملن وارو صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءالله، اٽارني جنرل آف پاڪستان منصور عثمان اعوان، وزيراعظم جو صلاحڪار ڊاڪٽر توقير شاهه سينيٽر شيري رحمان سينيٽر سليم مانڊوي والا، سنڌ جو سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه پڻ شريڪ هئا. صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف ملڪي سلامتي جي صورتحال جو جائزو وٺندي دهشتگردي جي خلاف قومي عزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ ملڪ جي امن ۽ استحڪام جي لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ موثر تعاون جي ضرورت تي زور ڏنو اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو ته وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جو گڏيل وفد اڄ (جمعي ڏينهن) پي ٽي آءِ جي قيادت سان ملاقات ڪندو ۽ موجوده سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪندو ان گڏيل وفد ۾ محسن نقوي، راڻا ثناءالله، امير مقام ۽ پيپلزپارٽي پاران شيري رحمان، سيد نويد قمر ۽ اعجاز جکراڻي شريڪ هوندا.

بقايا 5 روزاني عبرت

نيشنل ايمرجنسيز آپريشن سينٽر (اين اي او سي) ۾ جوائنٽ پاڪ گلوبل ٽيڪ فيسلٽي قائم ڪرڻ جي حوالي سان هڪ اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اين ڊي ايم اي جي چيئرمين اجلاس کي اين اي او سي جي آفتن جي نگراني، اڳواٽ وارننگ، تياري ۽ فوري ردعمل ۾ ڪردار تي بريفنگ ڏني هن اين ڊي ايم اي جي نيڪسٽ جنريشن ٽيڪنالاجي منصوبي ۽ موثر آفتن جي انتظام ۾ عالمي تعاون جي لاءِ گلوبل ريزيلينس حب قائم ڪرڻ جي منصوبن جو پڻ خاڪو پيش ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير موسمياتي تبديلي جي ڏس ۾ پاڪستان جي حساسيت جي ڪري بار بار اينڊ قدرتي آفتن جي خلاف پاڪستان جي مزاحمتي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو هن مصنوعي ذهانت ۽ ڊيجيٽل ٽيڪنالاجيز جي موثر استعمال جو مطالبو ڪيو ته جيئن سمورو ڌيان ردعمل تي ٻڌل رويي سان اڳواٽ وارننگ ۽ تياري طرف منتقل ڪري سگهجي. هن طئي ٿيل منصوبن جي موثر ۽ فوس لاڳو تي پڻ زور ڏنو اجلاس ۾ موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي رابطن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ اين ڊي ايم اي جي چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل انعام حيدر ملڪ، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي سيڪريٽري ۽ منصوبابندي ۽ ترقي واري وزارت، ناڻي واري وزارت ۽ پرڏيهي معاملن واري وزارت جي سينيئر آفيسرن ڪانسوا اين ڊي ايم اي جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 6 روزاني عبرت

دوران ترجمان چيو ته پاڪستان عالمي ۽ ملڪي قانونن موجب، پابندين جي سمورن نظامن تي عملدرآمد جاري رکندو ايران-آمريڪا جنگ بابت سوال تي سجاد حيدر خان چيو ته پاڪستان سمورن لاڳاپيل ڌرين سان مسلسل ۽ تعميري رابطي ۾ آهي پاڪستان ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ رابطن ۾ سهولتڪاري جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن ته تڪرار جو حل ڳالهين ۽ سفارتڪاري ذريعي ڪيڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته پاڪستان ايران ۽ آمريڪا تي اسلام آباد مفاهمتي معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪرڻ لاءِ زور ڏئي رهيو آهي ڳالهين ۽ سفارتڪاري کي تڪرار جي پرامن حل لاءِ عمل جوڳو رستو قرار ڏنو پرڏيهي آفيس جي ترجمان موجب، شنگهائي سهڪار تنظيم (ايس سي او) جي سمورن ميمبر ملڪن جا نيشنل ڪوآرڊينيٽر اسلام آباد آيا، جن ۾ پارٽ جو نمائندو پڻ شامل هو سندس چوڻ هو ته ٻن سالن کان وڌيڪ عرصي کانپوءِ پارٽ جي هڪ سينيئر عهديدار جو پاڪستان جو دورو اهم اڳڀرائي آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ سجاد حيدر خان چيو ته پاڪستاني سفارتي ٽيم صوماليا ۾ زخمي پاڪستانين سان رابطي ۾ ۽ مارجي ويل پاڪستانين جا لاش وطن واپس آڻڻ لاءِ سرگرم آهي هن ٻڌايو ته صوماليا ۾ پاڪستاني سفارتخاني جو ناظم الامور زخمي پاڪستانين سان رابطي ۾ آهي جڏهن ته مارجي ويل پاڪستانين جا مڙهه ايٿوپين ايئرلائن ذريعي پاڪستان منتقل ڪيا ويندا

بقايا 7 روزاني عبرت

ڏئي رهي آهي ته جيئن ڪاروباري طبقو ملڪ جي معاشي ترقي جي اڳواڻي ڪري سگهي حڪومت جو ڪم پاليسي ۽ ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ آهي ٽيڪس نظام ۾ سادگي ۽ موثر عملدرآمد جي نتيجي ۾ ٽيڪس ريٽرن فائلرز جو انگ 57 لک کان وڌي ويو آهي هن اها ڳالهه خميس ڏينهن پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ نيا ناظم آباد اپارٽمينٽ ريٽ جي حوالي سان هڪ گونگ بيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪئي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت شهرين کي رهائشي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي اپنا گهر اسڪيم تحت 60 ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن جڏهن ته بينڪن 340 ڪروڙ رپين جي قرضن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ناڻي واري وزير چيو ته پي آءِ اي جي نجڪاري جي عمل ۾ مقامي سيڙپڪارن جي ڀرپور شرڪت حوصلا افزا آهي ٻن ڪنسورشيم طرفان مجموعي طور اٽڪل 1.2 ارب ڊالر جي واڪ ۾ حصو وٺڻ ملڪي معيشت جي ڳاٽيئي جي لحاظ کان هڪ اهم اڳڀرائي آهي وڏن ڪاروباري گروپس جي گڏيل پائيداري سان ان ڳالهه جي عڪاسي آهي ته نجي شعبو وڏن منصوبن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ ۽ ڪاروباري گاڏيٽو وڌائڻ جي صلاحيت رکي ٿو وفاقي وزير چيو ته ترڪيه جي سيڙپڪارن به پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي آمريڪا ۾ ٿيل ملاقاتن دوران وڏين ڪمپنين معدني وسيلن، زراعت، آئي ٽي، تيل ۽ گئس ۽ ريفائنري جي اپ گريڊيشن سميت مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي ڏيکاري آهي. هن چيو ته حڪومت جو ڪردار نجي شعبي کي ڀرپور ايڪو نظام فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

جي سوڪٽ رسپانس ٽيم شهر جي مختلف روڊن تي پونڊڙ کڏن ۽ ڪوٽيل هنڌن کي هنگامي بنيادن تي ڀرڻ ۽ روڊن جي بحالي جو ڪم تيز ڪري ڇڏيو آهي جنهن جو مقصد شهرين کي آمدرفت دوران پيش ايندڙ تڪليفن جو فوري ازالو ڪرڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني کي بهتر بڻائڻ آهي ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته روڊن تي موجود کڏا ۽ ڪوٽيل هنڌ نه رڳو شهرين لاءِ تڪليف جو سبب بڻجن ٿا، پر انهن جي ڪري ٽريفڪ جي رواني پڻ متاثر ٿئي ٿي ۽ مختلف هنڌن تي ٽريفڪ جام جي صورتحال پيدا ٿي رهي ٿي

بقايا 9 روزاني عبرت

۽ ترجمان ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب جي قيادت ۾ ڪراچي ۾ تعليم، صحت، بنيادي ڍانچي ۽ بنيادي شهري سهولتن جي بهتري لاءِ عملي قدم تيزي سان جاري آهن ليارِي ۾ ڇهن اسڪولن کي دي سٽيزنز فائونڊيشن حوالي ڪرڻ به ان ئي سلسلي جي اهم ڪڙي آهي، جنهن سان علائقي جي ٻارن کي معياري تعليمي ماحول ۽ مستحق شاگردن کي مفت تعليم جي سهولت فراهم ٿيندي ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پاران ليارِي ۾ تعليم جي فروغ لاءِ هڪ اهم انقلابي قدم کنيو ويو آهي ليارِي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ۽ دي سٽيزنز فائونڊيشن وچ ۾ اسڪولن جي حوالگي جو معاهدو طئي ٿيو آهي جنهن تحت ليارِي ٽائون جا ڇهه اسڪول دي سٽيزنز فائونڊيشن حوالي ڪيا ويا آهن پارليامانيءَ اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو ته ليارِي جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ سان گڏ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ پڻ نمايان ۽ انقلابي تبديليون آنديون پيون وڃن شهر جي مختلف علائقن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ شهرين جي زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو ته ليارِي جي ڇهن اسڪولن کي دي سٽيزنز فائونڊيشن حوالي ڪرڻ ميئر ڪراچي جي ويژن جو حصو آهي فائونڊيشن انهن اسڪولن جي نئين سر تعمير ۽ بهتري سان گڏ ليارِي جي مستحق ٻارن کي مفت تعليم پڻ فراهم ڪندي ڪرم الله وقاصي چيو ته ان قدم سان ليارِي جي ٻارن کي بهتر ۽ معياري تعليمي ماحول دستياب ٿيندو جڏهن ته والدين تي تعليمي خرچن جو بار پڻ گهٽ ٿيندو تعليم ڪنهن به معاشري جي ترقي جو بنياد آهي ۽ ليارِي ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪيل هي قدم علائقي جي عوام لاءِ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي وڌيڪ چيو ته ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن جي نگراني پڻ وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي آهي ۽ گذريل رات شهر جي مختلف علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شاهراهه قائدين تي تعمير ٿيندڙ نئين سروس لائين، ڪي ڊي اي مارڪيٽ روڊ، ابو الحسن اصفهاني روڊ ۽ تعمير هيٺ راشد منهاس روڊ جو معائنو ڪيو

بقايا 10 روزاني عبرت

ڳجهيون سرنگهون تباهه ڪري ڇڏيون سيڪيورٽي ذريعن موجب آپريشن دوران ڪيترن ئي خوارجي دهشتگردن کي ماريو ويو آهي جڏهن ته سندن ڳجهن ٺڪاڻن مان وڏي مقدار ۾ بارودي مواد ۽ هٿ آيو فورسز سرچ آپريشن دوران ملندڙ ڌماڪيدار مواد کي بم ڊسپوزل اسڪواڊ جي مدد سان حفاظت سان ناڪاره بڻائي ڇڏيو سيڪيورٽي عملدارن جو چوڻ آهي ته عزم استحڪام ويزن تحت سڄي ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ جتادار امن جي قيام لاءِ ڪاروايون بنا رڪاوٽ جاري رهنديون

بقايا 11 روزاني عبرت

پتو پوي ٿو پارٽ والاريل ڪشمير ۽ اقليتن خلاف پنهنجن ڏوهن جو الزام محمد آصف تي نه لڳائي، پارٽي فوج سياسي ٿي چڪي آهي ۽ ان جو ايجنڊا هندوتوا بڻجي چڪو آهي، پارٽي وزيراعظم ۽ ٻيا رياستي سطح تي ڪيل دهشتگردي کي فخر سان بيان ڪن ٿا.

بقايا 12 روزاني عبرت

اين اي عبدالستار سريوال ۽ اڳوڻي ڪمشنر شمس الدين لغاري جو سڳوٽ اڳوڻو پيپلز پارٽي ايم پي اي بشير احمد لغاري (سريوال) ڪجهه عرصي جي علالت بعد اٽڪل 75 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي مرحوم جي مڙهه کي آخري رسمون ادا ڪرڻ لاءِ ڪراچي مان سندن اباڻي ڳوٺ ماڪ لغاري آندو ويو جتي جنازي نماز ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هر مڪتب فڪر جي ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جنهن بعد مرحوم جي مڙهه کي ڳلاب لغار ويجهو سنڌ جي تاريخي ماڪ آکهم ڪوٽ جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو

بقايا 13 روزاني عبرت

گهرائي سندن موبائل فون گڏ ڪرڻ بعد فرار ٿي ويل مرڪزي جوابدار جي گرفتاري لاءِ پوليس ڪاروائي تيز ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته فارم هائوس ٻڪ ڪرائيندڙ وقاص ۽ چوڪرين کي فارم هائوس تائين آڻڻ ۾ مبينا سهڪار ڪندڙ نرگس نالي عورت کي گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس موجب چوڪرين کي بحريا ٽائون ۾ هڪ تقريب دوران نوڪري ڏيڻ جو آسرو ڏئي انٽرويو جي بهاني ٻڌائي ڪيڊٽ ڪاليج پرسان هڪ فارم هائوس تي گهرايو ويو هو ڪين روزانو 2 هزار رپيا اجوري ڪاڏو ۽ اچ وڃ لاءِ گاڏي جي سهولت ڏيڻ سان گڏ مختلف اسٽالن تي ڪم جي تربيت ڏيڻ جو پڻ چيو ويو هوپوليس موجب فارم هائوس پهچڻ بعد ساحل سلمان نالي شخص باس جي اچڻ تائين موبائل فون استعمال نه ڪرڻ جو جواز ڄاڻائي سڀني چوڪرين جا موبائل فون گڏ ڪيا ۽ ڪجهه دير بعد موبائل فون سان پريل ڦيلهو کڻي فرار ٿي ويو واقعي کان پوءِ متاثر چوڪريون گڏجاڻ سٽي ٿاڻي پهچيون جتي پوليس کي واقعي بابت اطلاع ڏنو ويو پوليس واقعي جو ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي فارم هائوس انتظاميا موجب فارم هائوس منجهند 12 وڳي کان شام 6 وڳي تائين ٻڪ ڪرايو ويو هو ۽ ڪين ٻڌايو ويو هو ته انٽرويو لاءِ لڳ ڀڳ 50 کان 52 چوڪريون اينديون مقرر وقت دوران موبائل فون گڏ ڪندڙ شخص فونن سان گڏ فرار ٿي ويو جڏهن ته فارم هائوس جي ٻُڪنگ جي رقم پڻ ادا نه ڪئي وئي پوليس جو چوڻ آهي ته مرڪزي جوابدار ساحل سلمان جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن ته گرفتار ٿيل کان پڇا ڳاڇا ۽ واقعي جي ٻين پاسن بابت جاچ جاري آهي ٻئي طرف سنڌ جي وڏي وزير واقعي جو نوٽيس وٺندي ڪراچي جي ايڊيشنل آءِ جي کان رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي

بقايا 14 روزاني عبرت

آباد ۾ سنڌ پوليس رڪروٽس ٽريننگ ڪورس جي 133 هين پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ مهمان خاص طور شرڪت ڪئي، جتي تربيت مڪمل ڪندڙ 1018 رڪروٽس شاندار پريڊ ڪئي ۽ پنهنجي پيشيوراڻا صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد پهچڻ تي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان، ايڊيشنل آءِ جي ٽريننگ اقبال دارا، ڊي آءِ جي ٽريننگ فيض الله ڪوريجو ۽ پرنسپل شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج عليشا راجپر آءِ جي سنڌ جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پاسنگ آئوٽ پريڊ جو معائنو ڪيو ۽ انهن رڪروٽس کي مبارڪباد ڏني جيڪي پنهنجي تربيت مڪمل ڪري سنڌ پوليس جو حصو بڻيا هن موقعي تي تربيت يافته اهلڪارن مارچ پاسٽ، ڊرل، فائرنگ ۽ جسماني تربيت سميت مختلف شعبن ۾ پنهنجي صلاحيتن، نظم و ضبط ۽ پيشيوراڻا صلاحيتن جو شاندار مظاهرو ڪيوتقريب کي خطاب ڪندي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو ته پوليس وردي نه رڳو هڪ اعزاز آهي پر هڪ وڏي ذميواري پڻ آهي پوليس اهلڪار عوام جي جان مال ۽ عزت جا محافظ آهن جڏهن ته امن امان قائم ڪرڻ، قانون جي حڪمراني ۽ شهرين جو تحفظ پوليس جون بنيادي ذميواريون آهن هن چيو ته پوليس ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد موثر پوليسنگ جو بنياد آهي. تنهن ڪري، پوليس اهلڪارن کي شهرين سان عزت، رواداري،شائستگي ۽ غير جانبداري سان پيش اچڻ گهرجي مظلومن جي مدد ڪرڻ، ڪمزورن جي حفاظت ڪرڻ ۽ قانون ٽوڙڻ وارن عنصرن خلاف بي خوفي سان ڪاروائي ڪرڻ پوليس جي سڃاڻپ هجڻ گهرجي آءِ جي سنڌ چيو ته جديد دور ۾ پوليسنگ جون گهرجون تيزي سان تبديل ٿي رهيون آهن

بقايا 15 روزاني عبرت

موضوع تي سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار ڪراچي پورٽ ٽرسٽ (KPT) ۽ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشيانوگرافي (NIO) جي سهڪار سان ڪي پي ٽي آسٽاف ڪاليج، لالا زار ڪراچي ۾ ٿيو تقريب ۾ 13 نامور مقرر ۽ 57 ادارن جا نمائندا شريڪ ٿيا، جن ۾ سرڪاري ادارا سامونڊي شعبي جون تنظيمون يونيورسٽيون، تحقيقي ادارا ماحولياتي ادارا ڪاروباري برادري، ميڊيا، سياحت، ماهيگيري، سول سوسائٽي شعبي جا ماهر نوجوان ۽ شاگرد شامل هئا بليو بيٽ پلس جي باني ۽ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ڊاڪٽر نزهت خان چيو ته پاڪستان کي رڳو وڌيڪ پاليسين جي ضرورت ناهي، پر موجوده پاليسين وچ ۾ بهتر هم آهنگي ۽ انهن تي اثرائتي نموني عملدرآمد جي ضرورت آهي جڏهن ته بليو اڪانومي کي قومي معاشي ترقي جو لازمي حصو بڻائڻو پوندو هن چيو ته سامونڊي معيشت ۽ بليو اڪانومي سان لاڳاپيل معاملن کي ملڪ جي معاشي واپاري سيڙپڪاري، موسمياتي سياحتي ماهيگيري ماحولياتي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي پاليسين جو حصو بڻجڻ گهرجي هن چيو ته اصل ڪوٽ پاليسي، سيڙپڪاري، عملدرآمد ۽ ماپ لائق نتيجن وچ ۾ مربوط نظام جي آهي ڊاڪٽر نزهت خان پائيدار بليو اڪانومي جي لاءِ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل بنيادي ٿنڀن— معاشي خوشحالي ماحولياتي نظام جي صحت ۽ انساني ڀلائي— کي اجاگر ڪندي چيو ته انهن لاءِ سائنس، پاليسي حڪمراني ماليات ۽ ٽيڪنالاجي جي سهڪار جي ضرورت آهي ڪاروباري برادري جي نمائندگي ڪندڙ مقررين پاليسي ڪاروبار سيڙپڪاري، واپار ۽ ڪاروباري سرگرمين وچ ۾ مضبوط لاڳاپا قائم ڪرڻ تي زور ڏنو ته جيئن پاڪستان جي سامونڊي معيشت ۾ نجي شعبي لاءِ موجود موقعن مان فائدو حاصل ڪري سگهجي مانشا گروپ جي چيئرمين ۽ ايف پي سي سي آءِ جي اڳوڻي نائب صدر شبير حسن مانشا چيو ته پاڪستان جي سامونڊي صلاحيت کي معاشي قدر ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سامونڊي واپار، سيڙپڪاري ۽ نجي شعبي جي اثرائتي شموليت ضروري آهي هن واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ بليو اڪانومي ۾ نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ سازگار ڪاروباري ماحول اثرائتو بندرگاهي ۽ لاجسٽڪ نظام سيڙپڪاري دوست پاليسين ۽ سرڪاري ۽ نجي شعبي وچ ۾ مضبوط سهڪار جي ضرورت تي زور ڏنو نيشنل انسٽيٽيوٽ آف اوشيانوگرافي (NIO)جي ڊائريڪٽر جنرل انجنيئر نعمت الله سهتو تحقيق، سامونڊي انگن اکرن ۽ سائنس ۽ پاليسي وچ ۾ مضبوط رابطن جي اهميت اجاگر ڪئي هن چيو ته سائنسي معلومات کي عملي فيصلن، سيڙپڪاري ۽ پائيدار سامونڊي ترقي لاءِ اثرائتي نموني استعمال ڪرڻ گهرجي پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (PID) ڪراچي جي ڊائريڪٽر جنرل ارم تنوير بليو اڪانومي کي قومي سطح جي بحث جو حصو بڻائڻ عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۽ سامونڊي پاليسين ۽ موقعن کي عوام تائين پهچائڻ ۾ ميڊيا ۽ حڪمت عمليءَ تحت رابطن جي ڪردار تي زور ڏنو سيمينار دوران سامونڊي واپار ۽ سيڙپڪاري، سامونڊي سائنس، ماهيگيري، سامونڊي ڪناري واري سياحت، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت، حياتياتي تنوع، آلودگي ۽ ڪچري جي انتظام، ڊجيٽلائيزيشن، ڪاروباري سرگرمين عورتن ۽ نوجوانن جي شموليت ۽ سامونڊي وسيلن جي ذميوارانه انتظام سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سيمينار ۾ هڪ گڏيل لائحه عمل تي زور ڏنو ويو: سيمينار جي پڄاڻيءَ تي ڊاڪٽر نزهت خان چيو ته پاليسي کان عملي قدمن تائين جو سفر گڏيل ترجيح بڻجڻ گهرجي

بقايا 16 روزاني عبرت

معاملي ۾ سنڌ حڪومت پاران داخل ڪيل اپيلون رد ڪندي هاءِ ڪورٽ جا اڳوڻا حڪم برقرار رکيا آهن عدالتي حڪمن تي عملدرآمد نه ٿيڻ جي معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ توهين عدالت جي ڪاروائي پڻ شروع ٿي چڪي آهي جڏهن ته سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ پاران لاڳاپيل اختيارين کي ٻن هفتن اندر عدالتي حڪمن تي مڪمل عملدرآمد ڪري حتمي رپورٽ پيش ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن موصول ٿيل سرڪاري دستاويزن موجب، سنڌ هاءِ ڪورٽ جي رجسٽرار پاران چيف سيڪريٽري سنڌ، سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو سيڪريٽري فنانس ۽ سيڪريٽري لينڊ يوٽيلائيزيشن ڊپارٽمينٽ کي خط نمبر SHC/KHI/CPD-5403-5404/23 ذريعي آگاهه ڪيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ آف پاڪستان غلام شبير شيخ جي معاملي ۾ سنڌ حڪومت پاران داخل ڪيل FCPLA Nos. 12-K ۽ 13-K of 2026 رد ڪري ڇڏيون آهن سرڪاري مراسلي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳ ۾ CP No. D-5403 of 2023 ۽ CP No. D-5404 of 2023 ۾ غلام شبير شيخ جي حق ۾ حڪم جاري ڪيا هئا، جن کي سنڌ حڪومت پاران سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ويو پر سپريم ڪورٽ پڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻن حڪمن کي برقرار رکندي سنڌ حڪومت جون اپيلون رد ڪري ڇڏيون دستاويزن موجب، عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ۾ دير يا عدم تعميل جي نتيجي ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ توهين عدالت جي ڪاروائي پڻ شروع ٿي چڪي آهي ان حوالي سان سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي سيڪشن آفيسر (ليگل-II) ذيشان علي ڪنڌرو پاران 14 سيپٽمبر 2026ع تي حڪمنامو جاري ڪيو ويو آهي حڪمنامي ۾ لاڳاپيل اختيارين کي عدالتي حڪمن تي فوري طور عملدرآمد ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي جڏهن ته سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو کي خاص طور تي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو عدالتي حڪمن تي ٻن هفتن اندر هر حالت ۾ مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائي سرڪاري حڪمنامي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ڪانپوءِ ان حوالي سان حتمي رپورٽ چيف سيڪريٽري سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي وڃي جيئن عدالت جي حڪمن تي عملدرآمد بابت صورتحال واضح ٿي سگهي هن معاملي ۾ سپريم ڪورٽ پاران سنڌ حڪومت جون اپيلون رد ٿيڻ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اڳوڻن حڪمن کي برقرار رکڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل سنڌ حڪومت جي کاتن لاءِ عدالتي حڪمن تي عملدرآمد جو معاملو اهم بڻجي ويو آهي، جڏهن ته توهين عدالت جي ڪاروائي به ان ئي پسمنظر ۾ اڳتي وڌي رهي آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

رپيا) جي لاڳت وارو ماحولياتي سازگاري ۽ ترقيءَ جو هڪ تاريخي منصوبو آهي جنهن جو مقصد خطرن جي ور چڙهيل ساحلي برادرين جو تحفظ، اهم ماحولياتي نظامن جي بحالي ۽ ٺٽي سجاول ۽ بدين ضلعن ۾ روزگار جي وسيلن کي مضبوط ڪرڻ آهي. سنڌ حڪومت، انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊيولپمينٽ(IFAD) ، ايشيائي ڊيوليپمينٽ بئنڪ (ADB) ۽ گرين ڪلائميٽ فنڊ (GCF) هڪ پائيداريءَ ذريعي هن منصوبي تي عملدرآمد ڪري رهيا آهن وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيل هيءَ تقريب پلاننگ اينڊ ڊيوليپمينٽ (P&D) جي چيئرمين نجم شاهه پاران ترتيب ڏني وئي هئي جنهن ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص معاونن اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي منصوبي جي شروعاتي تقريب کي خطاب ڪندي مراد علي شاهه هن پروجيڪٽ کي سنڌ جي ساحلي برادرين لاءِ "هڪ تبديليءَ واري سفر جي شروعات" قرار ڏنو جيڪي پاڪستان ۾ ماحولياتي تبديلين کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ آبادين ۾ شامل آهن هن چيو ته اڄ صرف هڪ ٻئي ترقياتي منصوبي جي شروعات ناهي هي ٺٽي بدين ۽ سجاول جي ساحلي برادرين لاءِ هڪ تبديليءَ واري سفر جو آغاز آهي اهي برادريون جيڪي ماحولياتي تبديليءَ جي فرنٽ لائن تي بيٺل آهن ۽ جن جي بقا، روزگار ۽ مستقبل اسان جي ساحلي ماحولياتي نظام جي بهتريءَ سان گهرو جڙيل آهي وڏي وزير چيو ته سنڌ جي ساحلي پٽي صوبي جو هڪ تمام قيمتي اقتصادي ۽ ماحولياتي سرمايو آهي جيڪو زراعت، ماهيگيري، مالداري ۽ مينگروز جي ماحولياتي نظام کي سهارو ڏئي ٿو پر سمنڊ جي چاڙهه، سم ۽ ڪلر ٻوڏن ۽ سخت موسم جي وڌندڙ خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت لاءِ انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ صرف هڪ ماحولياتي ذميواري ناهي - هي هڪ ترقياتي ضرورت آهي.ڪلائميٽ ريزيلينس جو مطلب ماڻهن جو تحفظ، روزگار کي محفوظ بڻائڻ، پيداواري اثاثن کي بچائڻ ۽ انهن قدرتي نظامن کي بحال ڪرڻ آهي جيڪي زندگيءَ ۽ معاشي سرگرمين کي برقرار رکن ٿا. ماحولياتي سگهه جو پروگرام: ايس سي آر پي (SCRP) هڪ گڏيل فريم ورڪ تحت روزگار ڪميونٽي بنيادي ڍانچي، پاڻي جي انتظاميا ۽ ماحولياتي نظام جي بحاليءَ ۾ وڏي پيماني تي سيڙپڪاريءَ کي پاڻ ۾ ملائي ٿو IFAD جي سهڪار واري حصي تحت هي منصوبو سڌي طرح ساحلي برادرين ۾ غربت جي خاتمي ۽ روزگار جي بهتريءَ کي نشانو بڻائيندو اميد آهي ته ان سان ٽنهي ساحلي ضلعن جي 500 ڳوٺن جي لڳ ڀڳ 1,96,000 گهرن - اٽڪل 10 لک ماڻهن - کي فائدو پهچندو هي پروگرام ماحول دوست زراعت، ماهيگيري، ويليو چين جي ترقي مالي شموليت، ڪميونٽي جي بنيادي ڍانچي ۽ روزگار جي وسيلن کي متنوع بڻائڻ ۾ مدد ڪندو ايس سي آر پي : IFAD منصوبي جي دستاويزن مطابق تقريباً 43,000 نوجوانن کي مارڪيٽ جي ضرورتن مطابق مهارتن جي تربيت ڏني ويندي جڏهن ته تقريباً 30,000 متاثر ٿيندڙ گهرن کي معاشي گريجوئيشن پروگرام ذريعي مدد ڪئي ويندي ته جيئن اهي پائيدار روزگار حاصل ڪري سگهن منصوبي جي روزگار ۽ ڪميونٽي جي ترقيءَ واري حصي تي لڳ ڀڳ 30.45 ارب رپين جي لاڳت جو اندازو آهي. وڏي وزير چيو ته اهي ڪوششون هڪ سادي پر اهم سچائيءَ کي تسليم ڪن ٿيون: ماحولياتي سگهه، تڏهن سڀ کان وڌيڪ مضبوط ٿيندي آهي جڏهن خاندانن وٽ محفوظ آمدني هجي، برادرين کي معاشي موقعا ميسر هجن ۽ نوجوانن کي مستقبل لاءِ اميد هجي پاڻي جو انتظام ۽ ٻوڏ کان تحفظ: ايس سي آر پي (SCRP) جو هڪ وڏو حصو آبپاشي نيڪال ۽ ٻوڏ جي انتظام جي سرشتي ۾ وڏي سيڙپڪاريءَ ذريعي ماحول دوست پاڻي جي بنيادي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ تي مرڪوز آهي. هي منصوبو اٺن وڏن ڊرينيج سسٽمز کي بحال ۽ اپگريڊ ڪندو جن ۾ ناگن ڌورو، گهاڙو، باري، گهاري پير پٺو، ٻوهارا، جاتي ۽ ملڪاڻي شاخون شامل آهن هي ٻوڏ کان بچاءَ جي اڏاوتن کي پڻ مضبوط ڪندو، آبپاشي جي چينلن کي بهتر بڻائيندو، مٺي پاڻي جي ذخيري ۽ زمين دوز پاڻي جي ريچارج کي وڌائيندو ۽ ڪميونٽي تي ٻڌل پاڻي جي انتظام جي نظام کي هٿي ڏيندو بنيادي ڍانچي ۽ ماحولياتي نظام جي بحاليءَ جو هي حصو جيڪو ايشيائي ڊيوليپمينٽ بئنڪ (ADB) ۽ گرين ڪلائميٽ فنڊ (GCF) جي سهڪار سان آبپاشي ۽ ٻيلن جي کاتي ذريعي لاڳو ڪيو پيو وڃي، ان جي لڳ ڀڳ قيمت 56.14 ارب رپيا آهي آبپاشي ۽ ٻيلا کاتو: مراد علي شاهه چيو ته انهن اقدامات سان تقريباً 1,57,130 هيڪٽرن واري زرعي زمين تي پاڻي جي انتظام ۽ ماحولياتي سگهه ۾ بهتري ايندي ۽ ٻوڏ سبب ٿيندڙ ساليانو تقريباً 8.95 ارب رپين جي نقصان کان بچڻ ۾ مدد ملندي هن وڌيڪ چيو ته ان انگن اکرن کان هٽي ڪري، ان جو مطلب آهي هارين لاءِ وڌيڪ تحفظ، برادرين لاءِ بهتر بچاءَ ۽ مقامي معيشت لاءِ وڌيڪ پيداواري صلاحيت. مينگروز جي بحالي: هن منصوبي جو هڪ وڏو ماحولياتي ٿنڀو سنڌ جي قدرتي ساحلي دفاع کي بحال ۽ مضبوط ڪرڻ سان لاڳاپيل آهي هن پروگرام ۾ 15,000 هيڪٽرن کان وڌيڪ ايراضيءَ تي مينگروز جي پوکائي، 6,000 هيڪٽرن کان وڌيڪ ايراضيءَ تي اندروني ٻيلن جي پوکائي، ويٽ لينڊز جي بحالي ۽ پنها جهيل جي بحالي شامل آهي سائنسي انتظاميا ۽ تحفظ جي ڪوششن کي هٽي ڏيڻ لاءِ هڪ فاريسٽ مينگروو ريسورس سينٽر پڻ قائم ڪيو ويندو گڏيل ترقي : تقريب کي خطاب ڪندي سنڌ جي پلاننگ اينڊ ڊيوليپمينٽ ۽ آبپاشي واري وزير جام خان شوري چيو ته ساحلي ضلعن کي غربت، ٻوڏ، سمنڊ جي چاڙهه پيداواري زمين جي تباهي ۽ وڌندڙ ماحولياتي خطرن جهڙن هڪ ٻئي سان جڙيل چئلينجن جو سامنا آهي جنهن لاءِ هڪ مربوط ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي جي ضرورت آهي جام خان شوري ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هي پروجيڪٽ هڪ گڏيل فريم ورڪ تحت بنيادي ڍانچي جي ترقي، ماحولياتي بحالي ۽ روزگار جي بهتريءَ کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ٿو هن وڌيڪ چيو ته هي گڏيل طريقو ان ڪري ضروري آهي ڇو ته ماحولياتي سگهه جو مطلب رڳو بنيادي ڍانچو ناهي ان جو مطلب ماڻهن، روزگار، زمين، پاڻي جي وسيلن ۽ ماحولياتي نظام کي گڏجي بچائڻ آهي ماحولياتي عمل لاءِ پائيداري: وڏي وزير سنڌ ۽ IFAD جي شموليت کي ڀليڪار ڪيو ۽ صوبي ۽ ان جي ماڻهن تي اعتماد ڪرڻ تي تنظيم جو شڪريو ادا ڪيو هن ADB ۽ GCF جي سهڪار جو پڻ اعتراف ڪيو ۽ چيو ته انهن جي پائيداري سنڌ کي ڊگهي مدي وارن ۽ پائيدار حلن ذريعي ان جي سڀ کان وڌيڪ سنگين ماحولياتي خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ مدد ڪندي جي هن اعتماد ظاهر ڪيو ته هي پروجيڪٽ ساحلي برادرين جي تحفظ، ماحولياتي نظام جي بحالي ۽ ايندڙ نسلن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو جيڪو آخرڪار هڪ وڌيڪ محفوظ، سرسبز ۽ وڌيڪ خوشحال ساحلي سنڌ جي تعمير جو سبب بڻبو آئي ايف اي ڊي جي پاڪستان جو ڪنٽري ڊائريڪٽر فرنانڊا ٿامس ڊا روچا چيو ته سنڌ ڪوسٽل ريزيلينس پروجيڪٽ ڀهراڙيءَ جي برادرين کي ٻوڏ لوڏيات ۽ معاشي جهٽڪن کي بهتر نموني منهن ڏيڻ لاءِ مضبوط ڪرڻ جو اسان جو گڏيل جواب آهي هي برادرين جي سگهه کي وڌائڻ جي هڪ سادي پر يقين تي ٻڌل آهي ته جيئن اهي پائيدار طريقي سان پيداوار ڪري سگهن، ڪمائي سگهن، سيڙپڪاري ڪري سگهن ۽ اڳتي وڌي سگهن هن منصوبي ۾ IFAD جي 100 ملين يو ايس ڊالر جي سيڙپڪاري کي نمايان ڪندي هن وڌيڪ چيو ته عورتون ۽ نوجوان SCRP جا اهم حصيدار آهن هي شموليت جو معاملو آهي ۽ هي هڪ معاشي حڪمت پڻ آهي جڏهن عورتن ۽ نوجوانن کي اثاثن، مهارتن ۽ ماليات تائين پهچ ملي ٿي ته گهر ۽ مقامي معيشتون وڌيڪ مضبوط ٿينديون آهن ايشيائي ڊيوليپمينٽ بئنڪ جي ڪنٽري آپريشنز هيڊ نشانڪا آسيلا سالگادو چيو ته هي پروجيڪٽ ADB لاءِ خاص طور تي اهميت رکي ٿو ڇو ته هي گذريل 15 سالن کان وڌيڪ عرصي ۾ سنڌ ۾ زراعت، خوراڪ، فطرت ۽ ڀهراڙيءَ جي ترقيءَ ۾ اسان جي ڀرپورين وڏي سيڙپڪاري آهي ۽ تنهن ڪري هي اسان جي پائيداريءَ جي تجديد ۽ صوبي ۾ وڌيڪ گهري شموليت جو بنياد آهي پلاننگ اينڊ ڊيوليپمينٽ جو چيئرمين نجم شاهه چيو ته ايس سي آر پي ساحلي برادرين کي درپيش هڪ ٻئي سان جڙيل چئلينجن جو جواب ڏئي ٿو هن چيو ته سنڌ ڪوسٽل ريزيلينس پروگرام هڪ مربوط فريم ورڪ جي اندر بنيادي ڍانچي جي ترقي، روزگار جي بهتري، ماحولياتي بحالي ۽ ڪميونٽي جي سگهه کي گڏ ڪري ٿو تقريب دوران پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر PCMU نذير احمد ميمڻ منصوبي جو هڪ مجموعي جائزو پيش ڪيو

بقايا 18 روزاني عبرت

طرفان جاري ڪيل بيان موجب، تازيون ڪاروايون "آپريشن غضب للحق" جي تسلسل ۾ ڪيون ويون ۽ تصديقي انٽيليجنس ڄاڻ جي بنياد تي افغانستان ۾ دهشتگرد تنظيمن جي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو وزارت جو چوڻ آهي ته هدفن کي درستگي سان تباهه ڪيو ويو جڏهن ته وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به تباهه ڪيو ويو آهي اختيارين موجب ڪاروائي دوران شهرين جي جاني نقصان کان بچڻ لاءِ وڌ کان وڌ احتياط ڪيو ويو حڪومت جو چوڻ آهي ته افغانستان مان پاڪستان لاءِ خطرو بڻجندڙ دهشتگردن کي منهن ڏيڻ لاءِ آپريشن جاري رهندو

بقايا 19 روزاني عبرت

وزير جي سيڪريٽري آغا واصف ۽ لاڳاپيل کاتن جي اعليٰ اختيارين شرڪت ڪئي ڪابينه 17 سيپٽمبر 2026 تي ٿيل پنهنجي گذريل اجلاس جي ڪاروائي جي منٽس جي تصديق ڪئي ان سان گڏوگڏ ناڻي واري ڪابينه ڪميٽي پاران سرڪيوليشن ذريعي گهوٽڪي ۾ پوليس اسٽيشن خامبرا جي اڏاوت ۽ سنڌ پرائيويٽ سيڪيورٽي ايڪٽ 2026 تحت رجسٽرار جي آفيس قائم ڪرڻ بابت ورتل فيصلن جي پڻ توثيق ڪئي وئي ڪابينا اجلاس ۾ مير رضا علي جي قتل جي جاچ ڪندڙ انڪوائري ڪميشن جي مدت ۾ واڌ جي تجويز تي پڻ بحث ۽ غور ڪيو ڪابينا کي آگاهي ڏني وئي ته جسٽس عمر سيال جي سربراهيءَ ۾ قائم ڪميشن وڏائڻ جي ڪاروائي ڪئي آهي ڪيترن ئي شاهدن جا بيان قلمبند ڪيا آهن ۽ ان کي پنهنجي نتيجن ۽ سفارشن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ وڌيڪ وقت گهربل آهي ڪابينا ڪميشن جي مدت ۾ 15 آڪٽوبر 2026 تائين واڌ جي منظوري ڏني ۽ جسٽس عمر سيال کي اختيار ڏنو ته جيڪڏهن وڌيڪ وقت گهربل هجي ته هو ان تاريخ کان پوءِ به جاچ جاري رکي سگهي ٿو اجلاس ۾ خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب زمان ڪڻڪ جي ذخيرن ۽ تجويز ڪيل ڪڻڪ رليز پاليسي 2026-27 بابت هڪ تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته بازار ۾ مسلسل گهرج جي ڪري سڄي سنڌ ۾ ڪڻڪ جي اٽي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌ ٿي رهي آهي ۽ هن وقت ڪراچي ۾ ڪڻڪ تقريباً 12,500 رپيا في 100 ڪلوگرام بوري جي حساب سان وڪرو ٿي رهي آهي وڏي وزير خوراڪ کاتي کي هدايت ڪئي ته ڪڻڪ جاري ڪرڻ جي هڪ تفصيلي پاليسي تيار ڪري سندس منظوري لاءِ پيش ڪئي وڃي هن چيو ته اٽي جي قيمتن کي هر صورت ۾ مستحڪم ڪيو وڃي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته خوراڪ کاتي کي گهرجي ته اٽي جي قيمتن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ صارفين کي رليف ڏيڻ لاءِ هڪ منظم طريقيڪار تحت سرڪاري ڪڻڪ جا ذخيرا لائسنس يافته فلور ملن ۽ چڪين کي جاري ڪري فلور ملن کي ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو عمل 20 آڪٽوبر کان شروع ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي خوراڪ واري وزير مخدوم محبوب زمان اجلاس کي آگاهي ڏني ته صوبي وٽ هن وقت 91 لک 90 هزار کان وڌيڪ 100 ڪلوگرام وارين ڪڻڪ جون بوريون موجود آهن جن ۾ گذريل سال جو بچيل ذخيرو نئين خريد ڪيل ڪڻڪ، ضبط ڪيل ذخيرا پاسڪو کان ملندڙ ڪڻڪ ۽ هن مهيني جي آخر ۾ متوقع طور تي گهرايل درآمدي ڪڻڪ شامل آهن ڪابينا سنڌ ۾ جهنگلي حيات جي تحفظ ۽ شڪار جي پکين جي مستقبل بابت پڻ تفصيلي بحث ڪيو ۽ شڪار تي مڪمل پابندي لڳائڻ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪيو ٻيلن ۽ جهنگلي حيات واري کاتي سنڌ وائلڊ لائيف پروٽيڪشن، پريزرويشن ڪنزرويشن اينڊ مينيجمينٽ ايڪٽ 2020 تحت تجويز ڪيل گيم برڊ هنٽنگ سيزن 2026-27 بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي اختيارين شڪار جي سرگرمين کي منظم ڪندڙ قانوني فريم ورڪ، پرمٽ جي طريقيڪار، جهنگلي حيات جي تحفظ جي قدمن ۽ سڄي صوبي ۾ پکين جي آبادي جي حوالي سان تازو ڪيل سروي جي نتيجن بابت وضاحت ڪئي ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته سکر لاڙڪاڻو شهيد بينظير آباد، حيدرآباد، ميرپورخاص ۽ ڪراچي ڊويزن ۾ ڪيل جهنگلي حيات جي سروي موجب 2026-27 جي سيزن لاءِ شڪار جي پکين جي آبادي جو اندازو 143,460 لڳايو ويو آهي جڏهن ته گذريل سال هيءَ تعداد 140,866 رڪارڊ ڪئي وئي هئي اجلاس کي وڌيڪ آگاهي ڏني وئي ته شڪار جي سرگرمين کي پکين جي نسلن شڪار جي موسمن شڪار جي طريقن مقرر ڪيل علائقن ۽ شڪار جي حد بابت سخت قانوني شقن ذريعي منظم ڪيو ويندو آهي ممنوعه طريقن جهڙوڪ خودڪار هٿيارن، بارود، زهر ۽ غير قانوني ڦاهيون يا ڄار استعمال ڪرڻ تي سختي سان پابندي برقرار آهي بحث دوران ڪابينا جي ميمبرن جهنگلي حيات جي تحفظ، خاص طور تي مهاجر پکين ۽ ماحولياتي دٻاءَ کي منهن ڏيندڙ مقامي پکين جي نسلن تي شڪار جي اثرن بابت سخت خدشن جو اظهار ڪيو وڌيڪ مضبوط سائنسي ثبوتن، سختي سان قانون تي عملدرآمد ۽ هڪ جامع ماحولياتي جائزي جي ضرورت بابت چيف سيڪريٽري جي مشاهدن تي پڻ تفصيلي بحث ڪيو ويو ٻيلن ۽ جهنگلي حيات واري کاتي ڪابينا جي اڳيان ٻه اختيار رکيا: موجوده ريگيوليٽري حفاظتي قدمن تحت گيم برڊ هنٽنگ سيزن 2026-27 کي کوليو وڃي يا سيزن دوران شڪار تي مڪمل پابندي عائد ڪئي وڃي تفصيلي مشاورت ڪانپوءِ وڏي وزير مراد علي شاهه معاملي جي سمورن پهلوئن جو جائزو وٺڻ ۽ ڪابينا جي ايندڙ اجلاس کان اڳ سفارشون پيش ڪرڻ لاءِ هڪ وزارتي ذيلي ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي. ڪميٽي ۾ صحت واري وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو تعليم وارو وزير سيد سردار شاهه، وزير ذوالفقار علي شاهه ۽ وزير راجوير سنگهه سوڍو شامل آهن. ڪميٽي کي ذميواري ڏني وئي آهي ته اها ڪابينه جي حتمي فيصلي لاءِ پنهنجون سفارشون پيش ڪرڻ کان اڳ تحفظ جي خدشن، ماحولياتي اثرن عملدرآمد جي طريقيڪار ۽ عالمي بهترين طريقن جو جائزو وٺي زمينن جي انتظام جو نئون فريم ورڪ تي غور: بورڊ آف روينيو (BOR) تجويز ڪيل 'سنڌ گورنمينٽ لينڊز مينيجمينٽ ايڪٽ 2026' سان گڏ ضابطن جا مسودا ۽ شرطن جا بيان پيش ڪيا، جنهن جو مقصد سڄي صوبي ۾ سرڪاري زمينن جي انتظام الاٽمينٽ ۽ استعمال لاءِ هڪ جديد قانوني فريم ورڪ قائم ڪرڻ آهي تجويز ڪيل قانون سازي صدي پراڻي 'ڪولونائيزيشن اينڊ ڊسپوزل آف گورنمينٽ لينڊز ايڪٽ 1912' جي جڳهه وٺندي ۽ ان ۾ مارڪيٽ جي بنياد تي زمين جي قيمت جو تعين شفاف نيلامي جو طريقيڪار قانون تي عملدرآمد جون وڌيڪ مضبوط شقون شڪايتن جي ازالي جو نظام ۽ صنعتي رهائشي، تجارتي زرعي عوامي مقصدن ۽ عوامي سهولتن جي مقصدن لاءِ زمين جي استعمال جون واضح ڪيٽيگريون متعارف ڪرايون ويون آهن بحث ڪانپوءِ وڏي وزير مراد علي شاهه بورڊ آف روينيو کي هدايت ڪئي ته مسودي جي ڪاپي ڪابينا جي سمورن ميمبرن ۾ تفصيلي جائزي لاءِ ورهائي وڃي ۽ اهي 10 ڏينهن اندر پنهنجا مشاهدا پيش ڪن ته جيئن ايندڙ ڪابينه اجلاس ۾ ان معاملي تي حتمي غور ڪري سگهجي. صحت کاتي سنڌ گورنمينٽ چلڊرن هاسپيٽل نارٿ ڪراچي جي موجوده پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ معاهدي جي مدت ختم ٿيڻ کان پوءِ ان جي مستقبل جي انتظاميا بابت هڪ تجويز پيش ڪئي

بقايا 20 روزاني عبرت

رڪارڊ ڪئي وئي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب خميس ڏينهن انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ 01 پئسي جو اضافو رڪارڊ ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ ان جي نئين قيمت 277 روپيا 10 پئسا ٿي وئي آهي انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 73 روپيا 79 پئسا جڏهن ته بحريني دينار جو اگهه734 روپيا 99 پئسا رهيو اهڙي طرح عماني ريال جو انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 719 روپيا 75 پئسا رهيو ڪويتي دينار جو اگهه 899 روپيا 82 پئسا ۽ قطري ريال جو اگهه 76 روپيا 2 پئسا رڪارڊ ڪيو ويو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي خريد واري قيمت 277 روپيا 95 پئسا ۽ وڪري واري قيمت 278 روپيا 15 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 21 روزاني عبرت

چاهين ٿا ته پارٽ دنيا ۾ دهشتگردي پکيڙيندڙ سڀ کان وڏو ملڪ آهي پارٽ جي سڪتي باهني ۽ ٽي ٽي پي کي فنڊنگ ڪا لڪل ڳالهه ناهي هن چيو ته اسان کي سمجهڻو پوندو ته والاريل ڪشمير ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، والاريل ڪشمير دنيا جو سڀ کان وڏو جيل آهي ساڍي ڏهه لک کان وڌيڪ پارٽي فوج ۽ ٻين ادارن جا اهلڪار موجود آهن اتي ماڻهن کي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ وڃڻ لاءِ اجازت وٺڻي پوي ٿي ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته پارٽ سمجهي ٿو ته هر مسئلو دهشتگردي ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو پارٽ پنهنجي دهشتگردي لڪائڻ لاءِ ٻين تي الزام لڳائي ٿو پارٽ اهڙن ڊرامن ذريعي پنهنجي دهشتگردي تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو اڄ جو هندستان "انڪائونٽرستان" بڻجي چڪو آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

سميت سنڌ جي مختلف ضلعن جي عوامي، انتظامي، سياسي ۽ تنظيمي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب بلاول هائوس ۾ پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي ۽ ڪراچي شهر ۾ جاري عوامي ڀلائي وارن منصوبن بابت اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ملاقات دوران شهر ۾ عوام کي سهولتون فراهم ڪرڻ، جاري ترقياتي ۽ عوامي ڀلائي جي منصوبن جي اڳڀرائي سميت مختلف معاملن تي بريفنگ ڏني وئي سنڌ جي ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ منشيات جي روڪٿام وارن کاتن جي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجن کاتن جي ڪارڪردگي بابت آگاهه ڪيو

بقايا 23 روزاني عبرت

ماشونالينڊ ايسٽ ۾ هيليڪاپٽر حادثي جي نتيجي ۾ 6 ڄڻا فوت ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا مطابق حڪومت جي ترجمان مطابق هيليڪاپٽر ۾ هڪ مشهور ڪاروباري شخصيت، 3 ٻيا مسافر ۽ 2 پائيلٽ سوار هئا، جيڪي حادثي ۾ فوت ٿي ويا مقامي پوليس به هيليڪاپٽر حادثي جي تصديق ڪندي چيو آهي ته حادثي بابت وڌيڪ تفصيل بعد ۾ جاري ڪئي ويندي

بقايا 24 روزاني عبرت

۽ جسم ۾ ڪنهن به غير معمولي تبديلي جي صورت ۾ فوري طور تي طبي صلاح وٺڻ، ڇاتيءَ جي ڪينسر هڪ قابل علاج بيماري آهي جڏهن ته بروقت سڃاڻپ ۽ فوري علاج قيمتي انساني زندگيون بچائي سگهي ٿو ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران خميس ڏينهن ڇاتيءَ جي ڪينسر کان آگاهي واري مهيني جي شروعات تي پنهنجي پيغام ۾، خاتون اول چيو ته هي مهينو عورتن کي ياد ڏيارڻ جو هڪ اهم موقعو فراهم ڪري ٿو ته انهن جي صحت جو خيال رکڻ جو مطلب پنهنجي جسم کان آگاهه رهڻ ۽ ڪنهن به غير معمولي تبديلي جي صورت ۾ بروقت قدم کڻڻ به آهي هن چيو ته باقاعدگي سان پاڻ معائنو ڪرڻ سان عورتون پنهنجي جسم ۾ معمول جي تبديلين کان آگاهه رهي سگهن ٿيون ۽ اهو ڄاڻي سگهن ٿيون ته ڪڏهن انهن کي طبي مشورو وٺڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته 50 سالن کان وڌيڪ عمر جي عورتن کي اسڪريننگ خدمتن جي حاصل سهولتن جي باقاعدگي سان ميموگرام ڪرڻ تي غور ڪرڻ گهرجي هن اها به نشاندهي ڪئي ته جيڪي عورتون باقاعدگي سان ميموگرافي اسڪريننگ ناهن ڪرائينديون

بقايا 25 روزاني عبرت

علائقائي سفارتي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏنو آهي هن چيو ته اهو رڳو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ ٻه طرفو مسئلو ناهي پر وسيع علائقائي سلامتي جو چئلينج آهي جنهن لاءِ افغانستان جي پاڙيسري ملڪن جي گڏيل ردعمل جي ضرورت آهي هن خيالن جو اظهار اسلام آباد ۾ انٽرنيشنل پارليامينٽيرينز ڪانگريس (آءِ پي سي) پاران منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري "افغان مسئلو ۽ امن ڏانهن سفر" جي عنوان سان عالمي ڪانفرنس جي اختتامي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو سينيٽر مشاهد حسين چيو ته پاڪستان ۽ افغانستان هاڻي وڌيڪ ٽڪراءُ، ڇڪتاڻ ۽ علائقائي ۾ عدم استحڪام جا متحمل نٿا ٿي سگهن هن چيو ته اسلام آباد ۾ ٿيل عالمي ڪانفرنس هڪ ڪارائتي ۽ پنهنجي نوعيت جي ڀرپور ڪوشش هئي جنهن ۾ افغانستان جا پاڪستان ۽ ٻين پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپا بحث هيٺ آندا ويا ته جيئن اڳتي وڌڻ جا ممڪن رستا ڳولي سگهجن هن ٻڌايو ته آءِ پي سي جي سيڪريٽري جنرل سينيٽر ستارا اياز جنهن ڪانفرنس جي ميزباني ڪئي ساڻس گڏ استنبول ۾ افغان نمائندن سان به پيرا ٽريڪ 1.5 ڳالهين ۾ شرڪت ڪري چڪي آهي، جيڪي ترڪ دوستن جي سهولت سان منعقد ٿيون هن چيو ته ٻنهي ڌرين جن ۾ افغان ڌر پڻ شامل هئي ان ڳالهه کي تسليم ڪيو ته پاڪستان ۽ افغانستان کي ورهائيندڙ بنيادي مسئلو افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي آهي جيڪا رڳو پاڪستان کي ئي نه پر افغانستان جي ٻين پاڙيسري ملڪن کي پڻ غير مستحڪم ڪري رهي آهي سينيٽر مشاهد حسين چيو ته اسلام آباد ڪانفرنس جو مرڪزي نتيجو علامه محمد اقبال جي فڪر ۽ فلسفي جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن تقريباً 100 سال اڳ پنهنجي شاعري ۾ افغانستان جي امن کي خطي ۽ ايشيا جي امن سان ڳنڍيو هو جڏهن ته افغانستان ۾ عدم استحڪام لازمي طور سڄي خطي ۾ بي چيني ۽ ڇڪتاڻ پيدا ڪري ٿو هن چيو ته امن سلامتي ۽ استحڪام هڪٻئي کان الڳ ناهن ۽ خطي خاص طور پاڪستان ۽ افغانستان سان انتهائي گهرو لاڳاپو رکن ٿا. سينيٽر مشاهد اختلافن باوجود ڪابل جي حڪمرانن سان پاڪستان جي لاڳاپن ۾ افغانستان جي عوام کي اولين اهميت ڏيڻ تي زور ڏنو ڳالهين دوران منظور ڪيل پڌرنامي جو حوالو ڏيندي هن چيو ته عوام کي مرڪز بڻائيندڙ طريقيڪار تحت افغانستان جي واپارين، ڪاروباري ماڻهن، طبي سياحت ۽ شاگردن سان لاڳاپيل رابطن کي متاثر ٿيڻ نه ڏنو وڃي هن ياد ڏياريو ته پاڪستان چئن ڏهاڪن تائين افغان پناهگيرن جي فراخدلي سان ميزباني ڪئي ۽ سڀ کان وڏي انگ ۾ پناهگيرن کي سڀ کان ڊگهي عرصي تائين پناهه ڏني هن چيو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ تاريخي ۽ عوامي لاڳاپن خاص طور واپار ۽ تعليم کي سياسي اختلافن سبب متاثر ٿيڻ نه ڏنو وڃي سينيٽر مشاهد حسين چيني پرڏيهي وزير وانگ يي جي تازي بيان جو پڻ حوالو ڏنو جنهن ۾ هن پاڪستان ۽ افغانستان کي "هڪٻئي کان جدا نه ٿيندڙ پاڙو" قرار ڏنو هو هن چيو ته استنبول ڳالهين دوران ترڪ نمائندن پڻ اهڙي ئي جذبو ظاهر ڪيو هو سينيٽر مشاهد حسين چيو ته ڪابل مان مثبت اڳڀرائي جا امڪان نظر اچي رهيا آهن تازو ڪابل مان واپس آيل پاڪستاني صحافين جو حوالو ڏيندي هن چيو ته صحافين افغان گهرو معاملن واري وزير سراج الدين حقاني سان ملاقات بابت آگاهه ڪيو آهي هن چيو ته صحافين موجب ڪابل جي حڪمرانن طرفان اميد جي هڪ ڪرڻ نظر اچي ٿي ۽ حڪمران اڳتي وڌڻ جو ڪو رستو ڳولڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. اهي دهشتگردي جي مسئلي کي تسليم ڪن ٿا ۽ پاڪستان سان گڏجي ڳالهين ذريعي ان مسئلي کي اڳتي وڌائڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ ڪو طريقيڪار قائم ڪرڻ چاهين ٿا. هن زور ڏنو ته افغانستان جي سلامتي جي صورتحال جا اثر پاڪستان کان گهڻو اڳتي تائين پکڙجن ٿا. هن چيو ته اهو رڳو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ مسئلو ناهي پر علائقائي سلامتي جو مسئلو آهي افغانستان مان نڪرندڙ دهشتگردي ۽ پرتشدد انتهاپسندي پاڪستان، ايران، چين، تاجڪستان، ترڪمانستان ازبڪستان ۽ روس کي متاثر ڪري سگهي ٿي ڇاڪاڻ ته ڪابل ۾ موجود هٿياربند گروهه انهن ملڪن کي پڻ نشانو بڻائين ٿا. سينيٽر مشاهد حسين شنگهائي تعاون تنظيم (ايس سي او) ۽ ان جي علائقائي دهشتگردي مخالف ڍانچي (ريٽس) کي موجود ادارتي طريقيڪار قرار ڏيندي چيو ته اهي افغانستان مان پيدا ٿيندڙ علائقائي سلامتي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. هن ٻڌايو ته روسي پروفيسر ولاديمير سوتنيڪوف طرفان افغانستان جي سمورن ڇهن پاڙيسري ملڪن ۽ روس تي ٻڌل امن بورڊ قائم ڪرڻ جي تجويز پڻ ڏني وئي آهي، جيڪو افغانستان مان نڪرندڙ دهشتگردي خلاف گڏيل حڪمت عملي تيار ڪري. سينيٽر مشاهد حسين خبردار ڪيو ته خطي کي هڪ ڀيرو ٻيهر تڪرار جي چڪر ۾ ڦاسڻ نه ڏنو وڃي، خاص طور پارٽ پاڪستان وچ ۾ ناڪام جارحاڻين جنگين ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران خلاف جنگ کانپوءِ. هن چيو ته 11 سيپٽمبر 2001ع کانپوءِ جيو پوليٽيڪل مقابلي سبب پاڪستان ۽ وسيع خطو متاثر ٿيو آهي ۽ علائقائي ملڪن کي ان دور جي نتيجن مان سبق سکڻ گهرجي. افغانستان ۾ آمريڪي مداخلت جو حوالو ڏيندي هن چيو ته آمريڪا جي براون يونيورسٽي جي تحقيق مطابق 7 آڪٽوبر 2001ع کان 15 آگسٽ 2021ع تائين افغانستان ۾ تقريباً 2.2 ٽريلين ڊالر خرچ ڪيا ويا، يعني 20 سالن دوران روزانو لڳ ڀڳ 100 ملين ڊالر خرچ ٿيا. هن چيو ته ان دوران 7 ارب ڊالر کان وڌيڪ ماليت جا هٿيار ۽ گولا بارود به اتي ڇڏيا ويا، جيڪي بدقسمتي سان افغان سرزمين تان سرگرم دهشتگرد پاڪستان خلاف استعمال ڪري رهيا آهن هن چيو ته ان تجربي مان ظاهر ٿئي ٿو ته علائقائي ملڪن کي هڪ ٻي ڊگهي جنگ ۾ ڦاسڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

بقايا 26 روزاني عبرت

وقتائتي ۽ ڪامياب ڪاروائي جي شاندار لفظن ۾ واکاڻ ڪندي جوانن کي خراج تحسين پيش ڪيو ريلوي وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير حنيف عباسي آپريشن غضب الحق جي تسلسل ۾ دهشتگردن جي خاتمي تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي اعليٰ پيشيوراڻين صلاحيتن ۽ جاندار عزم عيوض ملڪ دشمن عنصرن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو حنيف عباسي واضح ڪيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوري قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ بيٺل آهي ۽ پاڪستان جي امن، خودمختياري ۽ سلامتي خلاف سازشون ڪندڙن کي هر محاذ تي عبرتناڪ شڪست ڏني ويندي

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي خلاف ڪاروايون ڪندي 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ڪاروائين دوران وڏي مقدار ۾ غير رجسٽرڊ مبينا جعلي دوائون ۽ ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي وارو مواد هٿ ڪيو ويو ايف آءِ اي جي ترجمان موجب قابل اعتماد اطلاع ملڻ تي ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي جي ٽيم ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) جي عملدارن سان گڏجي ڪلفٽن، ڊفينس فيز 7 ۽ بلاول چوڪ پرسان قائم فارميسين تي ڪاروايون ڪيون ڪاروائين دوران مختلف عالمي برانڊن جون وڏي مقدار ۾ غير رجسٽرڊ ۽ غير مجاز دوائون هٿ ڪيون ويون، جن جي ماليت تقريبن 80 لک رپيا ٻڌائي وئي آهي ڪاروائي دوران ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو ترجمان موجب هي ڪاروائي بيوٽي آئڪون انٽرنيشنل پاران داخل ڪرايل شڪايت جي بنياد تي ڪئي وئي ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي شڪايت جي تصديق ۽ ضروري قانوني جاچ مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪاروائي ڪندي هڪ وڪرو ڪندڙ ۽ ورهائيندڙ کي گرفتار ڪيو ايف آءِ اي موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان رجسٽرڊ ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي تي ٻڌل وڏي مقدار ۾ مواد پڻ هٿ ڪيو ويو ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي واري معاملي ۾ ڪاپي رائيٽ آرڊيننس 1962ع جي لاڳاپيل شقن جن ۾ سيڪشن 66 ۽ 66-اي شامل آهن تحت ڪيس داخل ڪرڻ جي قانوني ڪارروائي جاري آهي ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي، جنهن دوران مبينا طور تي ڪاپي رائيٽ جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث ٻين عنصرن ۽ پوري نيٽ ورڪ جو پتو لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ايف آءِ اي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي غير قانوني دوائن جعلي ۽ غير رجسٽرڊ شين جي وڪري ۽ دانشوراڻي ملڪيت جي حقن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪاروايون جاري رکڻ جو عزم ورجايو آهي

بقايا 28 روزاني عبرت

دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق فتنه الهندستان جي دهشتگردن کي جديد ڪواڊ ڪاپٽرز جي مدد سان انتهائي مهارت سان نشانو بڻايو ويو جنهن جي نتيجي ۾ 6 دهشتگرد موقعي تي مارجي ويا مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ گولابارود هٿ ڪيو ويو آهي علائقي ۾ اسڪائي ٻين دهشتگردن ، سندن سهولتڪارن ۽ شريڪندن جي مڪمل خاتمي لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

شهباز شريف ۽ ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم پاڪستان ۽ ملائيشيا جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ خاص طور تي اقتصادي تعاون کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي خميس ڏينهن سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي هڪ بيان ۾ وزيراعظم چيو ته هن ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم سان ٽيليفون تي سندس وڏي ڀاءُ جي لاڏاڻي تي دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ مرحوم جي مغفرت ۽ هن مشڪل وقت ۾ سندس ۽ ان جي خاندان جي لاءِ صبر جي دعا ڪئي آهي وزيراعظم چيو ته هن پاڪستان ۽ ملائيشيا جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ خاص طور تي اقتصادي تعاون کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو پڻ ورجاءُ ڪيو آهي

بقايا 30 روزاني عبرت

سان في تولو سون 4 لک 38 هزار 636 رپيا ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب خميس ڏينهن سون جي في تولي جي قيمت ۾ 3 هزار روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 38 هزار 636 رپيا ٿي ويو 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت ۾ 2 هزار 572 روپين جي گهٽتائي ڪانپوءِ 3 لک 78 هزار 631 روپين کان گهٽجي ٿي 3 لک 76 هزار 59 روپيا ٿي وئي جڏهن ته 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 47 هزار 91 روپين کان گهٽجي 3 لک 44 هزار 733 رپيا ٿي وئي آل سنڌ صرافه جيولرز ايسوسيئيشن جي رپورٽ موجب چاندي جي في تولو جي قيمت ۾ پڻ 50 روپين جي گهٽتائي ٿي جنهن ڪانپوءِ چاندي في تولو 6 هزار 528 روپيا ٿي وئي

بقايا 31 روزاني عبرت

بئريسٽر گوهر چيو آهي ته حڪومت طرفان اڄ ملاقات جو پيغام مليو آهي پنهنجي بيان ۾ بئريسٽر گوهر چيو ته اڄ اپوزيشن جي اجلاس ۾ ٿيل فيصلي جي روشني ۾ حڪومتي پيغام قبول ڪري ورتو آهي حڪومت ۽ اپوزيشن جي وفدن جي اڄ ڏينهن جو 12 وڳي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جي آفيس ۾ ملاقات ٿيندي ان کان اڳ وزيراعظم شهباز شريف جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءالله پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڊوگر سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ذريعن موجب راڻا ثناءالله پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڊوگر سان فون تي ڳالهائيندي چيو ته معاملن کي سياسي طور حل ڪيو وڃي، اپوزيشن اڳواڻن جي مشاورت دوران راڻا ثناءالله جي ڪال آئي. پي ٽي آءِ اڳواڻ عامر ڊوگر اپوزيشن اڳواڻن کي وزيراعظم هائوس ۾ ملاقات ۽ راڻا ثناءالله جي رابطي کان آگاهه ڪيو

بقايا 32 روزاني عبرت

چڙهي وئي ڪار جي اسپيڊ ۽ ڊرائيور جي لاپرواهي سبب ٽڪر ايترو زوردار هوجو ٽئي نوجوان ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويا فوت ٿيل نوجوانن ۾ عبدالوحيد خاصخيلي ، امداد حسين خاصخيلي ۽ دلبر حسين خاصخيلي شامل آهن ٽنهي نوجوانن جا لاش اسپتال پهچايا ويا جتان ضروري ڪاغذي ڪاروائي بعد لاش ڳوٺ نبي بخش خاصخيلي پهچايا ويا جتي قيامت صغريٰ جو منظر هو جڏهن ته لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو سمورو ڳوٺ ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانئجي ويو ٽنهي نوجوانن جي جنازي نماز سندن ڳوٺ نبي بخش خاصخيلي ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي جنهن بعد ڪين اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ياد رهي ته ڪار ڊرائيور ٽي جانيون ضايع ڪرڻ بعد همدردي طور ٻيهڻ بجاءِ ظلم ڪري جاءِ واردات تان فرار ٿي ويو.

بقايا 33 روزاني عبرت

(turnيل جو ڍانچو ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ ملبي هيٺ دٻجي سيڪيورٽي گارڊ فوت ٿي ويو تفصيل موجب گلشن اقبال ۾ بيت المڪرم مسجد جي سامهون يونيورسٽي روڊ تي تعمير ٿيندڙ پل جو ڍانچو ڪري پيو واقعي جي اطلاع ملڻ تي لاڳاپيل ادارا جن ۾ ريسڪيو 1122، چيپا، ايڌي، پوليس ۽ رينجرز شامل آهن واقعي واري هنڌ پهچي ويا.ريسڪيو ٽيمن پل جي ڪريل ڍانچي هيٺ دٻجي ويل شخص جو لاش ٻاهر ڪڍيو ۽ ان کي چيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو.ريسڪيو 1122 جي عملدارن کي خدشو هو ته ملبي هيٺ ٻيا مزدور به دٻجي سگهن ٿا، ان ڪري ملبي جي فني بنيادن تي چڪاس (ٽيڪنيڪل سرچ) ڪئي وئي، پر ڪنهن ٻئي شخص جي موجودگيءَ جو ڪو به ثبوت نه مليو پوليس موجب فوت ٿيندڙ شخص سيڪيورٽي جا فرض سرانجام ڏئي رهيو هو سندس سڃاڻپ فوري طور تي نه ٿي سگهي، عزيز ڀٽي پوليس هن وقت بايو ميٽرڪ سڃاڻپ واري ڊيوائس ذريعي سندس سڃاڻپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

اسٹیٹ بینک آف پاکستان بینکنگ سروسز کارپوریشن
الیکٹرانک بولیاں جمع کرانے کی دعوت

تاریخ:30 ستمبر 2026
GSD (PROC-III)/455395 /2026-27

1۔ اسٹیٹ بینک آف پاکستان بینکنگ سروسز کارپوریشن (BSC) نے مالی سال 27-2026 کے لیے مجوزہ خریداری کے لیے فنڈز مختص کیے ہیں۔ SBP BSC کا ارادہ ہے کہ ان فنڈز کی رقم کا ایک حصہ درج ذیل ادائیگیوں کے لیے استعمال کیا جائے۔

2۔ اسٹیٹ بینک آف پاکستان بینکنگ سروسز کارپوریشن (BSC) کو درج ذیل اشیا کی خریداری کے لیے اہل بولی دہندگان سے "ای پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS v2.0) کے ذریعے سربمہر بولیاں مطلوب ہیں۔

3۔ تفصیلی شرائط وضوابط، خصوصیات اور تقاضوں وغیرہ پر مشتمل ای-بولی دستاویزات ای-پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم EPADS v2.0 پر https://www.epads.gov.pk/ پر تمام دلچسپی رکھنے والے رجسٹرڈ بولی دہندگان کے لیے دستیاب ہیں۔ بولی کے عمل میں شرکت کے لیے بولی دہندگان کا EPADS v2.0 پر اپنی رجسٹریشن کروانا لازمی ہے۔

4۔ مذکورہ خریداری کے لیے سنگل اسٹیج، ٹو انویلپ طریقہ کار اختیار کرتے ہوئے کم از کم لاگت کی بنیاد پر انتخاب (LCBS) کی تکنیک استعمال کی جائے گی، جو پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004 اور اتھارٹی کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ کسی بھی ضوابط، انتظامی ہدایات، خریداری کی رہنمائی یا ہدایات کے مطابق ہوگی۔

5۔ تمام بولیوں کے ساتھ بولی کی دستاویز کے بڈ سیکورٹی سیکشن میں بیان کردہ بڈ سیکورٹی کی رقم، پے آرڈر، بینکرز چیک، یا بینک گارنٹی کی شکل میں لازمی طور پر شامل ہونی چاہیے۔

نمبر شمار	خریداری حوالہ نمبر	خریداری کا عنوان	تاریخ اور وقت جمع کرانے کے لیے	تاریخ اور وقت بولی کھلنے کے لیے
.1	P102628	ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن کے فیلڈ آفسز میں واک تھرو گیٹس کی فراہمی، تنصیب، جانچ اور آغاز کار	بدھ، 21 اکتوبر 2026 دوپہر 11:00 بجے سے	بدھ، 21 اکتوبر 2026 دوپہر 11:30 بجے تک
.2	P112987	ایس بی پی بینکنگ سروسز کارپوریشن میں جم کے آلات کی فراہمی، تنصیب، جانچ اور آغاز کار	جمعرات، 22 اکتوبر 2026 دوپہر 11:00 بجے سے	جمعرات، 22 اکتوبر 2026 دوپہر 11:30 بجے تک

6۔ ای۔ بولیاں، جوابی۔ بولی دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق ہر بولی کے لیے الگ الگ تیار کی گئی ہوں، بولی بند ہونے کی تاریخ تک یا اس سے پہلے EPADS v2.0 کے ذریعے جمع کرانا لازم ہے۔ دستی جمع کرائی گئی بولیاں قابل قبول نہیں ہوگی۔ جو وینڈرز ابھی تک EPADS کے نئے ورژن v2.0 پر رجسٹرڈ نہیں ہوئے، وہ درج ذیل ویب سائٹ پر خود کو رجسٹر کرواسکتے ہیں۔ https://vendors.epads.gov.pk رجسٹریشن کے طریقہ کار کی وضاحت کے لیے ایک ٹیوٹوریل درج ذیل لنک پر دستیاب ہے:
https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc.

سینیئر جوائنٹ ڈائریکٹر
پروکیورمنٹ ڈویژن III، جنرل سروسز ڈیپارٹمنٹ،
اسٹیٹ بینک آف پاکستان بینکنگ سروسز کارپوریشن (SBP BSC)
تھرڈ فلور، BSC ہاؤس، آئی آئی چندریگر روڈ، کراچی
فون: 16-33138313-(92-21)
ای میل: gsd.proc-iii@sbp.org.pk، ویب سائٹ: www.sbp.org.pk

PID K.1121/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ڪي پي ۾ امن امان، سياسي ڇڪتاڻ ۽ آئيني اختيارن جو سوال
صفحو 4

محمود شام
يونيورسٽيون، سياحت ۽ علميت
صفحو 4

4 آڪٽوبر تي ڇا ٿيندو؟
عمران يعقوب خان
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن —— 02 آڪٽوبر
صفحو 4

ميرپورخاص پوليس ۾ نشي آور شين جي استعمال خلاف اسڪريننگ جا حتمي نتيجا جاري

پوليس جي مختلف ٿاڻن، برانچن ۽ يونٽن ۾ مجموعي طور 1700 آفيسرن ۽ اهلڪارن جي اسڪريننگ ڪئي وئي

جاري ڪيل حتمي نتيجن موجب 874 اهلڪارن کي ڪليئر قرار، 347 اهلڪار معمولي ڪيٽيگري ۾ شامل ٿيا

ڳلن اندر اڃاڻ، پاڪيٽ يا وات ڪولڻ ۾ معمولي رڪاوٽ جهڙيون نشانيون ملڻ تي 312 اهلڪار وچولي ڪيٽيگري ۾ شامل

ڏگهڙي: ميرپورخاص پوليس ۾ گٽڪي ماوا ۽ ٻين نشي آور شين جي استعمال خلاف پوليس اهلڪارن اسڪريننگ جو ٽيڪ

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ميرپورخاص پوليس ۾ گٽڪي ماوا ۽ ٻين نشي آور شين جي استعمال خلاف اسڪريننگ مڪمل حتمي نتيجا جاري ميرپورخاص رينج جي ڊي آءِ جي ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي هدايتن تي ميرپورخاص پوليس ۾ گٽڪي ماوا ۽ ٻين نشي آور شين جي استعمال خلاف شروع ڪيل اسڪريننگ مهم مڪمل ڪئي وئي آهي جنهن جا حتمي نتيجا پڻ جاري ڪيا ويا آهن 11 کان 28 سيپٽمبر 2026ع تائين جاري رهندڙ اسڪريننگ دوران ميرپورخاص پوليس جي مختلف ٿاڻن برانچن ۽ يونٽن ۾ مجموعي طور 1700 آفيسرن ۽ اهلڪارن جي اسڪريننگ ڪئي وئي جڏهن ته پوليس نفري جي 96 سيڪڙو اهلڪارن اسڪريننگ واري عمل ۾ حصو ورتوجاري ڪيل حتمي نتيجن موجب 874 اهلڪارن کي ڪليئر قرار ڏنو ويو جن ۾ گٽڪي، ماوا يا ٻين نشي آور شين جي استعمال جون ڪا واضح نشانيون نه مليون 347 اهلڪار معمولي ڪيٽيگري ۾ شامل ٿيا، جن جي ڏندن يا مسوڙن تي داغن جهڙيون نشانيون مليون جڏهن ته 312 اهلڪار وچولي ڪيٽيگري ۾ شامل ٿيا، جن جي ڳلن اندر اڃاڻ پاڪيٽ يا وات کولڻ ۾ معمولي رڪاوٽ جهڙيون نشانيون سامهون آيون اهڙي طرح 167 اهلڪار شديد ڪيٽيگري ۾ شامل ٿيا، جن ۾ هڪ کان وڌيڪ يا نمايان نشانيون مليون اسڪريننگ دوران هر اهلڪار جي وات ۽ ڏندن جو باقاعده معائنو ڪيو ويو، ان دوران وات کولڻ جي صلاحيت، ٽن آڱرين ذريعي وات کولڻ جو ٽيسٽ، ڏندن ۽ مسوڙن تي داغ، ڳل، زبان ۽ تارون ۾ اڃاڻ گٽڪو يا ماوا رکڻ سبب پيدا ٿيندڙ نشانيون ۽ ٻين لاڳاپيل علامتن جو جائزو ورتو ويو سامهون آيل نشانين جي بنياد تي اهلڪارن کي ڪليئر معمولي وچولي ۽ شديد ڪيٽيگريز ۾ ورهايو ويوآئنده جي قدمن بابت پوليس اختيارين موجب اسڪريننگ جي حتمي نتيجن جي روشني ۾ لاڳاپيل اهلڪارن خلاف کاتي جي قاعدن ۽ ضابطن تحت وڌيڪ قدم کنيا ويندا، جن ۾ سبب ڄاڻايو نوٽيس ذاتي ٻڌڻي 60 ڏينهن ڪانپوءِ ٻيهر معائنو جڏهن ته گٽڪي، ماوا يا ٻين نشي آور شين جي عادت نه ڇڏيندڙ اهلڪارن خلاف کاتي جي ضابطن موجب ڪارروائي شامل هوندي قاعدن موجب پگهار بند ڪرڻ کان وٺي نوڪري مان برطرفي تائين ڪارروائي ڪري سگهجي ٿي، جڏهن ته اهلڪارن جي ڪائونسلنگ ۽ نشي آور شين جي عادت ڇڏڻ ۾ مدد پڻ ڪئي ويندي پوليس يونٽن ۾ هر سال اسڪريننگ جو عمل جاري رکڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو آهي ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ڪيپٽن (ر) فيصل عبدالله چاچڙ ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي چيو آهي ته پوليس فورس کي گٽڪي ماوا ۽ ٻين نشي آور شين کان پاڪ رکڻ اهلڪارن جي صحت بهتر بڻائڻ ۽ کاتي ۾ نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ لاءِ اسڪريننگ جي نتيجن جي روشني ۾ ضروري قدم کنيا ويندا، سندن چوڻ هو ته صحتمند فورس محفوظ عوام پوليس جي ترجيح آهي ميرپورخاص پوليس کي گٽڪي، ماوا ۽ ٻين نشي آور شين جي استعمال کان پري رکڻ لاءِ ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص پاران اسڪريننگ جو عمل شروع ڪرڻ هڪ اهم قدم آهي جڏهن ته جاري ڪيل حتمي نتيجا ان مسئلي جي سنگيني ڏانهن ضرور ڌيان ڇڪائين ٿا. رپورٽ موجب 1700 اهلڪارن مان 874 اهلڪار ڪليئر قرار ڏنا ويا، جڏهن ته 826 اهلڪار مختلف ڪيٽيگريز ۾ شامل ٿيا. ان صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو ته پوليس فورس اندر نشي آور شين جي استعمال جي روڪٿام لاءِ صرف اسڪريننگ ڪافي ناهي، پر مسلسل نگراني، ڪائونسلنگ، علاج ۽ اثرائتن کاتي وارين قدمن جي پڻ ضرورت آهي اميد آهي ته موجوده پوليس آفيسرن پاران شروع ڪيل اهو عمل مستقل بنيادن تي جاري رکيو ويندو، پوليس فورس ۾ صحت ۽ نظم و ضبط جي بهتري سان نه رڳو پوليس جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر ٿي سگهي ٿي پر معاشري ۾ منشيات ۽ ٻين ڏوهن خلاف ڪارروائين کي پڻ وڌيڪ هٿي ملي سگهي ٿي

ملاڪاتيار لڳ گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ استادن جي کوٽ

استادن جون اهم پوسٽون خالي هجڻ سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي

گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ 3 ايچ ايس ٽي ۽ 3 ايس ايس ٽي جون پوسٽون خالي

شاگردن جي موجودگي باوجود گهربل تعداد ۾ تدريسي عملو مقرر نه هجڻ تي والدين ۽ علائقي واسين ۾ پڻ ڳڻتي پکڙيل

ملاڪاتيار(رپورٽ: عطا مگريو) جهنگ ڪاتيار گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ استادن جون اهم پوسٽون خالي هجڻ سبب شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر ٿيڻ لڳي آهي اسڪول ۾ هن وقت تقريبن 380 شاگرد ۽ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن ته استادن جي کوٽ سبب تعليمي سرگرمين ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ذريعن موجب گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ 3 ايچ ايس ٽي ۽ 3 ايس ايس ٽي جون پوسٽون خالي آهن جنهن ڪري موجود استادن تي تدريسي بار وڌي ويو آهي وڏي انگ ۾ شاگردن جي موجودگي باوجود گهربل تعداد ۾ تدريسي عملو مقرر نه هجڻ تي والدين ۽ علائقي واسين ۾ پڻ ڳڻتي پکڙيل آهي مقامي ڳوٺاڻن ۽ سماجي اڳواڻن حاجي محمد هارون ڪاتيار، غلام شبير ڪاتيار ۽ منور علي ڪاتيار چيو آهي ته ٻهراڙي جي اسڪولن ۾ استادن جون پوسٽون خالي رهڻ سان غريب ۽ پورهيت طبقي جي ٻارن جي تعليم سڌي ريت متاثر ٿئي ٿي هنن چيو ته حڪومت ۽ تعليم کاتي پاران اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن سان گڏ گهربل تدريسي عملي جي فراهمي کي پڻ يقيني بڻائڻ گهرجي هنن ڊي اي او سيڪنڊري، ڊي اي او پرائمري ٽنڊو محمد خان ۽ ڪي اي او بلڙي شاهه ڪريم کان مطالبو ڪيو آهي ته گورنمينٽ ڪيمپس هاءِ اسڪول جهنگ ڪاتيار ۾ خالي پيل 3 ايچ ايس ٽي ۽ 3 ايس ايس ٽي جون پوسٽون فوري طور تي پري قابل استاد مقرر ڪيا وڃن جيئن شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليم وڌيڪ متاثر ٿيڻ کان بچي سگهي ۽ علائقي جي ٻارن کي معياري تعليم جو حق ملي سگهي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ غفور وڏو واسين جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

اعظم وڏو ڏوهاري آهي، جيڪو روپوش آهي ۽ سندس گهر ٻه خالي آهي: مظاهرين

پوليس بنا جواز ڳوٺ جي سڀني گهرن ۾ گهڙي اعظم وڏو جي تلاش ڪئي، نوٽيس ورتو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ غفور وڏو واسين پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو. مظاهري جي اڳواڻي غلام علي وڏو، ابراهيم وڏو، طفيل وڏو، ياسين وڏو ۽ ٻين ڪئي. ان دوران اڳواڻن ميڊيا آڏيان ڏانهيو ته اعظم وڏو ڏوهاري آهي. جيڪو روپوش آهي ۽ سندس گهر ٻه خالي آهي، صبح باڪ ڦٽڻي مهل خانواهڻ . هالاڻي ۽ ڪوٽڙي ڪبير پوليس ڏهن پوليس موبائيلن ۾ سوار ٿي پردي جو تقدس پائمال ڪري ڳوٺ جي سڀني گهرن ۾ گهڙي اعظم وڏو جي تلاش ڪئي، تلاش جي بهاني پوليس الماڙين جا تالا ڀڃي هزارين رپين جي ڦر لٽ ڪئي. جڏهن گهرن ۾ عورتن جي سامهون کٽن تي ويهي رهيا، بعد ۾ پوليس کي عورتن هٿن ۾ قرآن شريف جا واسطا ڏيندي ڦرلٽ ڪرڻ کان روڪيو پر پوليس قرآن شريف جو به احترام نه ڪيو الٽو عورتن کي ڌڪا ڏئي پوئتي ڪري ڇڏيو. هنن وڌيڪ چيو ته پوليس پنج مينهون. پنج ڳاڻو سال ۽ پنج کان مٿي لکين رپين جون ٻڪريون کڻي وئي آهي جڏهن ته پوليس مسجد جي چندي واري پيٽي ڀڃي ان مان به پيسا چوري ڪري ويا آهن. انهن سان گڏ اڪبر اصغر ارشد، شريف، علي حسن، علي رضا، سلطان ۽ محمد علي وڏو سميت ائين ماڻهن کي به کڻي وئي آهي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان جو اعظم وڏو سان ڪو به تعلق ناهي نه ئي اسان جو ويجهو عزيز آهي. پوليس مخالفن جي ونگارون بڻجي هر ڏينهن چوڪين مهيني ڳوٺ ۾ اچي گهرن ۾ گهڙي سامان جي ڀڃ ڊاهه سان گڏ هزارين رپين جي ڦرلٽ ڪري ظلم ۽ ناحق پٽي ڪري، هر دفعي ڦرلٽ ٿيندڙ پوليس ڦباڻي رڃي ٿي پئي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي نوابشاهه ۽ ايس ايس پي نوشهروفيروز کي اپيل ڪئي بي گناهه گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪرائي ۽ ڏور واپس ڪرائي ڏنا وڃن ته اڻ ڌري جاچ ڪري پوليس خلاف ايڪشن وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

ڪوٽڙي ڪبير: ڳوٺ غفور وڏو واسي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سڪرنڊ ٽائون جي چيئرمين سان سينيئر صحافي جي ملاقات

شهر جي مسئلن جي نشاندهي ڪندي 5 اهم مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪايو

سيد عذير اختر شاهه پنجن ئي شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺندي دورو ڪيو

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ شهر جي مسئلن جي نشاندهي ڪندي سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي چيئرمين سيد عذير اختر شاهه سان ملاقات ڪري کيس شهر جي پنجن 5 اهم مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪايو جنهن ۾ جامع مسجد فيضان مدينه جي گهٽيءَ ۾ گٽرن جي اٿلڻ ۽ گهٽيءَ کي پيور بلاڪ ڪرڻ ، جامع مسجد محبوب ڪوري جي گهٽي ٽينڊر ٿيڻ باوجود تعمير نه ٿيڻ ، چلڊرين پارڪ جي مين گيٽ آڏو گٽر جو کليو هجڻ ، اسٽيشن روڊ تي اسڪول واري گهٽي مان ٻارن جي لنگهه سبب گاڏين جي اسپيڊ سبب بريڪر جو ضروري هجڻ ۽ واٽر سپلاءِ واري گهٽيءَ ۾ مين هول جو کليو هجڻ جون شڪايتون شامل هيون جنهن تي چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پنجن ئي شڪايتن جو فوري نوٽيس وٺندي پنهنجي اسٽاف سان گڏ قاضي جاويد سنائي کي ساڻ ڪري ڄاڻايل پنجن ئي جڳهين جو معائنو ڪيو جنهن تي سيد عذير اختر شاهه عملي کي فوري هدايتون جاري ڪندي چيو ته گٽرن وارو معاملو هڪ هفتي جي اندر درست ڪيو وڃي جنهن بعد هن قاضي جاويد سنائي کي يقين ڏياريو ته ٻنهين مسجدن جي گهٽين جا سرڪاري ٽينڊر ٿيل هئا پر ٺيڪيدار جي غفلت سبب تعمير نه ٿي سگهيا ان شاءَ الله جلد مسجدن جون گهٽيون پيور بلاڪ ڪيون وينديون سيد عذير اختر اهو پڻ چيو ته مسئلن جي نشاندهي ڪندا رهندا ڪيو ڪوشش ڪنداسين ته انهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون ان موقعي تي حيدر خانزاده ، غلام مصطفيٰ راجپوت ، صابن ملاح ۽ پرويز خانزاده پڻ موجود هئا.

سڪرنڊ: ٽائون جي چيئرمين سان سينيئر صحافي ملاقات ڪري مسئلا ٻڌائي رهيو آهي

پٿورو ويجهو عمرڪوٽ روڊ تي ڳوٺاڻو ڪار جي ٽڪر ۾ فوت

روڊ ڪراس ڪري گهر ڏانهن ويندڙ رسول بخش کي ڪار ٽڪر هنئي

نوجوان روڊ تي ڪريو ته پويان ايندڙ ٽريلر نوجوان مٿان چڙهي ويو

پٿورو (ن ع)پٿورو ويجهو عمرڪوٽ روڊ تي حيدر شر رستي وٽ رڪشي مان لهي روڊ ڪراس ڪري گهر ڏانهن ويندڙ ڳوٺ غلام قادر شر واسي اٽڪل 30 سالن جي نوجوان رسول بخش پٽ الهرکيو شر کي نامعلوم ڪار ٽڪر هڻي ڪڍيو ڪار جي ٽڪر سبب نوجوان روڊ تي ڪريو ته پويان ايندڙ نامعلوم ٽريلر نوجوان مٿان چڙهي ويو جنهن سبب نوجوان موقعي تي فوت ٿي ويو . مليل ڄاڻ موجب ٽڪر هڻندڙ ٻئي گاڏيون موقعي تان فرار ٿي ويون آهن. اطلاع تي پٿورو پوليس حادثي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش سرزمين تان کڻائي پٿورو اسپتال منتقل ڪيو آهي . معلوم ٿيو آهي ته فوتي نوجوان شادي شده پلي موڙ جي بسن جي اسٽاٽر مورو شر ۽ نورو شر جو ڀاءُ هو جيڪو هڪ سبزي فروش وٽ مزدوري تي ڪم ڪندڙ هو . حادثي جو اهڙو اطلاع ملڻ تي فوتي جي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران لياقت عزيز سولنگي جي ورسي

لياقت عزيز ترقي پسند، سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار ۽ اتساهه جو نالو هو: مقررين

پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو اڪيڊمڪ ڪردار هو جنهن لاتعداد ذهنن جي آبياري ڪئي

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊو محمد خان چيپٽر جي سهڪار سان ٽنڊي محمد خان ۾ ناميارا تعليمدان اديب، دانشور سماج سڌارڪ ۽ سيلا جي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي ائين ورسي يادگار ايوارڊ 2026ع تقريب بعنوان "پروفيسر لياقت عزيز سولنگي هڪ سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار" منعقد ڪئي وئي تقريب کي ناميارا قومي دانشور ۽ قومپرست اڳواڻ ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي، قومپرست اڳواڻ آصف بالادي، پروفيسر يعقوب چانڊيو پروفيسر ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، ڊاڪٽر اشوڻاما، فهيم نوناري، عمران حفيظ ڳنڀير اعجاز علي جسڪاڻي اعظم پلي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، نور حسن پلي، ناصر بلوچ اقبال بلوچ، غفار ٿهيم امتياز علي رند، مسز ياسمين آغا، عنزه پلي، فلزه پلي، شاهه غلام محمد جان سرهندي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته پروفيسر لياقت عزيز سولنگي اتساهه جو نالو هو جنهن وٽ ٿڪجي ويهي رهڻ بجاءِ مسلسل هلڻ ۽ جستجو ڪرڻ جو منفرد ڏانءُ هو لياقت عزيز ترقي پسند، سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار هو جنهن وٽ هزارين سالن جي تهذيب، سنڌ، سنڌي ٻولي، ثقافت، تعليم، صحت سميت انيڪ مسئلن خاطر جدوجهد ۽ مزاحمت ڪرڻ ئي حقيقي معنيٰ ۾ زندگيءَ هئي پروفيسر لياقت عزيز سنڌ جو اڪيڊمڪ ڪردار هو جنهن لاتعداد ذهنن جي آبياري ڪئي، ڳنڍيل جدوجهد جا ميدان سڄائي سنڌ جي ڦڄ ملهائي سندس ضمير ۽ خمير سنڌ سان ڳنڍيل هو هن لاءِ سنڌ اول ۽ هئي ته آخر ۽ هئي هو ان وقت جي مضبوط ۽ منظم ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر هو پر سنڌ جي سوال تي قومپرستيءَ جو الزام سر تي کڻي استعيفا ڏئي هليو آيو هن بناڪنهن بندوق ۽ لٺ کڻڻ جي زبان وراڻي سوال ڪرڻ جي جرئت ڪري، سموري شعوري عمر علم عقل ۽ قلم ساڻ جنگ جوڙي تاريخ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيو هنن چيو ته لياقت عزيز کي اصل پيدا شايد اها نه آهي ته اسان کيس هڪ وڌيڪ خوبصورت يادگيريءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيون بلڪ اها آهي ته تعليم استاد جي اجتماعي آزادي، علم جي سماجي ذميواري، سنڌ دوستي ۽ مزاحمت جي سياسي معنيٰ بابت اهي سوال ٻيهر کڻون جن کي سندس زندگيءَ پنهنجي عمل ۽ فڪر سان اهم بڻايو

ٽنڊو محمد خان ساس پاران پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي ورسي ملهائي وئي

سنڌ يونيورسٽي ۾ عالمي امن ۽ معلومات تائين رسائي جي عالمي ڏينهن جي تقريب

امن،معلومات تائين عوام جي رسائي،ذميوار ميڊيا ۽ ماحولياتي تحفظ تي روشني وڌي وئي

تقريب دوران وڻڪاري مهم پڻ منعقد ڪئي وئي،شاگردن وڻڪاري مهم ۾ ڀرپور حصو ورتو

ڄامشورو(اپ پ) يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو جي ڊپارٽمينٽ آف ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز پاران عالمي امن ۽ معلومات تائين رسائي جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان هڪ آگاهي تقريب منعقد ڪئي وئي،جنهن ۾ امن، معلومات تائين عوام جي رسائي، ذميوار ميڊيا ۽ ماحولياتي تحفظ جي اهميت تي روشني وڌي وئي.تقريب ڊپارٽمينٽ آف ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز جي سربراهه ڊاڪٽر محمد قاسم نظاماڻي،ڊاڪٽر شازيه شيخ جي قيادت ۽ سهڪار سان منعقد ڪئي وئي،جڏهن ته ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر نائڪ رام پڻ تقريب جي حوالي سان پنهنجي سهڪار ۽ خيالن جو اظهار ڪيوتقريب ۾ پروفيسر ڊاڪٽر افاز ملاح، ڊائريڪٽر ڪيمسٽري ۽ ميمبر سنڌ يونيورسٽي سنڊيڪيٽ، ڄامشورو پڻ شرڪت ڪئي ۽ تعليم آگاهي، امن ۽ ماحولياتي ذميواري جي اهميت تي خيالن جو اظهار ڪيو.ڊپارٽمينٽ آف ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز جي سربراهه ڊاڪٽر محمد قاسم نظاماڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته ميڊيا جي شاگردن ۽ صحافين تي وڏي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو صحيح ۽ معتبر معلومات عوام تائين پهچائين، اخلاقي صحافت کي هٿي ڏين ۽ معاشري ۾ امن برداشت ۽ هم آهنگي کي فروغ ڏين.تقريب دوران وڻڪاري مهم پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپارٽمينٽ جي شاگردن ڀرپور حصو ورتو ۽ وڻ پوکڻ ۾ پنهنجو عملي ڪردار ادا ڪيو. شاگردن جي هن سرگرمي جو مقصد ماحولياتي تحفظ بابت شعور اجاگر ڪرڻ ۽ نوجوانن کي ماحول جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ طرف راغب ڪرڻ هو.ڊپارٽمينٽ جي استادن شاگردن کي وڻڪاري جي اهميت بابت آگاهي ڏني. استادن چيو ته وڻ صاف هوا ماحولياتي توازن حياتياتي تنوع ۽ صحتمند مستقبل لاءِ انتهائي ضروري آهن هنن شاگردن تي زور ڏنو ته صرف وڻ پوکڻ تائين محدود نه رهن، پر پوکيل وڻن جي سار سنڀال ۽ حفاظت کي پڻ پنهنجي ذميواري سمجهن سوٽا (SUTA)جي صدر احمد علي بروهي پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ امن، معلومات تائين رسائي، تعليم ۽ ماحولياتي تحفظ جي حوالي سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيوتقريب ۾ استادن ۽ شاگردن گڏجي امن صحيح معلومات تائين رسائي ذميوار ميڊيا، ماحولياتي تحفظ ۽ ذميوار شهريت جي اهميت کي اجاگر ڪيو تقريب جي پڄاڻي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته نوجوان نسل کي هڪ پرامن باخبر ۽ ماحول دوست معاشرو جوڙڻ لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ڄامشورو: ۾عالمي امن ۽ معلومات تائين رسائي جي عالمي ڏينهن جي تقريب دوران ٻوٽا پوکيا پيا وڃن

ملي جو نوجوان شنڪر لال ڪيماڻي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ديهانت ڪري ويو

ملي (ذ-ر) ڪالهه ملي جو نوجوان شنڪر لال ڪيماڻي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد ديهانت ڪري ويو. سندس وارثن شهديو ڪيماڻي، سيٺ بابو ڪيماڻي، لڇمڻ ڪيماڻي، لڇيت ڪيماڻي ۽ ٻين سان تعزيتي سلسلو هلندڙ آهي ۽ جن تڏي تي وڃي تعزيت ڪئي تن ۾ ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو ڪينٽراڇ جاڙيجو همير راجپوت، صحافي ڪالاڻو جاني، ٽنڊلال لوهاڻو نانڪرام ميگهواڙ ڪوشل شرما، وينيش ڀڳت سميت ٻيا به شامل آهن ۽ تعزيتي سلسلو جاري آهي.

ڳوٺ سليمان سومرو جي معزز شخصيت غلام رسول سومرو لاڏاڻو ڪري ويو

ملاڪاتيار (ن ع) ڳوٺ سليمان سومرو جي معزز شخصيت مرحوم سائين غلام حسين سومرو جو فرزند پ ٽ الف تعلقي بلڙي شاهه ڪريم جي صدر سائين محمد بچل سومرو جو ڀاءُ حاجي عبدالرحمان سومرو جو ڀائيجو سجاد سومري جو والد غلام رسول سومرو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 50 ورهين جي ڄمار ۾ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنازي نماز ۾ تر جي ماڻهن معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جن کان علاوه ايم پي اي خرم ڪريم سومرو مولوي حبيب الرحمان سومرو ايڊووڪيٽ عبداللطيف سومرو اقبال سومرو حيدرآباد حاجي مير محمد سومرو ڪي او محمد علي سومرو حاجي يار محمد لاشاري ڪي او سيد وارث شاهه سيد حاجي جميل شاهه سيد جواد شاهه هدايت الله چانگ حارث صبح پوٽو دودو رحيم بخش سومرو حافظ صفيع الله سومرو بچل خاصخيلي ٽائون ڪميٽي بلڙي حافظ فقير محمد مگريو صحافي بچل سليو سيٺ حسين سومرو ڪامريڊ محمد عثمان سومرو اعجاز علي ميمڻ زين العابدين سومرو سڪندر هنگورو صدام حاجاڻو طفيل احمد مگريو عبدو سليو وڏيرو گل حسن رڪڙو محمد طيب رڪڙو جاويد رزاق سومرو مهراڻ پنو سرواڻ پنو عطا احمد مگريو اسدالله سومرو ذيشان ڳنڀير وحيد خاصخيلي تعزيت جو سلسلو مرحوم جي پوين سان ڳوٺ سليمان سومرو ۾ جاري آهي

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات تي ٻاڙائي جو رجحان

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ خميس ڏينهن ڪاروبار جي شروعات تي ٻاڙائي جو لاڙو رهيو ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 915.80 پوائنٽس جي گهٽتائي کانپوءِ هڪ لک 69 هزار 53پوائنٽس تائين پهچي ويو. شروعاتي سيشن ۾ 328.81 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن جي ماليت 9.20 ارب رپيا رهي

عالمي منڊين ۾ ڪچي تيل، سون ۽ زرعي جنسن جي قيمتن ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن ڪچي تيل، سون ۽ ٻين زرعي جنسن جي اگهن ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو بلومبرگ جي رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ جي مستقبل جا سودا 2.11 ڊالر جي اضافي سان 92.53 ڊالر في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ ڪروڊ جا مستقبل جا سودا 2.15 ڊالر جي اضافي سان 100.18 ڊالر في بيرل ۾ طئه ٿيا اسپاٽ گولڊ جو اگهه 4.79 ڊالر جي واڌ سان 4162.20 ڊالر في اونس جڏهن ته چاندي جو اگهه 0.24 ڊالر جي اضافي سان 60.33 ڊالر في اونس ۾ طئه ٿيو زرعي جنسن جي اگهه ۾ اضافي جولاڙو رهيو مڪئي جو اگهه 1.50ڊالر جي اضافي سان 502.25 ڊالر في بشل ، ڪڻڪ 4.25 ڊالر جي اضافي سان 680.00 ڊالر جڏهن ته ڪپهه جو اگهه 0.11 ڊالر جي گهٽتائي سان 79.20 ڊالر ٿي ويو.

مورو واسي پورهيت جو پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن سميت احتجاج

اسانجو نياڻو حاڪم سيال جاني دشمن بڻجي ويو آهي: امداد سيال

پوليس هٿان گرفتار ڪرائي تشدد ڪرايو، اسان جي گهر مان موبائيل فونز وغيره ڦر ڪري ويا

مورو(ن ع) مورو واسي پورهيت جو پنهنجي گهرواري ٻارن سميت نياڻي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو مورو شهر جي الهيار سيال محلا جي رهواسي پورهيت امداد سيال سندس زال نجمه پروين ڪن ٻڪن بشارت، ساجد، سجادعلي سيال مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته اسانجو نياڻو حاڪم سيال،سندس گهر واري، علي رضا سيال شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي اسانجي گهر جون ديوارون ڊاهي ڇڏيون احتجاج ڪرڻ تي اسان مٿان تشدد ڪري مورو پوليس هٿان گرفتار ڪرائي تشدد ڪرايو اسان جي گهر مان موبائيل فونز وغيره ڦر ڪري ويا آهن اسان سندن کي ڪلام پاڪ کڻي واسطا ڏنا پر هنن انهن کي به نه مڃيو جوابدار شرابي بااثر هجڻ سبب پوليس سندن خلاف ڪا ڪارروائي نه ٿي ڪري ڪيترائي ڀيرا پوليس پوليس کي شڪايت ڏني پر ڪا داد رسي نه ٿي آهي اسان مسڪينن جو جيئڻ جنجال بڻيل آهي پيرسن ٻڌايو ته منهنجا پٽ چولا وغيره وڪڻي گذر سفر ڪندا آهيون منهنجي نياڻي کي پڻ تشدد ڪري سندس کي اسان خلاف ڀڙڪائي استعمال ڪري رهيو آهي هنن صوبائي وزير داخلا ضياالحسن لنجار سنڌ هاءِ ڪورٽ آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته بااثر نياڻو حاڪم سيال کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مورو: پورهيت پنهنجي گهرواري ۽ ٻارن سميت احتجاج ڪندي

ڪنڊيارو ويجهو لاڙڪ شاخ اسٽاپ وٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

چڻن ڪرڪيٽ ٽيمن حصو ورتو، ٽورنامينٽ دوران رانديگرن پاران شاندار راند جو مظاهرو

چڻ ٽائيگرز شاندار ڪاميابي حاصل ڪندي فائنل پنهنجي نالي ڪري ورتو، انعام تقسيم

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو ويجهو لاڙڪ شاخ اسٽاپ وٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ علائقي جي چڻن ڪرڪيٽ ٽيمن حصو ورتو ٽورنامينٽ دوران رانديگرن پاران شاندار راند جو مظاهرو ڪيو ويو جڏهن ته فائنل ميچ چڻ ٽائيگرز ۽ مگريا اليون وچ ۾ کيڏي وئي فائنل ميچ ۾ چڻ ٽائيگرز جي ٽيم پهريان بيٽنگ ڪندي مقرر ڇهن اوورن ۾ شاندار بيٽنگ جو مظاهرو ڪندي 72 رنسون ٺاهيون ۽ مگريا اليون کي ڪاميابي لاءِ 73 رنسن جو هدف ڏنو هدف جي تعاقب ۾ مگريا اليون جا رانديگر چڻ ٽائيگرز جي بالرن سامهون گهڻو وقت بيهي نه سگهيا ۽ پوري ٽيم صرف 37 رنسن تي آل آئوٽ ٿي وئي اهڙيءَ طرح چڻ ٽائيگرز شاندار ڪاميابي حاصل ڪندي فائنل پنهنجي نالي ڪري ورتو فائنل ميچ ۾ شاندار بيٽنگ ذريعي وڌيڪ رنسون ٺاهڻ تي آصف چڻ کي مين آف دي ميچ جو انعام ڏنو ويو جڏهن ته شاندار بالنگ ڪندي وڌيڪ وڪيٽون حاصل ڪرڻ تي آغا بلال کي پڻ مين آف دي ميچ جي انعام سان نوازيو ويو تقريب دوران ٽورنامينٽ جي انتظاميا پاران ٻنهي ٽيمن جي ڪپتانن کي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. فاتح ٽيم چڻ ٽائيگرز جي ڪپتان آغا بلال کي ونر ٽرافي ۽ روڪ انعام ڏنو ويو جڏهن ته رنر اپ ٽيم مگريا اليون جي ڪپتان غلام مگريو کي رنر اپ ٽرافي پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي ٽورنامينٽ انتظاميا رانديگرن جي راند، نظم ۽ جذبي کي ساراهيندي چيو ته اهڙين راندين جي سرگرمين سان نوجوانن کي صحتمند ماحول فراهم ٿيڻ سان گڏ سندن صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جا موقعا پڻ ملن ٿا. رانديگرن ۽ شوقينن پاران ٽورنامينٽ جي ڪامياب انعقاد تي انتظاميا کي ساراهيو ويو

مورو پرسان ڳوٺ رحيم چنڊ جي رهواسي نابين جو احتجاج

مورو(ن ع) مورو پرسان ڳوٺ رحيم چنڊ جي رهواسي اکين کان نابين غلام رسول سهتو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي پيءُ 8 مهينا اڳ ۾ زرعي زمين علي گل ماڇي کي وڪرو ڪري ڏني هئي جنهن ڪانپوءِ منهنجا سوٽ فوجي عبدالفتاح سهتو پوليس اهلڪار شاهد سهتو جيڪي مونکي هر روز وردي جو ناجائز فائدو وٺي سرڪاري هٿيار کڻي مونکي موتمار ڌمڪيون ڏئي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ حراسان ڪري رهيا آهن ۽ منهنجي رهيل زرعي زمين ۽ وڪرو ڪيل زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن آئون غريب مسڪين يتيم پورهيت آهيان ڪجهه مهينا اڳ ۾ منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو آهي جن پنهنجي حياتي ۾ اها زرعي زمين کپائي هئي هن صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار آئي جي سنڌ پوليس ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو آهي ته پوليس اهلڪار شاهد سهتو فوجي عبدالفتاح سهتو خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪري مونکي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سڄاول شهر ڪنڊرات ۾ تبديل، ترقياتي بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهڻ جو الزام، احتجاج جو اعلان

شهر هن وقت ڪنڊرات جو ڏيک ڏئي رهيو آهي، ترقي لاءِ ايندڙ بجيٽ مبينا طور ڪرپشن جي ور چڙهي رهي آهي: جي يو آئي

قديمي جلال شاهه بخاري قبرستان ۾ گٽرن جو پاڻي داخل ٿي رهيو آهي، جنهن سبب قبرن کي نقصان پهچي رهيو آهي

دڙي ويجهو فائرنگ واري واقعي ۾ فوت ٿيل نياڻي مرڪ ميمڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن

سڄاول (ذ ر) جمعيت علماءِ اسلام يونٽ سٽي سڄاول جو اهم اجلاس ٿي گذريو جنهن ۾ ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس کي مولانا غلام حسين ميمڻ مولانا محمد انور سومرو، مولوي اشرف ميمڻ ۽ وارڊ نمبر 5 جي ڪائونسلر مولوي حسن قاسمي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سڄاول شهر هن وقت ڪنڊرات جو ڏيک ڏئي رهيو آهي جڏهن ته شهر جي ترقي لاءِ ايندڙ بجيٽ مبينا طور ڪرپشن جي ور چڙهي رهي آهي هنن چيو ته سڄاول جو قديمي جلال شاهه بخاري قبرستان ۾ گٽرن جو پاڻي داخل ٿي رهيو آهي جنهن سبب قبرن کي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ شهرين کي پنهنجن پيارن جي تدفين دوران سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته بخاري قبرستان مان گٽرن جو پاڻي فوري طور نيڪال ڪري گٽر نالي کي تعمير ڪرايو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته شهر جي مختلف وارڊن ۾ اڃا تائين پيئڻ جو پاڻي فراهم نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب شهرين جون پريشانيون وڌي ويون آهن اڳواڻن چيو ته دڙي ويجهو فائرنگ واري واقعي ۾ فوت ٿيل نياڻي مرڪ ميمڻ جي قتل ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، ٻي صورت ۾ ايندڙ ڪجهه ڏينهن اندر گرفتاريون عمل ۾ نه آنديون ويون ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

سوڀوديرو تعلقي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو، ڊينگي ۽ مليريا جا مرض ڦهلجڻ جو خدشو

گندگي، بيٺل پاڻي ۽ صفائي جي ناقص انتظامن سبب مڇرن جي افزائش ۾ اضافو، شهري سخت پريشان

رات جي وقت مڇرن جي شديد آزار سبب ٻار، عورتون، بزرگ ۽ عام شهري سخت متاثر، راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور

سوڀوديرو جي مختلف علائقن ۾ فوري طور مڇرن خلاف اسپري ۽ فوگنگ ڪرائي، بيٺل پاڻي ۽ گندگي جو خاتمو ڪيو وڃي: شهري

سوڀوديرو(ن ع)سوڀوديرو تعلقي ۾ مڇرن جو آزار وڌي ويو شهرين ۾ مختلف بيمارين جو خدشو رپورٽ مطابق تعلقي سوڀوديرو جي مختلف علائقن ۾ مڇرن جو آزار ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي، جنهن سبب شهرين کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي گندگي، بيٺل پاڻي ۽ صفائي جي ناقص انتظامن سبب مڇرن جي افزائش ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، جڏهن ته مڇرن جي وڌندڙ تعداد سبب مليريا، ڊينگي ۽ ٻين بيمارين پکڙجڻ جو خدشو پڻ وڌي ويو آهي ان حوالي سان شهرين جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي علائقن ۾ ڊگهي عرصي کان مڇرن خلاف اسپري ۽ فوگنگ نه ٿيڻ ڪري صورتحال خراب ٿي وئي آهي رات جي وقت مڇرن جي شديد آزار سبب ٻار، عورتون، بزرگ ۽ عام شهري سخت متاثر ٿي رهيا آهن شهرين ۽ سماجي اڳواڻن صحت کاتي ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته تعلقه سوڀوديرو جي مختلف علائقن ۾ فوري طور مڇرن خلاف اسپري ۽ فوگنگ ڪرائي، بيٺل پاڻي ۽ گندگي جو خاتمو ڪيو وڃي، جيئن بيمارين جي پکڙجڻ کي روڪي سگهجي،ٻئي پاسي هيلٿ کاتي نااهلي جو ثبوت ڏيندي علائقي جي ڊاڪٽر کي چپ رهڻ جو ڊس ڏئي ڇڏيو آهي ته جي آيل ڪروڙين رپيا هڙپ ڪري سگهن جڏهن ته زهريلي مڇرن سڪڙ ڏنگيلن جا مريضن جون تعلقي جي سب اسپتالن ڀريون پيون آهن

ڪڏڙو ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سنجهورو جي اڳواڻي ۾ حددخلين خلاف آپريشن، اڏاوتون ڊاهي پٽ

حددخلين خلاف آپريشن دوران سانگهڙ-نوابشاهه مين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ريڙها، ڪيبنون ۽ ڇپرا هٽايا ويا

مين روڊ تي حددخلين سبب پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ عام شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: اي سي

دڪاندارن کي روڊ جي ٻنهي پاسن کان حدون مقرر ڪري نشان لڳايا ويا آهن ۽ کين وارننگ پڻ ڏني وئي آهي، هاڻي رعايت نه ڏيندي

ڪڏڙو(ن ع)ڪڏڙو شهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سنجهورو ياسين عباسي جي اڳواڻي ۾ حددخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو، جنهن دوران سانگهڙ-نوابشاهه مين روڊ جي ٻنهي پاسن کان ريڙها، ڪيبنون ۽ ڇپرا هٽايا ويا آپريشن ۾ مختيارڪار سنجهورو امجد ڏاهري ۽ ٽائون ڪميٽي ڪڏڙو جي چيئرمين نياز حسين جوڻيجو پڻ ساڻس گڏ هئا. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اسسٽنٽ ڪمشنر ياسين عباسي چيو ته مين روڊ تي حددخلين سبب روزانو روڊ حادثا پيش اچن ٿا، جڏهن ته پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ عام شهرين کي اچ وڃ ۾ سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته دڪاندارن کي روڊ جي ٻنهي پاسن کان حدون مقرر ڪري نشان لڳايا ويا آهن ۽ کين وارننگ پڻ ڏني وئي آهي ايندڙ ڪجهه ڏينهن اندر ڪرين مشينن جي مدد سان باقي حددخلين ختم ڪرايون وينديون اسسٽنٽ ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ڪڏڙو شهر جي مک بازار سميت ٻين علائقن ۾ به حددخلين خلاف ڪارروائيون تيز ڪيون وينديون جيئن شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رهي ۽ عوام کي اچ وڃ ۾ سهولت فراهم ٿي سگهي

مانجهند پرسان ڳوٺ جادو خان جوکياڻي ۾ مظاهرو

پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي

منشيات جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو پر مانجهند پوليس پٺي لاءِ ٻيهر تنگ پئي ڪري: مظاهرين

مانجهند(ن ع) مانجهند پرسان ڳوٺ جادو خان جوکياڻي ۾ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ سال پهريان سندن عزيز گلشير ڪوسو منشيات جو ڪاروبار بند ڪري لکت ۾ مانجهند ٿاڻي تي قسم نامو پڻ جمع ڪرايو هو ته ضمير جي ملامت کان پوءِ منشيات جو ڪڌو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو آهي پر مانجهند پوليس پٺي لاءِ ٻيهر تنگ ڪري رهي آهي جنهن انتقام ۾ ڪيترائي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته مانجهند پوليس جو هڪ اهلڪار مبينا طور ڪانٽس منشيات جو پئو طلب ڪري رهيو آهي، گلشير جوکياڻي ڪوسو الزام لڳائيندي چيو ته مانجهند پوليس جا ڪجهه اهلڪار منشيات جي مبينا ڪاروبار کي هلائڻ لاءِ پيا وصول ڪن ٿا، ڳوٺاڻن ايس ايس پي ڄامشوري ۽ وس وارن کان اپيل ڪندي چيو ته الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

مانجهند: ڳوٺ جادو خان جوکياڻي جا رهواسي پوليس زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

سنڌ يونيورسٽي جي ميوزڪ سوسائٽي طرفان ٻه روزه ميوزڪ ٽرائلز تقريب

ڄامشورو(اپ پ) سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) چيو آهي ته ڪنهن به معاشري جي ثقافتي سڃاڻپ، تخليقي صلاحيتن جي عڪاسي ۽ فڪري اوسر ۾ آرٽ ۽ موسيقي جو اهم ڪردار آهي، جن ذريعي امن جو پيغام عام ڪري ۽ شدت پسندي جي اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو اهڙن خيالن جو اظهار هن سنڌ يونيورسٽي جي ميوزڪ سوسائٽي طرفان منعقد ڪيل ٻه روزه ميوزڪ ٽرائلز جي تقريب ۾ خصوصي مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو آرٽ فيڪلٽي جي شيخ اياز آڊيٽوريم ۾ منعقد ڪيل هن پروگرام کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر وڌيڪ چيو ته موسيقي روح جي غذا آهي، جنهن ذريعي نه رڳو تفريح فراهم ٿئي ٿي پر تعليمي ادارن اندر اهڙين سرگرمين سان نوجوانن ۾ تخليقي سوچ ۽ اعتماد ۾ به اضافو ٿئي ٿو هن چيو ته ميوزڪ سوسائٽي طرفان هي ٽرائلز وٺڻ جو مقصد شاگردن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جو موقعو فراهم ڪرڻ ۽ سندن خود اعتمادي وڌائڻ سان گڏ اهڙي سليڪٽيڊ ٽيم تيار ڪرڻ آهي جيڪا يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ پنهنجو فن پيش ڪري سگهي هن چيو ته سنڌ جي شاندار ثقافتي ورثي، لوڪ موسيقي ۽ فنون لطيفه کي سنڀالڻ ۽ پروموٽ ڪرڻ اسان جي گڏيل ذميواري آهي هن ٽرائلز ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جي صلاحيتن کي داد ڏيندي چيو ته هن قسم جون سرگرميون معاشري ۾ امن رواداري ۽ ثقافتي هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون وائيس چانسلر ميوزڪ سوسائٽي جي ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي ته هن قسم جا پروگرام يونيورسٽي ۾ صحتمند سرگرمين کي هٿي ڏيندا.پهرين ڏينهن جي ميوزڪ ٽرائلز جي تقريب ۾ شاگردن امجد علي، دولت راءِ، پريسا بتول، نور فاطمه چانڊيو،امر فرول بينظير درس، صدف دعا، اقصيٰ پيرزادي، ڊانيه حيدن، ثوبيه پرٽ ، ڪميل ڏاهري،ماهين ۽ ٻين نهايت ئي خوبصورت انداز ۾ گيت پيش ڪري پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪيو هن تقريب ۾ فيڪلٽي آف آرٽس جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر محمد خان سانگي فيڪلٽي آف سوشل سائنسز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نائڪ رام ڊائريڪٽر اسٽيگس اجويد احمد پلي، ميوزڪ ڪميٽي جي ميمبرن ڊاڪٽر سعيد احمد منگي ڊاڪٽر پنهل خان لاشاري، انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ ڊزائين جي استاد نعمت الله خلجي ناميارو راڳي استاد امير علي خان سميت شاگردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ڳڏيجي جي پرسان قومي شاهراهه تي ڏينهن ڏٺي جو ڦر

پوسٽ ماسٽر محمد اعظم سولنگي موٽرسائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ٿي

ڏينهن ڏٺي جو قومي شاهراهه تي ڪوبه محفوظ نه آهي، ايڪشن کنيو وڃي: مظاهرين

ڳڏيجي (ن ع)ڳڏيجي جي پرسان شاهه جي مشين قومي شاهراهه تي ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم هٿيارٻندن نوجوان وڪيل عبدالصمد سولنگي جو والد پاڪستان پوسٽل سروس سکر ڊويزن جي صدر ۽ پوسٽ ماسٽر راڻي پور محمد اعظم سولنگي هنگورجا کان راڻي پور ويندي موٽرسائيڪل روڪ رقم ڦر ڪئي هٿيارٻندن سان مزاحمت ڪرڻ تي محمد اعظم سولنگي کي رتورت ڪري ٽريل موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي ويا جنهن کي علاج لاءِ مقامي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو اطلاع ملڻ تي وڪيل ۽ سولنگي برادري طرفان ڦر واقعي خلاف سابقه ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت امداد سولنگي،وڪيل امجدجاموڙو،آصف جاموڙو،نائب سولنگي،راشد علي،پرويزجوڻو،ڏٽي بخش ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾قومي شاهراهه تي رڪاوٽون قائم ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن سبب قومي شاهراهه تي گاڏين جون قطارون لڳي ويون ان موقعي تي هنن چيو ته ڏينهن ڏٺي جو قومي شاهراهه تي ڪوبه محفوظ نه آهي اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او هنگورجا اقبال نون وڪيلن سان ڳالهيون ڪري قومي شاهراهه کولرايو ۽ کين کي يقين ڏياريو ته ڌوهارين کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو

ڳڏيجي: قومي شاهراهه تي ڏينهن ڏٺي ڦر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻو پوليس پاران مبينا پوليس مقابلو، هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ

لاڙڪاڻو (اي پي پي)لاڙڪاڻو پوليس مبينا پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪيا آهن تفصيل مطابق پوليس ترجمان موجب رحمتپور ٿاڻي جي حد پير مراد شاهه واري علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس ۽ ڏوهه جي ارادي سان بيٺل ڌاڙيل آمهون سامهون ٿي پيا، مقابلي دوران ٻه طرفي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ 30 بور پسٽل سميت گرفتار ڪيو ويو آهي.زخمي حالت ۾ گرفتار ٿيل ڌاڙيل جي سڃاڻپ رتوديرو جي رهواسي سعيد جلباڻي جي طور ٿي آهي.شروعاتي جاچ ۽ حاصل ٿيل معلومات موجب ڄاڻايل ڌاڙيل لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ سنگين ڏوهن ۽ ڪيسن ۾ ملوث آهي،فرار ٿيل ڌاڙيلن جي گرفتاريءَ لاءِ پوليس پاران سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي

مڪمل ۽ نيم تيار ٿيل گاڏين جي ملڪي اپورٽ ۾ آگسٽ 2026ع دوران 1.75 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)ملڪ ۾ مڪمل ۽ نيم تيار ٿيل گاڏين جي ملڪي اپورٽ ۾ آگسٽ 2026ع دوران 1.75 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي پي بي ايس مطابق ان عرصي دوران اپورٽ جي ماليت 168 ملين ڊالرن تائين گهٽجي وئي جڏهن ته آگسٽ 2025ع دوران مڪمل ۽ نيم تيار ٿيل گاڏين جي اپورٽ جي ماليت 171 ملين ڊالرز رهي اهڙيءَ ريت آگسٽ 2025ع جي قومي اپورٽ ۾ 3 ملين ڊالرن يعني 1.75 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي

سڄاول ۾ پهريون پيرو پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ ٽورنامينٽ شروع

پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ ٽورنامينٽ ۾ نوجوان ڪرڪيٽرن جي صلاحيتن جو مظاهرو

اهڙن مقابلن سان ضلعي جي باصلاحيت رانديگرن کي اڳتي اچڻ جا بهتر موقعا ملندا: نوجوان

سڄاول (ذ ر) سڄاول ضلعي ۾ پهريون پيرو پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ (PCB)جي اهتمام هيٺ پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ ٽورنامينٽ جو باقاعده آغاز ڪيو ويو. ايريگيشن ڪالوني ڪرڪيٽ گرائونڊ سڄاول ۾ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر سڄاول سعيد احمد لغاري ٽورنامينٽ جو افتتاح ڪيو جڏهن ته پيپلز پارٽي اڳواڻ عبداللطيف ميمڻ سميت ٻين شخصيتن ۽ ڪرڪيٽ سان لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي ٽورنامينٽ جي پهرين مرحلي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول چيچ جهان خان ۽ سڄاول جون ٽيمون آمهون سامهون ٿيون، جتي نوجوان رانديگرن پاران پنهنجي ڪرڪيٽ جون صلاحيتون پيش ڪيون ويون پي سي بي ٽيلنٽ هنٽ جو مقصد سڄاول ضلعي مان باصلاحيت نوجوان ڪرڪيٽرن جي چونڊ ڪري کين اڳتي وڌڻ ۽ وڏي پليٽ فارم تي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوچ گلريز صدف پاران ٽورنامينٽ ۾ حصو وٺندڙ نوجوان رانديگرن جي رهنمائي ۽ تربيت ڪئي وئي نوجوان ڪرڪيٽرن پي سي بي پاران سڄاول ۾ ٽيلنٽ هنٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪرائڻ کي ساراهيندي چيو ته اهڙن مقابلن سان ضلعي جي باصلاحيت رانديگرن کي اڳتي اچڻ جا بهتر موقعا ملندا. تقريب ۾ شفيع محمد ٻارڻ اشرف شاعر طفيل ٽيمڙو عبدالواحد کٽي زبير جعفراڻي شڪيل پان سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

دولتپورصفن لڳ فاريسٽ آفيسر ڪنڊاهه ٻيلي ۾ لهي پيا

سرڪاري ٻيلي جي زمين تي سرنهن جي فصل کي اسپري ڪري تباهه

سرڪاري زمين مٿان ڪنهن به صورت ۾ قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين: فاريسٽ آفيسر

دولتپورصفن(ن ع) فاريسٽ آفيسر سب ڊويزن ضلع شهيد بينظير آباد محمد يونس چانڊيو ڊويزنل آفيسر عبدا الفتاح کوسو جي سخت هدايتن تي عبدالخالق کوسو اختر ڪوريجو وارث ڪلوئي جي اڳواڻي هيٺ ڊي ايس پي لاڪاٽ محمود اختر آرائين ايس ايچ او دولت پور قربان راڄپر ايس ايچ او علي آباد مغل خان سيال ايس ايچ او پيجو جي وڏي نفري ساڻ ڪري دولت پور ڪنڊاهه ٻيلي ۾ لهي پيا ۽ سرڪاري زمين مٿان بااثر ماڻهن امتياز هاليپوٽو ممتاز هاليپوٽو گيدو اولو ۽ ٻين پاران سرڪاري زمين مٿان زبردستي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سرڪاري ٻيلي جي زمين تي سرنهن جي ڇٽ ڪرائي جيڪا فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جي ماڻهن پوليس جي اڳواڻي ۾ زهريلي دوا جو اسپري ڪري تباهه ڪري ڇڏيو ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب دولت پور جي ٽيم سان ڳالهائيندي فاريسٽ آفيسر محمد يونس چانڊيو ٻڌايو ته سرڪاري زمين مٿان ڪنهن به صورت ۾ قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين اگر ڪنهن به آبادگار سرڪاري زمين مٿان قبضو ڪري ڪوبه فصل ڪاهيو ته ان خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 02 آڪٽوبر 2026ع

ڪي پي ۾ امن امان، سياسي ڇڪتاڻ ۽ آئيني اختيارن جو سوال

خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي خراب ٿيندڙ صورتحال، دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن ۽ وفاقي توڙي صوبائي حڪومتن وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ ملڪ جي سياست ۾ اهم بحث کي جنم ڏنو آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي وچ ۾ ٿيل اهم ملاقات کان پوءِ صوبي جي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مختلف آئيني ۽ قانوني اختيارن تي غور ڪرڻ جون خبرون سامهون آيون آهن. انهن اختيارن ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو معاملو پڻ شامل آهي، ٻئي طرف وفاقي حڪومت ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف وچ ۾ پس پرده رابطن جي تصديق کان پوءِ اهو به واضح ٿيو آهي ته سياسي اختلافن باوجود ڳالهين جا دروازا مڪمل طور بند ناهن ٿيا. اهڙي صورتحال ۾ بنيادي سوال اهو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ امن امان جي بحالي، عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ آئيني نظام جي مضبوطيءَ لاءِ ڪهڙو رستو اختيار ڪيو وڃي. وزيراعظم پاران ڪنهن به اهم فيصلي کان اڳ صدر آصف علي زرداري کي اعتماد ۾ وٺڻ جو فيصلو به ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته معاملي کي رڳو انتظامي مسئلي طور نه پر هڪ اهم سياسي ۽ آئيني معاملي طور ڏٺو پيو وڃي. خيبرپختونخوا ملڪ جو اهڙو صوبو آهي، جنهن کي ڪيترن ئي سالن کان دهشتگردي، بدامني ۽ امن امان جي مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. ڪوهاٽ ۽ ڊيرا اسماعيل خان سميت مختلف علائقن ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا نه رڳو انساني جانيون ضايع ڪن ٿا پر مقامي ماڻهن جي روزمره زندگي، واپار، تعليم ۽ روزگار کي به متاثر ڪن ٿا. اهڙي ماحول ۾ عوام جي پهرين گهرج امن، تحفظ ۽ هڪ اهڙي حڪومت آهي، جيڪا پنهنجي آئيني ذميوارين کي پوري سنجيدگيءَ سان نڀائي. امن امان جي خراب صورتحال تي صوبائي حڪومت کان جواب طلب ڪرڻ وفاق جو حق آهي، پر وفاقي حڪومت تي پڻ اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اها دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ صوبائي حڪومت سان گڏجي واضح ۽ اثرائتي حڪمت عملي جوڙي. قومي سلامتيءَ جي معاملي تي وفاق ۽ صوبي وچ ۾ ڇڪتاڻ بدران سهڪار جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي صلاحيت وڌائڻ، انٽيليجنس معلومات جي مٽا سٽا، سرحدي نگراني، متاثر علائقن جي بحالي ۽ دهشتگرديءَ کان متاثر خاندانن جي مدد کي اوليت ڏيڻ گهرجي. گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو معاملو انتهائي حساس آهي. آئين ۾ اهڙين حالتن لاءِ گنجائش موجود هجڻ جو مطلب اهو ناهي ته انهن اختيارن کي سياسي اختلافن جي حل لاءِ استعمال ڪيو وڃي. اهڙي فيصلي جا جمهوري نظام، صوبائي خودمختياري ۽ وفاقي لاڳاپن تي پوندڙ اثر پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجن. گورنر راڄ جهڙو قدم جيڪڏهن سياسي ٽڪرار وڌائڻ جو سبب بڻيو ته ان سان صوبي جي انتظامي مسئلن ۾ وڌيڪ پيچيدگيون پيدا ٿي سگهن ٿيون.

وفاقي حڪومت ۽ تحريڪ انصاف وچ ۾ گذريل پندرهن کان ويهن ڏينهن دوران پس پرده ڳالهين جي تصديق وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءُ الله ڪئي آهي. سندس چوڻ موجب، ڳالهين دوران پيش ڪيل ڪجهه مطالبا قبول ڪرڻ ممڪن ناهي. هن اهو پڻ چيو آهي ته صوبائي حڪومت کي آئيني حدن اندر رهي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڳالهين جي تفصيلن کي ڳجهو رکڻ سياسي عمل جو حصو ٿي سگهي ٿو پر جيڪڏهن ڳالهين جو مقصد ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ گهٽائڻ آهي ته پوءِ ٻنهي ڌرين کي لچڪ، سنجيدگي ۽ ذميواريءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. سياسي اختلافن جو حل سياسي ڳالهين، پارلياماني عمل ۽ آئيني ادارن وسيلي ڳولڻ ئي جمهوري روايتن سان ٺهڪي اچي ٿو.

يونيورسٽيون، سياحت ۽ علميت

محمود شام

اڄڪلهه علم، تحقيق ۽ سائنس جي اهميت ۽ ماڻهن جو انهن تي اعتماد خطري ۾ پئجي رهيو آهي. اهڙي نازڪ وقت ۾ يونيورسٽين کي گهرجي ته اهي نئين علم ۽ تحقيق جا مرڪز بڻجي پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪن. سائنس جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ سماج ۾ غلط ڳالهين ۽ پوئتي سوچ خلاف مزاحمت پيدا ڪرڻ به تعليمي ادارن جي ذميواري آهي. اِهو ئي پيغام هڪ عالمي شهرت رکندڙ پاڪستاني نسل جي 58 ورهين جي سائنسدان، ڊاڪٽر نرگس ماول واﻻ، ڏنو آهي. سندس ڪراچيءَ جو ڪجهه ڏينهن وارو دورو يونيورسٽين جي استادن، تحقيق ڪندڙن ۽ تعليم جي ماهرن لاءِ هڪ اهڙو موقعو بڻيو، جنهن کين پنهنجي سوچ ۽ ڪم بابت ٻيهر غور ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ڊاڪٽر نرگس پاڪستاني آهي. هوءَ لاهور ۾ پيدا ٿي ۽ ڪراچيءَ ۾ وڏي ٿي. پوءِ جڏهن هوءَ آمريڪا وئي ته اُتي سندس سائنسي صلاحيتون وڌيڪ نروار ٿيون. هن ڪائنات ۽ آسمان جي رازن کي سمجهڻ لاءِ تحقيق شروع ڪئي ۽ اهڙن سائنسدانن سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليس، جيڪي ستارن، سيارن ۽ ڪائنات جي دنيا تي تحقيق ڪندا رهن ٿا. هڪ اهڙي تهذيب ۾ پيدا ٿيندڙ نرگس، جيڪا هزارين سال پراڻي تاريخ رکي ٿي، کيس خلا ۽ ڪائنات کي سمجهڻ جو شوق آمريڪا جهڙي جديد سائنسي ماحول ۾ وڃي اڃا وڌيڪ وڌيو. پوءِ هوءَ ڪشش ثقل جي لهرن (Gravitational Waves) تي تحقيق ڪرڻ لڳي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ سندس ليڪچر ٻڌڻ کانپوءِ شاگردن، شاگردياڻين ۽ استادن کي اِهو احساس ٿيو ته کين پنهنجي محدود سوچ کان ٻاهر نڪري، دنيا ۽ ڪائنات کي وڌيڪ وسيع نظر سان ڏسڻ گهرجي.

پرے ہے چرخ نیلی فام سے منزل مسلماں کی
ستارے جس کی گرد راہ ہوں وہ کارواں تو ہے

مسلمان ته اقبال جي ڪلام جي هن روح کي گهٽ ٿي سمجهن ٿا، پر غير مسلم انهن پيغامن تي ڌيان ڏين ٿا. ستارن کان اڳتي جهانن ۾ تحقيق جو سفر انسانيت جي معراج آهي. حبيب يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ ڊاڪٽر نرگس جي ليڪچر جو موضوع هو: 'دريافت جي خوشي، تجسس، سائنس ۽ يونيورسٽين جو اهم ڪردار' هتي هال تعليم جي ماهرن، سائنس سان دلچسپي رکندڙ ماڻهن، استادن ۽ شاگردن سان ڀريل هو. خلا جون حيرتون، سيارن جون گردشون ۽ ڪائنات جون سرگوشيون پنهنجي جاءِ تي، پر مون کي اُن عورت جي اها ڳالهه وڌيڪ اهم لڳي، جنهن ۾ هن يونيورسٽين جي اڳواڻي واري ڪردار کي اجاگر ڪيو. اسان ته ڪيترن ئي سالن کان سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين کي سندن قومي ۽ عالمي ذميوارين جو احساس ڏياريندا پيا اچون. پر اسان جون ڳالهيون اڪثر بي اثر ثابت ٿين ٿيون. سرڪاري يونيورسٽين جي استادن جا پنهنجا مسئلا آهن. جهڙوڪ پگهارون، پينشن ۽ رٽائرمينٽ جا مسئلا. اِهي مسئلا شايد ان ڪري حل نٿا ڪيا وڃن، ته جيئن استاد انهن ئي مسئلن ۾ ڦاٿل رهن ۽ علمي ڪم تي ڌيان نه ڏئي سگهن. خانگي يونيورسٽيون هر وقت تعليم کي ڪاروبار بڻائڻ لاءِ تيار نظر اچن ٿيون. ملڪ اندر ملندڙ اسڪالرشپون هاڻي تقريباً ماضيءَ جي ڳالهه بڻجي ويون آهن. جڏهن ته پرڏيهي اسڪالرشپون به ڄڻ ڪاروبار بڻجي ويون آهن. وفاقي ۽ صوبائي تعليم جا کاتا به ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان اسڪالرشپون پنهنجي پسنديده خاندانن کي ڏياري ڇڏين ٿا.

پاڪستان جي سماجي، معاشي ۽ علمي پسماندگي سبب ماڻهن ۾ جيڪا مايوسي پيدا ٿي آهي، اها منهنجي نظر ۾ سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه آهي. آئون تعليمي ادارن ۾ يونيورسٽين سان گڏ ديني مدرسن ۽ ميڊيا ادارن کي به شامل سمجهان ٿو. انهن سڀني ادارن جي ڪوتاهين سبب پاڪستان جي هر عمر جي ماڻهن ۾ اِهو احساس پيدا ٿي ويو آهي ته هتي حالتون ڪڏهن به بهتر نٿيون ٿي سگهن. ماڻهن کي لڳي ٿو ته ڪو به ادارو يا اڳواڻ ملڪ جون حالتون بدلائڻ ۾ دلچسپي نٿو رکي. اسان جا دانشور سڀ ڪجهه سمجهن ٿا ۽ پاڻ ۾ انهن ڳالهين تي بحث به ڪن ٿا. انهن کي اِها به خبر آهي ته جيڪڏهن حالتون ائين ئي رهيون ته ان جا خراب نتيجا سندن پنهنجي اولاد کي به ڀوڳڻا پوندا. پر يونيورسٽين ۾ جيڪڏهن ڪو استاد يا شاگرد انهن مسئلن ۽ سببن جي ڳالهه ڪري ٿو ته سندس پنهنجا ساٿي ئي کيس روڪي ڇڏين ٿا يا ان جي نشاندهي ڪن ٿا.

انٽرنيٽ اچڻ سان صورتحال ڪجهه تبديل ٿي آهي. سوشل ميڊيا تي سچ صرف ڳالهايو ئي نٿو وڃي، پر ماڻهن تائين پهچايو به وڃي ٿو. مصنوعي ذهانت ته هڪ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. اِها ماڻهن جي خيالن ۽ خدشن کي حقيقي شڪل ڏئي رهي آهي، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن ان کان به وڌيڪ خوفناڪ منظر ناهي رهي آهي. سماج ۾ اڳواڻن ۽ ادارن تان ماڻهن جو اعتماد آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهي. اهڙي افراتفري ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال ۾ دانشورن جو ڪردار وڌيڪ اهم ٿي وڃي ٿو. تعليمي ادارن کي سرگرم رکڻ وقت جي ضرورت آهي. استادن کي گهرجي ته هُو سنجيدگيءَ سان سوچين ۽ غور ڪن. سياستدان ۽ حڪمران پهرين جيڪي چاهين ڪندا رهن، پر تحقيق ۽ تربيت ڪرائڻ يونيورسٽين جي بنيادي ذميواري آهي. يونيورسٽين جي ڪردار تي عالمي سياحت واري ڏينهن جي موقعي تي ٿيل هڪ مذاڪري ۾ به ڳالهه ٻولهه ٿي. هڪ بينڪر چيو ته پاڪستان ۾ اڃا تائين ڪٿي به سياحت جي موضوع تي پي ايچ ڊي ناهي ڪرائي وئي. اِهو هن ملڪ جو بدقسمتيءَ وارو پاسو آهي. جنهن کي الله پاڪ بي حساب قدرتي حُسن سان نوازيو آهي.

پاڪستان ۾ ايتريون سياحتي جايون آهن، جو جيڪڏهن لاڳاپيل وزير ۽ آفيسر ايمانداريءَ سان سياحت تي ڌيان ڏين ته ايتري آمدني ٿي سگهي ٿي، جو ملڪ جا قرض به لاهي سگهجن ٿا. پر وفاقي هجي يا صوبائي حڪومت، سياحت کي گهٽ اهميت ڏني وڃي ٿي. سياحت واري وزير ۽ سيڪريٽري جي به اڪثر اِها ئي ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن ٻئي کاتي ۾ بدلي ٿي وڃن. پر سنڌ جي سياحت، ثقافت ۽ آثارِ قديمه واري وزير سيد ذوالفقار علي شاهه کي جيڪو به عهدو مليو، هُو اُن ۾ پوري دلچسپي وٺي اُن کي اهم بڻائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان سان گڏ سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن لاءِ سيد فياض علي شاهه جهڙو سرگرم ايم ڊي به مليو آهي. ان ڪري سنڌ جي تاريخي، روحاني ۽ سياحتي ماڳن تي ملڪ توڙي پرڏيهه کان سياحن جي اچ وڃ وڌي آهي. پاڪستان هن وقت دهشتگردي، افراتفري ۽ سياسي ۽ آئيني بحرانن جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ سياحت کي وڌائڻ لاءِ وڌيڪ ڌيان ۽ محنت جي ضرورت آهي. هن پيري عالمي سياحت جو ڏينهن سنڌ ۾ هڪ مختلف انداز سان ملهايو ويو. سنڌ ۾ سياحت سان لاڳاپيل اهم آفيسس ڪاروباري ماڻهو ۽ اهي سڀ ماڻهو جيڪي سنڌ ۾ سياحت وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، قائداعظم هائوس ۾ گڏ ٿيا. سياحت ۽ ثقافت جي سيڪريٽري ڪان سواءِ بئنڪن، IATA، ٽريول ايجنٽن ۽ خاص طور تي خواجا جهانزيب به شرڪت ڪئي. هن مذاڪري جو اهتمام يقيناً سيد فياض علي شاهه جي هڪ منفرد ڪوشش هئي. هن سال گڏيل قومن به عالمي سياحت واري ڏينهن لاءِ هڪ اهم موضوع رکيو هو: 'ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت جي مدد سان سياحت کي نئين سر منظم ۽ بهتر بڻائڻ' سڀئي شرڪت ڪندڙ ان ڳالهه تي متفق هئا ته پاڪستان، خاص طور تي سنڌ ۾، هر قسم جي سياحت لاءِ ڪيترين ئي جايون موجود آهن. پر حڪومت ۽ خانگي شعبي کي وڌيڪ منصوبابندي ۽ ڌيان ڏيڻ گهرجي. IATAجي نمائندي سنڌ ۾ هوائي ٽڪيٽن ۽ بين ٽيڪسن کي ختم ڪرڻ تي زور ڏنو. شرڪت ڪندڙن چيو ته ملڪي ۽ پرڏيهي سياحن کي موبائل فون تي مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌ جي سياحتي ماڳن بابت مڪمل معلومات ملڻ گهرجي. مثال طور ٽڪيٽ جي قيمت، رهائش جا انتظام ۽ موسم بابت سموري معلومات موجود هجي. سياحت کاتي جي هن وقت تائين ڪيل ڪوشش، خاص طور تي ٿر لاءِ سفاري ٽرين، کي ساراهيو ويو. دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي به سنڌ حڪومت سان ڪافي سهڪار ڪري رهي آهي ۽ ڊيٽابيس تيار ڪيو پيو وڃي. يونيورسٽي جي خاتون وائيس چانسلر به هن تقريب ۾ اهم تجويزون ڏنيون ۽ سياحت کاتي جون ڪجهه ڪوتاهيون به اجاگر ڪيون.

يونيورسٽي جا نوجوان شاگرد به موجود هئا. سندن دلچسپي ۽ ڌيان ڏسڻ وٽان هو. اهڙي قسم جي پينل ڊسڪشن سياحت کاتي کي پنهنجون ڪوتاهيون دور ڪرڻ ۾ مدد ڏئي سگهي ٿي ۽ خاص طور سياري جي موسم ۾ سنڌ جي سياحتي ماڳن کي وڌيڪ دلڪش بڻائي سگهي ٿي.

IATA جي نمائندي سنڌ ۾ هوائي ٽڪيٽن ۽ بين ٽيڪسن کي ختم ڪرڻ تي زور ڏنو. شرڪت ڪندڙن چيو ته ملڪي ۽ پرڏيهي سياحن کي موبائل فون تي مصنوعي ذهانت ذريعي سنڌ جي سياحتي ماڳن بابت مڪمل معلومات ملڻ گهرجي. مثال طور ٽڪيٽ جي قيمت، رهائش جا انتظام ۽ موسم بابت سموري معلومات موجود هجي سياحت کاتي جي هن وقت تائين ڪيل ڪوشش، خاص طور تي ٿر لاءِ سفاري ٽرين، کي ساراهيو ويو. دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي به سنڌ حڪومت سان ڪافي سهڪار ڪري رهي آهي ۽ ڊيٽابيس تيار ڪيو پيو وڃي. يونيورسٽي جي خاتون وائيس چانسلر به هن تقريب ۾ اهم تجويزون ڏنيون ۽ سياحت ڪاتي جون ڪجهه ڪوتاهيون به اجاگر ڪيون.

4 آڪٽوبر تي ڇا ٿيندو؟

عمران يعقوب خان

جڏهن هيءُ ڪالم ڇپبو ته ان کان ٻه ڏينهن پوءِ تحريڪ انصاف کي پنهنجي اعلان موجب لانگ مارچ ڪرڻو آهي. جڏهن ته حڪومت وٽ به ايترو ئي وقت باقي آهي ته اها فيصلو ڪري ته خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻو آهي، بي اعتماديءَ جي رٽ ذريعي حڪومت تبديل ڪرڻي آهي يا صوبي ۾ ننڍي ڪابينا سان گڏ ڪو منتظم مقرر ڪرڻو آهي. تحريڪ انصاف ۽ حڪومت، ٻنهي لاءِ اهي فيصلا ڪرڻ سولا ناهن. تحريڪ انصاف جي حلقن ۾ لانگ مارچ جي تاريخ کان ڪيترائي ڏينهن اڳ ئي اهي ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اچي رهيون هيون ته تياري مڪمل ناهي، تنهنڪري لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ گهرجي. ڇا تحريڪ انصاف جي انتظامي صلاحيت ايتري آهي جو ڏيڍ مهيني ۾ به مارچ کي منظم نه ڪري سگهي؟ هاڻي جڏهن لانگ مارچ ملتوي يا پوئتي ڪيو ويو آهي تڏهن به پارٽيءَ مان ڪنهن اِهو نه ٻڌايو آهي ته مارچ ملتوي ڇو ڪيو ويو. ان کان به وڏو سوال اِهو آهي ته جيڪڏهن حڪومت خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو نٿي ڪري، ته ڇا 4 آڪٽوبر تي لانگ مارچ ٿي سگهندو؟ هيل تائين صورتحال اِها آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي پارلياماني پارٽيءَ 4 آڪٽوبر تي پشاور کان اسلام آباد ڏانهن هر صورت ۾ لانگ مارچ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. جڏهن ته خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريديءَ پارٽيءَ جي اسيمبلي ميمبرن ۽ اڳواڻن کي تياري ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. اهو فيصلو پاڪستان تحريڪ انصاف جي صوبائي سيڪريٽري اطلاعات شوڪت يوسفزئيءَ طرفان پارٽي قيادت کي لکيل ان خط باوجود ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هن لانگ مارچ جي مخالفت ڪئي هئي. خط ۾ هن پارٽي قيادت کي سمجهايو ته ٻاهرين خطرن ۽ دهشتگرديءَ ۾ واڌ کي نظر ۾ رکندي، ملڪ جي وسيع تر مفاد ۾ لانگ مارچ ملتوي ڪيو وڃي. هن لکيو ته وفاقي حڪومت ڪجهه معاملن کي بنياد بڻائي هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ چاهي ٿي. رياست سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ بدران ڳالهين جو رستو هموار ڪيو وڃي. سندس چوڻ هو ته افغانستان طرفان ڪنهن امڪاني حملي کي هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ جو جواز بڻائي سگهجي ٿو. هن وڌيڪ چيو ته وفاقي حڪومت اِهو تاثر پيدا ڪري رهي آهي ته خيبر پختونخوا جي حڪومت سهڪار نٿي ڪري، تنهنڪري صوبي جي حڪومت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿي سگهي ٿي. دهشتگرديءَ جي حمايت ڪرڻ جو الزام لڳائي پارٽيءَ تي پابندي به لڳائي سگهجي ٿي. اڳتي ڇا ٿيندو، اِهو ڏسڻ لاءِ توهان کي اڃا ٻه ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو. حڪومت جي نظر سان ڏسجي ته امڪان جڏهن ته تحريڪ انصاف جي نظر سان ڏسجي ته خدشو اِهو آهي ته تحريڪ انصاف لانگ مارچ نه ڪري سگهندي. ان جا ڪيترائي سبب آهن.

پهريون سبب اِهو ئي آهي ته پارٽي قيادت ۾ انتظامي صلاحيت جي کوٽ آهي. ٻيو سبب عدالت طرفان خيبر پختونخوا جي حڪومت کي لانگ مارچ لاءِ صوبي جا وسيلا استعمال ڪرڻ کان روڪڻ آهي. انهن وسيلن جي اڻهوند لانگ مارچ کي ڏکيو بڻائي سگهي ٿي. ٽيون سبب لانگ مارچ دوران دهشتگرديءَ جا خطرا آهن. چوٿون سبب اِهو خدشو آهي ته لانگ مارچ جي صورت ۾ وفاقي حڪومت سخت مزاحمت ڪندي، جنهن لاءِ حڪومت طرفان تياريون به ڪيون ويون آهن. وفاقي حڪومت طرفان تياريون جاري آهن. پر ساڳئي وقت اهڙيون خبرون به ملي رهيون آهن ته خود تحريڪ انصاف جي اندر به تبديليءَ جون هوائون گهلڻ شروع ٿي ويون آهن. وڏي وزير کي پارٽيءَ جي اندر مان ايندڙ بي اعتماديءَ جي رٽ ذريعي به تبديل ڪري سگهجي ٿو. حڪمران پارٽين طرفان بي اعتماديءَ جي رٽ آڻڻ يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي صورت ۾ صوبي جي حڪمران پارٽي تبديل ٿي ويندي. پر جيڪڏهن تحريڪ انصاف جي اندر مان ئي وڏي وزير خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ اچي ٿي ته ان جو فائدو اِهو ٿيندو ته وڏو وزير ته تبديل ٿي ويندو، پر صوبي ۾ تحريڪ انصاف جي حڪومت برقرار رهندي. ظاهر آهي ته تحريڪ انصاف لاءِ اِهو ئي سڀ کان مناسب رستو ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن صوبي ۾ سندس حڪومت ختم ٿي وئي ته وفاقي حڪومت سان ڳالهين دوران سندس سوديبازيءَ واري پوزيشن ڪمزور ٿي ويندي. اڳڪٿين جي حوالي سان مشهور اڳواڻ شير افضل مروت به چيو آهي ته سهيل آفريديءَ مٿان بي اعتماديءَ جي رٽ جي تلوار لٽڪي رهي آهي. سندس چوڻ موجب، تحريڪ انصاف جي بانيءَ وڪيل سلمان صفدر ذريعي پيغام ڏنو هو ته اسلام آباد ڏانهن مارچ ڪرڻ سهيل آفريديءَ جي صلاحيت کان وڌيڪ آهي. تنهنڪري سهيل آفريديءَ کي وڏ وزارت تان پاسيرو ٿيڻ گهرجي. شير افضل مروت موجب، علي امين گنڊاپور سهيل آفريديءَ کي ناڪام بڻائڻ لاءِ دٻاءُ وارو گروپ جوڙي رکيو آهي ۽ اسيمبليءَ جا لڳ ڀڳ 35 ميمبر بغاوت تي لڱل آهن. سندس چوڻ آهي ته تحريڪ انصاف جو باني به انهن ميمبرن جي حمايت ڪري ٿو. شير افضل مروت اِهو به چيو آهي ته جيڪڏهن سهيل آفريدي مارچ نه ڪري سگهيو، تڏهن به تحريڪ انصاف جو باني کيس معاف نه ڪندو. جڏهن هيءُ ڪالم ڇپجڻ جي مرحلي ۾ هو، تڏهن وزيراعظم هائوس ۾ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس جي خبر اچي وئي. اجلاس ۾ خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ يا هنگامي حالت لاڳو ڪرڻ بابت مختلف تجويزن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ خيبر پختونخوا سميت سڄي ملڪ ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو ويو. تحريڪ انصاف جي لانگ مارچ جي اعلان ۽ پردي پٺيان ٿيندڙ رابطن تي به غور ڪيو ويو. جڏهن ته خيبر پختونخوا جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي آئين جي آرٽيڪل 233 ۽ 234 بابت قانوني رايا ورتا ويا. ٻڌڻ ۾ آيو ته آئيني قدمن کي آخري شڪل ڏيڻ لاءِ وزيراعظم ۽ صدرِ مملڪت جي ملاقات به ٿي سگهي ٿي. گذريل اڍائي سالن دوران حڪومت طرفان تحريڪ انصاف سميت مخالف ڌر کي ۽ مخالف ڌر طرفان حڪومت کي ڳالهين جون ڪيترين ئي آڇون ڪيون ويون آهن. پر حيرت جي ڳالهه اِها آهي ته ٻئي ڌريون هڪ پيرو به ڳالهين لاءِ هڪ ميز تي نه ويٺيون آهن. هڪ ڌر وٽ هڪ بهانو آهي ته ٻيءَ وٽ ٻيو. منهنجي خيال ۾ بهاني بازيءَ جو اِهو سلسلو بند ڪرڻ سان ئي اڳتي وڌڻ جا رستا کلي سگهندا. منهنجي خيال ۾ نه رڳو ٻنهي ڌرين بلڪ عوام جي ذهنن ۾ پيدا ٿيل مونجهارن کي گهٽائڻ ۽ آهستي آهستي ختم ڪرڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته پاڻ ۾ صلاح مشورن جو سلسلو شروع ڪيو وڃي. ٻئي ڌريون صاف دل ۽ کليل ذهن سان گڏ ويهن. مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ويهن نه ڪي انهن کي وڌيڪ منجهائڻ جي سوچ سان. جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته لانگ مارچن جي ضرورت پاڻمرادو ختم ٿي ويندي ۽ حڪمرانن کي به گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ يا هلندڙ صوبائي حڪومت خلاف بي اعتماديءَ جي رٽ آڻڻ جي ضرورت نه پوندي. مون کي حيرت اُن ڳالهه تي آهي ته لانگ مارچ ڪرڻ ۽ ان کي روڪڻ بابت سوچيو پيو وڃي. ان لاءِ تياريون به ٿي رهيون آهن. پر ڪا به ڌر ڳالهين لاءِ تيار نظر نٿي اچي.

سنڌ ۾ وسرندڙ بازيگريءَ جو لوڪ فن!

نور سنڌي

هڪ زمانو هو جڏهن سنڌ جي ڳوٺن، ميلن ۽ کليل ميدانن ۾ ڍول جي آواز سان ماڻهو تماشو ڏسڻ لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا. ڪو سنهي رسيءَ تي توازن جو مظاهرو ڪندو هو، ڪو اوچين ڪاٺين تي هلندو هو ته ڪو ري قلابازيون کائيندو هو، ڪو لوهي چڪرن مان جسم پار ڪندو هو ته ڪو مٽي تي ڪيترائي ٿانوَ رکي حيرت انگيز توازن سان هلندو هو. انهن ڪرتبن جي دنيا سان لاڳاپيل بازيگر خاندانن جون عورتون، جن کي ڪيترن ئي هنڌن تي "ڪبوتريون" چيو ويندو هو، سي پنهنجي جسماني مهارت سبب سنڌ جي لوڪ زندگيءَ ۾ ڌار سڃاڻپ رکنديون هيون. بازيگريءَ جون پاڙون رڳو هڪ دور تائين محدود ناهن. زباني روايتن ۽ موجود تحقيق ۾ بازيگر برادرين کي سنڌو ماٿري، راجستان ۽ برصغير جي مختلف خانه بدوش فنڪار روايتن سان ڳنڍڻ جون ڳالهيون ملن ٿيون. ڪئين نسلن کان اڄ ڏينهن تائين اهو فن تفريح کان وڌيڪ روزگار ۽ زندگيءَ جو وسيلو بڻيل آهي. پر خاص طور تي ڪبوتري عورتن جو اهو فن جسماني مشقت، مسلسل مشق ۽ خطري سان ڀريل هو. جڏهن ته ان مهارت جي بدلي کين نه مستقل آمدني ملي نه سماجي تحفظ ۽ نه ئي سندن فن کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪو مضبوط ادارتي سهارو. وقت سان جڏهن ميلا، کليل ميدان ۽ روايتي تماشا گهٽجڻ لڳا ته سڀ کان وڏو بار به انهن خاندانن تي پيو، جيڪي اڳ ئي محدود وسيلن سان زندگي گذاريندا هئا. ڪيترين ڪبوتري عورتن ۽ سندن خاندانن کي پنهنجو ورثي وارو فن ڇڏڻ، غيريقيني مزدوري يا ٻين پورهيت ڪمن ڏانهن وڃڻ تي مجبور ٿيڻو پيو. اهڙيءَ طرح هڪ طرف فن ختم ٿيڻ لڳو ته ٻئي پاسي انهن فنڪارن جي معاشي ۽ سماجي محرومي به نظرانداز ٿيندي رهي. بازيگريءَ جي حوالي سان مختلف تاريخي ۽ زباني روايتون موجود آهن. جن ۾ فن ۽ بازيگر برادريءَ کي قديم سنڌو ماٿري ۽ راجستان، خاص طور مارواڙ واري خطي سان ڳنڍيو وڃي ٿو. بازيگر خاندانن جي زباني روايتن ۾ راجپوتانا سان نسبت جو ذڪر ملي ٿو. جنگين، ڏڪارن ۽ معاشي تبديلين جي مختلف دورن ۾ ڪجهه خاندانن جي لڏپلاڻ ٿي ۽ سندن خانه بدوشي سندن زندگيءَ جو حصو بڻجي وئي.

راجستان کان سنڌ ڏانهن ٿر جي رستي ۽ پنجاب ڏانهن چولستان جي رستي اچڻ جون روايتون به ملن ٿيون. سنڌ ۾ اچڻ کانپوءِ جسماني ڪرتب ۽ بازيگري ڪيترن خاندانن لاءِ روزگار جو اهم ذريعو بڻجي وئي. اڳتي هلي اهو فن سنڌ تائين محدود نه رهيو. برصغير ۾ بازيگرن ۽ ٻين روايتي فنڪار برادرين جون روايتون هندستان جي پنجاب، هريانا، راجستان ۽ اتر پرديش وارن علائقن ۾ به ملن ٿيون. دنيا جي ٻين حصن ۾ به ميدان تي ٿيندڙ ڪرتب، جسماني لچڪ، توازن ۽ قلابازيءَ جا فن موجود رهيا آهن. ترڪي ۽ وچ اوڀر جي ڪجهه علائقن کان وٺي رومانيا، بلغاريا، چين ۽ هنگري تائين مختلف روايتي فنڪاريءَ جون صورتون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. يورپ جي روما ماڻهن جي ڏکڻ ايشيا مان قديم لڏپلاڻ بابت ٻولي ۽ جينياتي تحقيق موجود آهي ساڳيءَ طرح دنيا جي مختلف ملڪن ۾ هڪجهڙا ڪرتب هجڻ مان لازمي طور اهو ثابت نٿو ٿئي ته اهي سڀ هڪ ئي هنڌ کان منتقل ٿيا. تاريخي لڏپلاڻ، ثقافتي مشابهت ۽ ثابت ٿيل نسب کي الڳ رکڻ ئي تحقيق جو صحيح طريقو آهي.

سنڌ جون ڪبوتريون پنهنجي جسماني مهارت سبب خاص شهرت رکنديون هيون. رسيءَ تي هلڻ، اوچين قلابازين، ڪاٺين يا ڊگهن رسن تي هلڻ، تنگ لوهي چڪرن مان جسم گذارڻ، جسم کي پوئتي موڙي زمين تان سِڪو يا سئي کڻڻ ۽ مٽي تي ڪيترن ئي ٿانون جو توازن قائم رکڻ جهڙا ڪرتب سندن فن جو حصو هئا. ڪڏهن پيرن يا جسم سان به شيون ٻڌي توازن برقرار رکيو ويندو هو. اهڙي مهارت اوچتو پيدا نه ٿيندي هئي. روايتن موجب ٻارن کي ننڍي عمر کان مشق ڪرائي ويندي هئي. جڏهن ته لچڪ، توازن ۽ جسماني ڪنٽرول جي تربيت خاندان اندر ٿيندي هئي. بازيگري رڳو هڪ عورت جو ڪرتب نه پر پوري خاندان جي گڏيل مهارت هوندي هئي. مرد ڍول وڄائيندا ۽ ڪرتب ڪندڙ عورت سان هم آهنگ رهندا هئا. تماشائي پئسا، اناج، ڪپڙا، گيهه يا ٻيون شيون ڏيندا هئا. جن مان خاندان جو گذر سفر هلندو هو. ڪجهه روايتن ۾ بازيگرن جي پنهنجي مُکي يا پنچائت، شاديءَ جا مخصوص طريقا، خاندان اندر فن جي منتقلي ۽ برادريءَ جي اندروني معاملن لاءِ پنهنجا ضابطا به بيان ڪيا وڃن ٿا. انهن روايتن جو وڏو حصو اڃا باقاعده دستاويز ٿيڻ جو منتظر آهي. جديد دور ۾ اهو منظر تيزيءَ سان بدلجي ويو. وي سي آر، ٽي وي ۽ سينيما کان پوءِ ڪيبل، موبائيل فون ۽ انٽرنيٽ ماڻهن جي تفريح جا وسيلا تبديل ڪري ڇڏيا. شهرن جي واڌ سان کليل ميدان ۽ روايتي پڙاءَ جون جايون به گهٽجي ويون. نتيجي ۾ ڪيترن بازيگر خاندانن کي پنهنجو روايتي پيشو ڇڏڻو پيو. ڪنهن مزدوري اختيار ڪئي، ڪنهن زراعت، ڪنهن ننڍو ڪاروبار ۽ ڪنهن ٻيو پورهيت ڪم.

چين ۾ ائڪروبيٽڪس جي هڪ قديم روايت موجود آهي. جنهن ۾ توازن، رسيءَ تي هلڻ، جسماني لچڪ، مختلف اوچائين تان ڪرتب، شين کي توازن سان رکڻ ۽ جسماني قلابازيون شامل آهن. وقت سان چين هن فن کي منظم تربيت، ادارن، اسٽيج ۽ ثقافتي سرپرستيءَ سان ڳنڍيو. چيني ائڪروبيٽڪس اڄ عالمي سطح تي ٿيٽرن ۽ مختلف بين الاقوامي پروگرامن ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ ان لاءِ باقاعده تربيت جا نظام موجود آهن. دلچسپ ڳالهه اها آهي ته سنڌ جي ڪبوتري فن ۽ چيني ائڪروبيٽڪس ۾ ڪيترن ڪرتبن جي نوعيت ۾ ظاهري مشابهت ملي ٿي. رسيءَ تي توازن، مٽي تي ٿانو يا ٻيون شيون رکي ڪرتب ڪرڻ، جسم کي تنگ چڪرن مان گذارڻ ۽ غيرمعمولي جسماني لچڪ ٻنهي روايتن ۾ نظر اچي ٿي. پر ان مشابهت کي ٻنهي فنن جي هڪ ئي تاريخي اصل جو ثبوت سمجهڻ درست نه ٿيندو. سنڌ ۾ بازيگريءَ جي حوالي سان سوال آهي ته ڇا ان کي صرف ماضيءَ جو تماشو سمجهي وساري ڇڏجي يا ثقافتي ورثي طور محفوظ ڪري ايندڙ نسل تائين پهچائجي؟ جيڪڏهن باقي بچيل بازيگر خاندانن جا انٽرويو، ڪرتب، لباس، ساز، اصطلاح ۽ روايتون رڪارڊ ڪيون وڃن ته هڪ اهم لوڪ تاريخ محفوظ ٿي سگهي ٿي. ثقافت کاتو، يونيورسٽيون ۽ ثقافتي ادارا گڏجي تربيت، تحقيق ۽ اسٽيج جا موقعا پيدا ڪري سگهن ٿا. هاڻي وقت آهي ته باقي بچيل ڪرتب ڏيکاريندڙ خاندانن کي ڳولي کين سندن سڃاڻپ ڏني وڃي. سندن فن ۽ زندگيءَ جون ڪهاڻيون محفوظ ڪيون وڃن ۽ انهن کي باعزت روزگار، مناسب معاوضي، محفوظ ڪم ۽ ٻارن جي تعليم لاءِ سهارو ڏنو وڃي. ثقافت کاتو، يونيورسٽيون، آرٽس ڪائونسلون ۽ ٻيا ادارا گڏجي اهڙو پروگرام شروع ڪن. ڪبوترين جي رسيءَ تي رکيل قدم سان هڪ تاريخ جڙيل آهي اچو ته ان تاريخ جي وارثن جا هٿ مضبوط ڪيون.

اڄوڪو ڏينهن ..... 02 آڪٽوبر

رامچند ڪيولراماڻي

اڄ هند ۽ سنڌ جي مشهور تعليم دوست انسان انجنيئر رامچند ڪيولراماڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 2 آڪٽوبر 1884ع تي موجوده نوشهري فيروز ضلعي جي شهر پڙيا ۾ پيدا ٿيو. هن سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ پوسٽ ۽ ٽيليگراف کاتي ۾ ملازمت ڪئي. هن 1938ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سيتارام پرڪاش هائير سيڪنڊري اسڪول جو بنياد رکيو. ورهاڱي کان پوءِ ممبئيءَ ۾ وڃي رهيو ۽ اتي به ساڳئي نالي سان اسڪول قائم ڪيائين. اهو اسڪول اڳتي هلي ممبئيءَ جي بهترين اسڪولن ۾ شمار ٿيڻ لڳو. هن کي پوسٽ ۽ ٽيليگراف شعبي مان رٽائر ٿيڻ کانپوءِ پينشن جا جيترا به پئسا مليا سي غريب ۽ گهرجائو ڏتڙيل سنڌين تي خرچ ڪري ڇڏيائين. هن 1965ع ڌاري هيءَ جهان ڇڏيو.

عبدالوهاب ناظم طيباڻي

عبدالوهاب ناظم طيباڻي پنهنجي دور جو نامور شاعر ۽ ادب جو خدمتگار هو. سندس جنم 2 آڪٽوبر 1905ع تي دوست محمد طيباڻيءَ جي گهر شڪارپور ۾ ٿيو. هن شڪارپور ۾ ئي تعليم حاصل ڪئي ۽ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ٻَراج کاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. اڳتي هلي هيڊڪلارڪ طور سندس ترقي ٿي. هن شڪارپور ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ساراهه جوڳيون ڪوششون ڪيون. سندس انهن ڪوششن کي مڃتا ڏيندي "ماهوار اديب سنڌ رسالي" جي شروعاتي پرچن جي سَرورق تي سندس تصوير ڇپجندي رهي. هن 1941ع ۾ سنڌ سڌار سوسائٽيءَ پاران سڏايل پنجين سنڌي ادبي ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ ۾ پڻ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. هو هڪ قادرالڪلام شاعر هو ۽ شڪارپور جي طرحي مشاعرن ۾ شوق سان شرڪت ڪندو هو. شاعريءَ سان گڏ مضمون به لکندو هو. سنڌي ادب جي هن روشن ستاري 14 جون 1962ع تي وفات ڪئي.

ايشور آنچل

سنڌي ٻوليءَ جي هن نامور ساهتڪار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1928ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس پورو نالو ايشور نارائڻ داس شرما هو ۽ آنچل سندس شاعراڻو تخلص هو. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي، خاص طور تي غزلن ۽ آزاد نظمن تي سندس ڪو مٽ ثاني نه هو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ "پيار ۽ پُسو"، "گهنڊ پيو گڙي"، "خاڪ لب"، "پاڇولا سانجهيءَ جا"، "پنڌ تتل واريءَ تي"، "آتم جي تلاش" ۽ "ڪانڊاٽا انڌيري رات ۾" شامل آهن. هن 5 جولاءِ 1998ع تي الهاس نگر ممبئيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو.

انيتا غلام علي

انيتا غلام عليءَ جو نالو سنڌ جي مشهور تعليمي ماهرن ۽ سماجي اڳواڻن ۾ نمايان مقام رکي ٿو. هن مهان خاتون جو جنم 2 آڪٽوبر 1934 تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هوءَ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي ڏهٽي ۽ مشهور قانوندان جسٽس فيروز علي نانا جي نياڻي هئي. هن ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان بي ايس سي جي سند ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي (مائڪرو بائلاجي) جي سند حاصل ڪئي. هن 1961ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. نوڪريءَ دوران پاڪستان ڪاليج ٽيچرس ايسوسيئيشن سنڌ جي صدر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. ان کان علاوه ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينڊيڪيٽ ۽ سينيٽ جي ميمبر طور به ڪم ڪيائين. هن لڳ ڀڳ 20 سال ريڊيو پاڪستان تي انگريزيءَ ۾ خبرون پڙهيون. هن سنڌ جي نگران ڪابينا ۾ وزير تعليم ۽ ثقافت، سائنس ۽ نوجوانن جي معاملن واري وزير طور ذميداريون سنڀاليون. هوءَ لڳ ڀڳ 20 سال سنڌ سرڪار جي "سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن (سيف)" جي سرواڻ پڻ رهي. هن ڪيترين ئي بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. هن عظيم عورت 8 آگسٽ 2014ع تي هن فاني دنيا مان هميشه لاءِ موڪلايو. سندس تعليمي ۽ سماجي خدمتن کي مڃتا ڏيندي پاڪستان سرڪار کيس حسن ڪارڪردگي ۽ ستاره امتياز جي تمغن سان نوازيو. ناميارِي ليکڪا حميرا اطهر انيتا غلام عليءَ جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي اردوءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

لکمي کلاڻي

هن مشهور سنڌي ليکڪ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1935ع ۾ سکر ۾ ٿيو. ورهاڱي کانپوءِ پهرياٿين بنارس ۽ پوءِ ڪلڪتي ۾ وڃي آباد ٿيو. هن بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان سول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي ۽ ڪلڪتي جي هڪ انجنيئرنگ فرم ۾ نوڪري ڪئي. هن انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي قيام ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ انهيءَ اداري جي ڊپٽي ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن مشهور ادبي رسالي رچنا جي ايڊيٽر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. سنڌي ادبي دنيا ۾ هن جو نالو هڪ بهترين ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ نويس طور مشهور آهي. هن 23 ڪتاب لکيا، جن ۾ ڪهاڻين جا مجموعا، ناول، سوانح عمريون ۽ ترجمو ڪيل ناول شامل آهن. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "من جا محال ڪنڊر" (سفرنامو)، "ڳڱا جي هن پار" (ڪهاڻيون)، "ستيا جت ري" (بنگالي ليکڪ جي آتم ڪهاڻي) ۽ "مٽيءَ جي مهڪ" (ڪهاڻيون) شامل آهن. سندس مشهور ڊرامن ۾ "ڳڏا ڳڏيون"، "واريءَ سندو ڪوٽ" ۽ "پنهنجو دشمن" شامل آهن.

الطاف اثيم

اڄ ناليواري شاعر، آثارِ قديمه جي ماهر ۽ مشهور ليکڪ الطاف اثيم جي سالگره جو ڏينهن آهي. الطاف اثيم جو جنم 2 آڪٽوبر 1948ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي مشهور شهر راڻيپور ۾ ٿيو. هن بي ايڊ، ايل ايل بي، ايم اي (سياسيات) ۽ ايم اي (آثارِ قديمه) جون سندون حاصل ڪيون. هن 1980ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي آثارِ قديمه واري شعبي ۾ پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ 2008ع تائين انهيءَ شعبي سان لاڳاپيل رهيو. انهيءَ دوران هن مختلف عهدن تي ڪم ڪيو، جن ۾ سچل چيئر جو ڊائريڪٽر، انڊس اسڪرپٽ ريسرچ سيل جو انچارج، پير راشد روضي ڌڻي چيئر جي صلاحڪاري بورڊ جو سيڪريٽري، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ سکر جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر ۽ مڪليءَ جي تاريخي ماڳن بابت آثارِ قديمه کاتي سنڌ جي اسٽيئرنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر شامل آهن. هن ادبي دنيا ۾ هڪ شاعر طور 1966ع ڌاري پير پاتو ۽ 1970ع کان تحقيقي مقالا لکڻ شروع ڪيا. هن ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ "ساعت ساعت راهه نهاريان"، "غلام حيدر گوڏڙيءَ جو رسالو" ۽ "سچل سرمست اور خواجه فريد کي فڪري مماثلت" شامل آهن.

ايوب گاد

مختيار انڙ

هن ناميارِي شاعر، ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ مصور جو جنم 2 آڪٽوبر 1960ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. هن نفسيات ۾ بي اي ۽ سنڌي ادب ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون ۽ ان کان علاوه ڊرائنگ جو امتحان پاس ڪيو. پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات لاڙڪاڻي جي هڪ اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪيائين. هو هڪ بهترين چترڪار آهي ۽ سندس تصويرون ڪيترن ئي شهرن ۾ نمائش لاءِ پيش ڪيون ويون آهن. هڪ ڊراما نگار طور هن جا لکيل ڪيترائي ڊراما پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچي ۽ مختلف نجي ٽيليويزن چئنلن تان نشر ٿيندا رهيا آهن. هن ڪنول نالي سان هڪ آڊيو وڊيو پراڊڪشن جو بنياد وجهي ڪيترن ئي فنڪارن کي عوام ۾ مقبول بڻايو ۽ "موهن جو دڙو آرٽسٽ فورم" جو بنياد وجهي فنڪارن جي ڀلائيءَ وارن ڪمن ۾ هٿ ونڊايو. هن ڪجهه ڪتاب پڻ لکيا آهن. جن ۾ "پيار جي چانو" (شاعري)، "اڪ الٽي ڌار" (شاهه جي بيتن جي تشريح)، "جنهن سان پسجي پرينءَ کي" (حضور ﷺ جا معجزا)، "پرين وس نه پنهنجي" (ڪهاڻيون)، "محبتون ماڻهيون ناهن" ۽ "ٽيلي ناٽڪ ڪيئن لکجي" شامل آهن.

عبدالوهاب منشي

عبدالوهاب منشي حيدرآباد جو مشهور سماجي سرواڻ، قانوندان ۽ ڪالم نگار آهي. هن جو جنم 2 آڪٽوبر 1980ع تي حيدرآباد جي مشهور منشي خاندان ۾ ٿيو. هن بي ڪام ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ هاءِ ڪورٽ جي وڪيل طور ڪم ڪري رهيو آهي. هن 14 سالن جي عمر ۾ "روزاني آفتاب حيدرآباد" ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا. ان کان پوءِ حيدرآباد جي ٻين اخبارن ۾ به ڪالم لکندو رهيو آهي. هن "روزاني سنڌو" ۽ "روزاني آفتاب" جي اعزازي ايڊيٽر طور به ڪم ڪيو. هڪ نجي ٽيليويزن جي بيورو چيف طور به خدمتون سرانجام ڏنائين. هو سنڌي رائيٽرس ڪلب جو صدر ۽ سنڌ جرنلسٽ سوسائٽيءَ جو سينئر وائيس پريزيڊنٽ رهي چڪو آهي. ان کان علاوه ڪيترين ئي ادبي، سماجي، قانوني ۽ صحافتي تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي، جن ۾ فورم آف رائيٽس، جسٽس ۽ پيس، حيدرآباد اليڪٽرانڪ ميڊيا ايسوسيئيشن، هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد ۽ جرنلسٽ رائيٽس فورم وغيره شامل آهن. اڄڪلهه پاڻ حيدرآباد انسٽيٽيوٽ آف انٽرنيشنل افيئرس جي جنرل سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪري رهيو آهي.

علامہ محمد عثمان قرآني

هن نامور ديني عالم، اديب ۽ شاعر جي ولادت 21 فيبروري 1879ع تي تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي ڳوٺ ڏينگاڻ پرڳڙيءَ ۾ ٿي. قرآن شريف، فارسيءَ ۽ عربيءَ جي تعليم حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. ڪجهه عرصو ديوبند جي مدرسي ۾ پڻ پڙهيو. هن شادي پلي اسٽيشن ويجهو ڳوٺ عمر پنهيري ۾ ديني مدرسو کولي ديني علمن کي عام ڪيو. هو هڪ قادرالڪلام شاعر ۽ نثر نويس هو. هن ڪيترائي ڪتاب پڻ تحرير ڪيا. هن بزرگ 2 آڪٽوبر 1936ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

سيد باغ علي لڪوي

سيد باغ علي لڪوي پنهنجي دور جو مشهور حڪيم، صحافي ۽ شاعر هو. سندس ولادت 12 آڪٽوبر 1899ع تي لڪي ضلعي شڪارپور ۾ ٿي. سندس والد سيد غلام محمد شاهه شاهه هڪ مشهور حڪيم هو. سيد باغ عليءَ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پنهنجي والد کان فارسي، عربي ۽ اردو سکيائين. هو هڪ محنتي صحافي هو. هن ٽنڊي جان محمد مان هفتيوار "پيغام ڪل" اخبار ۽ سکر مان هفتيوار "نقيب" اخبار جاري ڪئي. 1925ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ ان بعد نثر به لکڻ شروع ڪيائين. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، مرثيه ۽ قصيده وغيره شامل آهن. ڪجهه افسانا، ڪهاڻيون ۽ مضمون پڻ لکيائين. هن چار ڪتاب مرتب ڪيا، جن ۾ "گلزار سعادت"، "گلشن وحدت"، "گلستان طريقت" ۽ "غنچهِ حقيقت" شامل آهن. هو پنهنجي والد وانگر هڪ مشهور حڪيم پڻ رهيو. هن بزرگ 2 آڪٽوبر 1984ع تي وفات ڪئي.

امير علي شاهه جاموٽ

اڄ مشهور سياستدان امير علي شاهه جاموٽ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ناليواري انسان جو جنم سيد محمد انور شاهه جاموٽ جي گهر 18 جنوري 1941ع تي مٽياريءَ ۾ ٿيو. هن 1965ع ۾ ايل ايل بي جي سند حاصل ڪئي. 1971ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد امداد علي شاهه جاموٽ جي وفات بعد پنهنجي تڪ مان بنا مقابلي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. اڳتي هلي 2002ع، 2008ع ۽ 2013ع وارين عام چونڊن ۾ سوڀ ماڻي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. سياسي طور تي هو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان لاڳاپيل هو. مٽياريءَ جي پهرين ڊائريڪٽ ڊائلنگ ٽيليفون ايڪسچينج ۽ مٽياري ڪاليج سندس ذاتي ڪوشش سان قائم ٿيا. مٽياريءَ کان نصرپور ۽ مٽياريءَ کان الهڏنو ساند ڏانهن ويندڙ پڪا رستا به سندس ڪوشش سبب ٺهيا. هن 2 آڪٽوبر 2023ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس جسد خاڪيءَ کي مٽياريءَ ۾ دفنايو ويو.

بدرالنساءَ قريشي

اڄ سنڌ جي مشهور تعليمي ماهره بدرالنساءَ قريشيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن ساجاهه وند ناريءَ 25 مئي 1937ع تي سکر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. حيدرآباد جي مدرسته البنات مان مئٽرڪ جو امتحان 1955ع ۾ ۽ ساڳئي شهر جي نئون گرلز ڪاليج مان انٽرميڊيئيٽ جو امتحان 1957ع ۾ پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري مان 1959ع ۾ بي اي ۽ 1961ع ۾ ايم اي (اڪانامڪس) جي سند حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1963ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج فار وومين لاڙڪاڻي ۾ اڪانامڪس جي ليڪچرار طور ڪئي. 1975ع کان 1985ع تائين گورنمينٽ اسلاميه ڪاليج فار وومين ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪم ڪيائين. ان بعد سال ڪن سنڌ جي تعليم ۽ ثقافت واري کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ طور خدمتون سرانجام ڏنائين. 1986ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج فار وومين ڪراچيءَ ۾ پروفيسر طور سندس مقرري ٿي ۽ انهيءَ ئي ڪاليج مان 1997ع ۾ رٽائر ڪيائين. رٽائرمينٽ کان پوءِ سنڌ ٽيچرس فائونڊيشن جي ڊائريڪٽر طور ذميداريون سنڀاليائين. ميڊم بدرالنساءَ قريشيءَ 2 آڪٽوبر 2024ع تي اسلام آباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. کيس اسلام آباد جي ايچ 11 سيڪٽر جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو.

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سميرا ڌيءَ اڪبر راجپوت زال ذيشان عباس رهاڪو يونٽ نمبر 06 لطيف آباد حيدرآباد .. پلينٽف. بخلاف. ذيشان عباس ولد عبدل رهاڪو فليٽ نمبر 25 بلاڪ بي قائد ڪاٽيج يونٽ نمبر 06 لطيف آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 08-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 416 سال 2025

مسمات نوشابه ڌيءَ محمد يامين .. پلينٽف. بخلاف. محمد سهيل ولد علي احمددين رهاڪو گهر نمبر L452 سيڪٽر 58/2 نارٿ ناظم آباد ڪراچي ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / گارڊين جج IX حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات دلشاد بيگم بيواهه Anzar Gul حال رهاڪو گهر نمبر 216 گلشن خير سائيٽ بلاڪ سي لطيف آباد حيدرآباد .. اپليڪينٽ. بخلاف. (1) نجم ڪوثر بلوچ بيواهه گل بيگ ڪليري بلوچ (2) مختيارڪار تعلقو حيدرآباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ريسپونڊنٽس

.مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير ڪلم 7.10.29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / گارڊين جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر 162 سال 2026

برڪت علي نوناري ولد محمد صديق .. پلينٽف. بخلاف. منصور شيخ ولد نذيراحمد رهاڪو فليٽ نمبر 09 فضل اپارٽمينٽ نزد بينڪ الحبيب مين روڊ قاسم آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري اماؤنٽ -/40,00,000 روپيا لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

(1) شريمتي راڄونتي زال ڪيلاش ڌيءَ بابو پيل (2) وديا مائنر هندو ذات پيل رهاڪو عرض محمد پتافي ڪالوني ٽنڊو الهيار .. پلينٽف. بخلاف. (1) ڪيلاش ولد رامو هندو بالغ ذات پيل رهاڪو اولڊ پاور هائوس مير حيدر مين اسلام آباد چوڪ پاڪولا حيدرآباد 03093658391 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن اينڊ مينٽيننس ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن سوٽ نمبر 23 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر 204 سال 2026

مسمات عائشه.. پلينٽف. بخلاف. سجاد ولد عبدالجبار رهاڪو نزد آخري طالب منظور آباد تعلقو ضلعو دادو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زيرقلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 06-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سومرو)
فيملي سوٽ نمبر 73 سال 2026

(1) مسمات رضيه ڌيءَ شوڪت علي (2) بيبي شيبه ڌيءَ منير احمد (مائنر)معرفت مسمات رضيه ذات راجپوت پتي رهاڪو ڳوٺ اسلام الدين ديهه 189 تعلقو ڏگهڙي. پلينٽف. بخلاف. (1) منير احمد سولنگي رهاڪو نيو سٽي ٽائون حيدرآباد سٽي ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سومرو)
فيملي سوٽ نمبر 14 سال 2026

شريمتي اپيتا ڌيءَ ڪيول هندو بالغ ذات ڪولهي رهاڪو ڳوٺ نبي سر تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف. بخلاف. امرشي ولد سونو هندو بالغ ذات ڪچي ڪولهي رهاڪو ڳوٺ ملڪاڻي شريف تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد
ڪي سي سوٽ نمبر سال 2026

عبدالله خان ولد حاجي خدا بخش ذات لغاري رهاڪو ديهه 312 تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص. پلينٽف. بخلاف. محمد عليم ولد محمد عالم ذات پرڳڙي رهاڪو ديهه 297 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص سيل نمبر 03003329940 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري -/500000 روپيا مارڪ اپ / ڊيمجز ساڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم I ڪوٽ غلام محمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 425 سال 2026

مسمات شازيه ڌيءَ علي حسن ڪوسو رهاڪو محلو سعيدآباد جامع صاحب روڊ نوابشاهه. پلينٽف. بخلاف. عبدالحميد ولد عبدالحڪيم رهاڪو نور مابل وليج تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 78 سال 2026

مسمات شازيه ڌيءَ جمن خان بروهي رهاڪو 06 چڪ تعلقو دوڙ .. پلينٽف. بخلاف. علي حيدر بروهي رهاڪو 54 موري تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد سيل نمبر 03053105258 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

عام اطلاع

جيئن ته جناب اسسٽنٽ ڪمشنر بدين جن جي ليٽر نمبر 791 تاريخ 30_9_2026 موجب لکجي ٿو ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد بچل ولد محمد خاصخيلي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي زرعي زمين ديهه جنڪي تپو بخشا سروي نمبر 12_14 ۽ ٻيا تعلقي بدين سندس روينيو ڪاتي تعلقي بدين ۾ سندس نالي سروي زرعي زمين جي ڪاتي ۾ غلطي سبب سندس نالو محمد علي ولد محمد خاصخيلي لکجي ويو آهي جيڪو غلط آهي جنهنڪي درست ڪري منهنجو صحيح نالو محمد بچل ولد محمد خاصخيلي آهي جنهن کي روينيو رڪارڊ ۾ درستگي ڪئي وڃي تنهڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل درخواست گذار بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد ڪاتو درخواست گذار جي حق ۾ ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڏجي ته اسان جو پاٽيجو جهانگير عرف گنبل ولد پنهوار خان ٻرڙو «جاڙي پوٽو » ماڻهن جي غلط صحبت ۾ اچي پنهنجي ئي برادري جي ماڻهن کي ڌمڪائي رهيو آهي جنهن مٿان ميرپور ٻرڙو جي ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ٿيل آهي اسان هيٺ صحيح ڪندڙ سڀئي پاٽر جهانگير عرف گنبل ٻرڙو کان لا تعلقي جو اظهار ڪيون ٿا هو جيڪڏهن ڪنهن کي به ڪو نقصان پهچائي ٿو ان سان جو ڪو واسطو نه هوندو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

گل حسن ٻرڙو،بشير احمد ٻرڙو عبدالغفور ٻرڙو،غلام مصطفي عرف اصغر ٻرڙو سيٺي پٽ رئيس پاڳيو خان ٻرڙو،ع پاڳيو رئيس غلام سرور ولد رئيس حسين بخش ٻرڙو وينل نزد ڏگري ڪاليج لاڙي ماڪا ڳوٺ نيو تعلقو سکر

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي ڏني بخش ولد واحد بخش ٻاريجو وينل حاجي ايوب ٻاريجو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ڏاڏو نالي محمد ابراهيم ولد قيصر ٻاريجو جيڪو تاريخ 10-05-1997تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ڀنڀورڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مرحوم واحدبخش (پٽ) (2) الهه بخش (پٽ) (3) امير بخش (پٽ) (4) مولا بخش (پٽ) (5) مرحوم ستابي (ڌي) (6) حسنا (ڌي) (7) حسينا (ڌي) (8) امينه (ڌي) (9) حرمت (ڌي) (10) رحمت (ڌي) (11) ميمونه (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني مسلمان هو سندس ولد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) تاج محمد ولد خان محمد ٻاريجو (2) عبدالمالڪ ولد رضا محمد جن ڳوٺ لعل خان ٻاريجو مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد غفران ولد محمد افضل آرائين وينل مڪان ڪي دستگير محلو حيدرآباد اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد افضل آرائين ولد امير الدين جيڪو تاريخ 18-05-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه ڀنڀورڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) عمران (پٽ) (2) محمد غفران (پٽ) (3) محمد ارسلان (پٽ) (4) صوبيه (ڌي) (5) سعنيه خالد (ڌي) (6) ناديه رضوان (ڌي) (7) عظيم نعمان (ڌي) (8) عاصمه (ڌي) (9) زينب عثمان (ڌي) (10) رفيعه افضل (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني مسلمان هو سندس ولد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) ريحان ولد ضياالحق (2) اختيار احمد ولد دين محمد جن ڳوٺ نصيرپور ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بڻ ڪئي آهي. جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار سيد پيبل شاهه ولد ڪامل شاهه رهاڪو ڳوٺ عمر شاهه ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي ڪامل شاهه ولد پيرو شاهه تاريخ 15-05-2004 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 177/4 ايراضي 3-23 ايڪڙ ديهه هوتڪي تپو ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) سيد پيبل شاهه (پٽ) (2) شفيع محمد شاهه (پٽ) (3) مسمات بچان (ڌي) (4) مسمات زينب (ڌي). . جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار محمد بچل ولد محمد جمن رهاڪو سيري تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي پاڳيري زال بخش علي تاريخ 22-04-1974تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 316,338,355 ايراضي حصي موجب ديهه اگهيماڻي تپو سيري تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي (1) جمن (پٽ) (2) ڪمون (پٽ) (3) قربان (پٽ) (4) محمد بخش (پٽ) فوتي محمدجمن پٽ محمد بچل مورخه 28-12-2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) محمد بچل (پٽ) (2) اعجاز علي (پٽ) (3) نورمحمد (پٽ) (4) اقبال (پٽ) (5) جاويد (پٽ) (6) امينه (ڌي) (7) آمنه (ڌي) فوتي ڪمون پٽ بچل مورخه 2022-08-30 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) محبوب (پٽ) (2) ديلر (پٽ) (3) آمنه (ڌي) (4) زاهده (ڌي) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻالاڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

عوام الناس کي اطلاع ٿو ڏجي ته درخواستگذار نالي عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري درخواست ڏني آهي ته سندس زال مسمات ثمينه زال عاشق حسين ڏاهري تاريخ 05-06-2004 تي فوت ٿي وئي آهي ان جي نالي ديهه ڪڙ ۾ سروي نمبر 284/2 ۽ ٻيا زرعي زمين 54-17 1/2 ايڪڙ آهي ان جي فوتي ڪاتي لاءِ وارث هيٺ ڄڻن ٿا (1) نذير علي پٽ عاشق حسين ڏاهري (پٽ) (2) عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري (مڙس) ان لاءِ ڪنهن فرم/ اداري يا ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 07 ستن ڏينهن اندر روبرو يا وڪيل معرفت جمع ڪرائي تاثير گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

عوام الناس کي اطلاع ٿو ڏجي ته درخواستگذار نالي عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري درخواست ڏني آهي ته سندس پٽ نالي سهان ولد رئيس عاشق حسين ڏاهري جي نالي ديهه ڪڙ ۾ زرعي زمين سروي نمبر 262/4 ۽ ٻيا ايراضي (21-48) ايڪڙ زرعي ايراضي آهي جيڪا دف VII-A داخلا نمبر 16 تاريخ 15-10-2014 ۾ داخل ٿيل آهي ان جو صحيح ۽ درست نالو شناختي ڪارڊ موجب شازل علي ولد عاشق حسين ڏاهري آهي ان کي رڪارڊ ۾ نالو درست ڪري ڏيڻ لاءِ درخواست ڏني آهي ان لاءِ ڪنهن فرم/ اداري يا ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 07 ستن ڏينهن اندر روبرو يا وڪيل معرفت جمع ڪرائي تاثير گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

عوام الناس کي اطلاع ٿو ڏجي ته درخواستگذار نالي عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري درخواست ڏني آهي ته سندس پٽ نالي نذير علي پٽ عاشق حسين ڏاهري تاريخ 21-01-2006 تي فوت ٿي ويو آهي ان جي نالي ديهه ڪڙ ۾ سروي نمبر 284/1,2 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب آهي ان جي فوتي ڪاتي لاءِ وارث هيٺ ڄڻن ٿا. (1) عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري (فوتي جو پيءُ) ان لاءِ ڪنهن فرم/ اداري يا ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 07 ستن ڏينهن اندر روبرو يا وڪيل معرفت جمع ڪرائي تاثير گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

عوام الناس کي اطلاع ٿو ڏجي ته درخواستگذار نالي عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري درخواست ڏني آهي ته سندس ڌي نالي نفيسه ڌي عاشق حسين ڏاهري تاريخ 01-03-2002 تي فوت ٿي وئي آهي ان جي نالي ديهه ڪڙ ۾ سروي نمبر 284/1,2 ۽ ٻيا حصي موجب ايراضي (55-03) ايڪڙ آهي ان جي فوتي ڪاتي لاءِ وارث هيٺ ڄڻن ٿا (1) عاشق حسين ڏاهري ولد مٺل خان ڏاهري (فوتي جو پيءُ) (2) مسمات ثمينه زال عاشق حسين ڏاهري (فوتي جي ماءُ) ان لاءِ ڪنهن فرم/ اداري يا ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض هجي ته هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ 07 ستن ڏينهن اندر روبرو يا وڪيل معرفت جمع ڪرائي تاثير گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو قاضي احمد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته عرضدار نالي مسمات عابده بيواهه غلام مصطفي برهماڻي رهاڪو جمالي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد درخواست ڏني آهي ته ان جو مڙس غلام مصطفي برهماڻي ولد محمد جمن رهاڪو جمالي ڳوٺ نزد نارا جيل سائيٽ ايريا لطيف آباد حيدرآباد جيڪو سنڌ پوليس ۾ ڪانسٽيبل هو جيڪو تاريخ 03-09-2026 تي وفات ڪري ويو آهي ان پويان هيٺ ڄاڻايل جائز وارث ڇڏيا آهن (1) مسمات عابده (بيواهه) (2) عبدالستار (پٽ) (3) عبدالجبار (پٽ) (4) ارشد علي (پٽ) (5) سڪندر علي (پٽ) (6) علي رضا (پٽ) (7) عائشه (ڌي) فوتي اسلام مذهب سان تعلق رکندو هو اگر انهن وارثن کان علاوه ڪو ٻيو فوتي جو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا وارثي سرٽيفڪيٽ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع پراڻو بلال پيلس يونٽ نمبر 07 لطيف آباد حيدرآباد وٽ روبرو يا وڪيل معرفت اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو لطيف آباد

عام اطلاع

آئون نالي بلال احمد قريشي ولد اشفاق احمد قريشي وينل ٻاڙو لطيف چوڪ لاڳو لائين ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو هن اشتهار ذريعي هر عام وخاص کي اطلاع ڏئي رهيو آهيان ته ان مان هڪ عدد فليٽ نمبر 204 اپر گرائونڊ ايراضي 1335 اسڪوائر فيٽ پروجيڪٽ اسڪيم پارڪ ويو ريزيڊينسي نهيل پلاٽ نمبر بلاڪ نمبر A22 and A23 الرحمان ٽاور RS.175,175/3,175/4 ديهه ڄامشورو تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد ۾ واقع آهي جيڪو صنم زال عقيل احمد جلباڻي کان خريد ڪري رهيو آهيان ان ڏس ۾ ڪنهن به شخص کي يا ڪنهن به اداري يا تنظيم کي ڪو به اعتراض هجي ته هو ضروري ڪاغذات سميت مون سان يا سب رجسٽرار آفيس ۾ اشتهار ڇپجڻ جي ستن 07 ڏينهن اندر ثبوت سميت اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ کانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ هن فليٽ جي خريد ۽ فروخت عمل ۾ آندي ويندي

بلال احمد قريشي ولد اشفاق احمد قريشي
ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي نظيران ذات گورچاڻي درخواست ڏني آهي ته ان جي نالي غلام نبي ولد سنجر خان تاريخ 15-03-19 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي جي ديهه نمبر 275 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر 148,129 ۽ ٻيا مان حصي موجب ايراضي 20-14 ايڪڙ رڪارڊ موجب آهي. جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي آهي سلسلي ۾ جلسي عام ڳوٺ نبي بخش گورچاڻي ديهه نمبر 275 ۾ ڪري ٻن شاهدن جا بيان قلم بند ڪيا ويا آهن هيلين موجب فوتي جا جائز وارث ظاهر ڪيا آهن (1) مهرالنساء (ڀيڻ) (2) نظيران (ماءُ) (3) غلام رسول (سوٽ) (4) بهادر (سوٽ) هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏجي ته مٿي ڄاڻايل فوتي جي وارثن توڙي زرعي زمين بابت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشاعت جي ستن 07 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجي ثبوتن سميت پيش ٿي اعتراض داخل ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد فيصلو جائز وارثن جي حق ۾ قانون موجب ڪيو ويندو ۽ پوءِ ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪوٽ غلام محمد پرڳڙي

گمشده سروس بڪ بابت اطلاع

هر عام و خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون سيشن ڪورٽ ۾ بطور رڪارڊ ڪيپر/ ريڊر آهيان ڳوٺ کان ٽنڊو الهيار ايندي منهنجو اصل سروس بڪ ڪٿي ڪري گم ٿي ويو آهي ڪافي تلاش باوجود ملي نه سگهيو آهي منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ۽ مون کي ڊپليڪيٽ سروس بڪ جاري ڪيو وڃي

خان محمد بروهي ولد مير محمد رهاڪو ڳوٺ
ميرمحمد بروهي تعلقو جهنڊو مري ضلعو ٽنڊو الهيار

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي زرعي زمين سروي نمبر 22,23,130 ايراضي 3.00 ايڪڙ واقع ديهه سهار تپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ٻهراڙي جنهن جي اصل رجسٽري آرڊي نمبر 444 تاريخ 17-05-2023 مطابق سب رجسٽرار آفيس سٽي II حيدرآباد کان رجسٽرڊ آهي ۽ اها اصل رجسٽري ڪٿي گم ٿي وئي آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر سب رجسٽرار آفيس سٽي II حيدرآباد واقع شهباز بلڊنگ حيدرآباد وٽ دستاويزي ثبوتن سان پيش ڪري ٻي صورت ۾ دستاويز رجسٽرڊ ڪئي ويندي

اختر مبين سهتو
شناختي ڪارڊ نمبر 4130666351725

بقايا | 1 | ”روزاني عبرت“

ڪهاڙين ۽ لٺين جا وارا ڪيا ويا جڏهن ته جوابي ڪارروائي ۾ ٻئي ڌر پاران فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ٻئي ڌر جو 24 سالا نوجوان عمر ولد غلام مصطفي مٽو گولي لڳڻ سبب فوت ٿي ويو جڏهن ته نادر علي ولد حاڪم علي، معروف علي ولد نبن خان ائٽ ڪي گهٽي جوڳي حالت ۾ ٽري ميرواهه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ڊاڪٽرن پاران سيريس حالت ڄاڻائي نوابشاهه منتقل ڪيو ويو جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي ٻئي طرف ٻئي ڌريون مورچا بند ڪري ويون آهن علائقي ۾ خوف و حراس پکڙجي ويو آهي جڏهن ته جاءِ واردات تي ميرواهه پوليس پهچي ڪري ڌرين کي وڌيڪ خونريزي کان پابند بڻايو آهي.

بقايا | 2 | ”روزاني عبرت“

ٻڌايو پيو وڃي ته ڊيڊ سال ۾ لڳ ڀڳ اڍائي سؤ جانيون روڊ ڳوڙهائي ويو آهي جڏهن ته ٻئي پاسي ڪوچ ڊرائيور کي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي .نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | 3 | ”روزاني عبرت“

شرڪت ڪئي ان موقعي تي پرنسپال پروفيسر فاريه پنو ٻڌايو ته اسان جي گرلس ڊگري ڪاليج سيوهڻ جي شاگردياڻي پروين ڏيٿو (هيومينيٽيز) گروپ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي. ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد پاران ڄاڻايل شاگردياڻي کي گولڊ ميڊل سان گڏ 25 هزار روڪ رقم سان پڻ نوازيو ويو آهي هن چيو ته هي اسان جي استادن جي محنت جو نتيجي سان ڪاليج جو نالو روشن ٿيو آهي جيڪا اسان سيوهڻ شهر واسين لاءِ باعث فخر جي ڳالهه آهي. ان موقعي تي پرنسپال والدين کي اپيل ڪندي چيو ته پنهنجي نياڻين کي تعليم ڏيارڻ ملڪ جو نالو روشن ڪيو ۽ کين تعليم ڏيارڻ کان نه روڪيو ۽ سندن کي ڪاليج ۽ اسڪولن ۾ موڪليو ته جيئن ڪا به نياڻي تعليم جهڙي زيور کان محروم نه ٿي سگهي

بقايا | 4 | ”روزاني عبرت“

موجب شهر جي قليوٽا محلي جي رهواسي 25 سالا نوجوان سرتاج حسين قليوٽو جو گهر ٻاهران موجود تلاءُ مان لاش هٿ آيو وارثن موجب سرتاج کي مرگهي جا دؤرا پوندا هئا. گذريل ڏينهن گهر ٻاهران هو ڪم ڪري رهيو هو دير تائين گهر واپس نه موٽيو ته سندس ڳولها باوجود رات دير تائين سندس پتو نه پئجي سگهيو جڏهن ته اڄ صبح اوچتو گهر ڀرسان تلاءُ مان سندس لاش مليو نوجوان جي اوچتي وڇوڙي تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو مرحوم جي جنازي نماز ۽ تدفين درگاهه شريف واري قبرستان ۾ ڪئي وئي

بقايا | 5 | ”روزاني عبرت“

ڳالهائيندي وارثن ۽ ايس ٽي پي اڳواڻن چيو ته پرتاب ڀيل جي قتل جو ڪيس پهچ ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي عنن چيو ته جاچ دوران اشرف پنهاڻ ۽ انور پنهاڻ جي مبينا طور قتل ۾ ملوث هجڻ بابت کين ڄاڻ ملي آهي عنن چيو ته معاملو عدالت ۾ به کڻي ويا آهيون جنهن بعد وڌيڪ جاچ لاءِ ڪيس ڊي ايس پي ٽنڊوڄام ڏانهن موڪليو ويو آهي وارثن الزام لڳايو ته کين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون پڻ ملي رهيون آهن هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا | 6 | ”روزاني عبرت“

ٻڌجي ويا آهن ۽ ڏينهن اڳ هڪ ٽريڪٽر موري تان گذرندي سيم نالي ۾ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڊرائيور امرو ڀيل سخت زخمي ٿي پيو هي مک موري ڳوٺ بکوري، ڳوٺ قاسم آجائي وسند راهيمون ۽ غلام محمد پرڳڙي سميت ڪيترن ئي قديمي ڳوٺن کي آس پاس جي ڳوٺن ۽ شهرن سان ڳنڍي ٿي ايندڙ ڪمند جي سيزن دوران ڪمند سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالن ۽ ٽرڪن جي وڏي آمدرفت شروع ٿيڻ واري آهي جنهن سان حادثن جو خطرو وڌيڪ وڌي سگهي ٿو علائقي واسين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته عوام جي جاني تحفظ لاءِ موري جي فوري مرمت ڪرائي پراڻي ڊانچي بدران نئين ۽ مضبوط موري تعمير ڪرائي وڃي

بقايا | 7 | ”روزاني عبرت“

کين گرفتار نئي ڪري هن اختيارين ۽ سجاڳ حلقن کي انصاف ڏيارڻ لاءِ اپيل ڪئي ۽ ڄاڻايو آهي ته جوابدار پاران موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن

بقايا | 8 | ”روزاني عبرت“

ڪيس ٻاهرين پوليس پڪيٽ تي لڪايو ويو هو اڄ جوابدار هٿڪڙين سميت احمد پور پوليس جي چوڪي مان فرار ٿي ويو آهي

بقايا | 9 | ”روزاني عبرت“

ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو ، ڪرياڻ مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو ، محمد اسماعيل بروهي ،عبدالفتاح شاهه ، عالمگير ٿهيم ، محمد عرس ڪوسو ۽ زبير سمون ۽ ٻين چيو ته ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن ، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن تعلقي اسپتال ۾ ماڻهن کي ڪو رليف نه ٿو ملي ، امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي اهڙن انوکن احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

بقايا | 10 | ”روزاني عبرت“

انچارج مددگار 15 ميهڙ سرمد علي ڪوسو جي سربراهي ۾ ون فائيو پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي شهر جي مختلف هنڌن تان چوري ٿيل ٻه موٽرسائيڪلون هٿ ڪري ورتيون آهن پوليس موجب هٿ ڪيل موٽرسائيڪلن مان هڪ موٽرسائيڪل ٻه ڏينهن اڳ ڊاڪٽر حميد شيخ ميڊيڪل سينٽر جي ريجهو چوري ٿي هئي جڏهن ته ٻي موٽرسائيڪل لڳ ڀڳ 15 ڏينهن اڳ چوري ڪئي وئي هئي پوليس رڪارڊ جي تصديق ۽ ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کانپوءِ برآمد ڪيل ٻئي موٽرسائيڪلون سندن اصل مالڪن فلڪ شير لغاري ۽ غلام رسول مهيسر حوالي ڪيون ويون موٽرسائيڪلون واپس ملڻ تي مالڪن خوشيءَ جو اظهار ڪندي مددگار 15 پوليس جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ پوليس ٽيم جا ٿورا مڃيا ٻئي طرف ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي پوليس پاران عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڪارروايون جاري رکڻ جو عزم ظاهر ڪيو ويو آهي

بقايا | 11 | ”روزاني عبرت“

ڪري زندگي جو انت آندو اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪيو معلوم ٿيو آهي ته نوجوان جي 6 مهينا اڳ پسند جي شادي ٿي هئي سندس گهر واري ٻه ڏينهن اڳ ڪاوڙجي پنهنجن ماڻٽن وٽ هلي وئي هئي شيراز لغاري جي والد معروف لغاري موجب منهنجو پٽ شيراز لغاري گهر ۾ اڪيلو هو ۽ اڄ سندس گهر اندر ٽنگيل لاش هٿ آيو آهي بي پاسي بي سيڪشن پوليس ضروري ڪارروائي ڪانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا | 12 | ”روزاني عبرت“

لاپرواهي ۽ ناقص ڪارڪردگي تي سخت محڪماتي ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو آهي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي پاران پوليس هيڊڪوارٽر ۾ 1430 پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جو اردلي روم ڪيو اردلي روم دوران ايس ايس پي خيرپور 5 اهلڪارن کي نوڪريءَ مان برطرف ڪري ڇڏيو جڏهن ته 1350 اهلڪارن کي وڏيون ۽ ننڍيون سزائون ڏنيون ويون ۽ 72 اهلڪارن کي وارننگ ڏني وئي اردلي روم دوران مسلسل غير حاضر فرضن ۾ غفلت لاپرواهي ۽ ناقص ڪارڪردگي ڏيکاريندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وئي فرضن ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي انعامن سان نوازيو ويندو جڏهن ته ڊيوٽي ۾ غفلت، مسلسل غيرحاضري يا لاپرواهي ڪندڙن خلاف محڪماڻا ضابطن تحت سخت ڪارروائي جاري رهندي ان موقعي تي ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي خطاب ڪندي چيو ته پوليس فورس جو بنيادي فرض عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، امن امان قائم رکڻ ۽ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ آهي ان ڪري هر اهلڪار پنهنجي ڊيوٽي ايمانداري، ذميواري ۽ فرض شناسي سان انجام ڏئي هن چيو ته مسلسل غيرحاضري، فرضن ۾ غفلت، لاپرواهي ۽ ناقص ڪارڪردگي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي ۽ اهڙن اهلڪارن خلاف پوليس جي محڪماڻا ضابطن تحت سخت ڪارروائي جاري رهندي

بقايا | 13 | ”روزاني عبرت“

پراسيسنگ ۽ ري سائيڪل ٿيل شين جي تياري واري مڪمل عمل جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جي پيشاورانه صحت ۽ حفاظت، ڪم واري هنڌ تي حفاظتي انتظامن ۽ ڪارڪنن لاءِ محفوظ ماحول جي فراهمي بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان سان گڏ اثرائتن معياري عملي طريقن تيار ڪرڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ذريعي ڪارڪنن جي صحت، حفاظت ۽ ڪم جي حالتن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي امڪانن جو پڻ جائزو ورتو ويو وفد جي دوري دوران ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته پائيدار سرڪيولر معيشت جي ترقي لاءِ ماحولياتي تحفظ سان گڏ ري سائيڪلنگ جي شعبي سان لاڳاپيل ڪارڪنن کي محفوظ، باوقار ۽ بهتر ڪم جو ماحول فراهم ڪرڻ پڻ ضروري آهي شرڪت ڪندڙن ري سائيڪلنگ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ پيشاورانه صحت ۽ حفاظت جي معيارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪارڪنن لاءِ محفوظ ۽ سازگار ڪم ڪندڙ حالتون پيدا ڪرڻ لاءِ گڏيل سهڪار جي اهميت تي پڻ زور ڏنو

بقايا | 14 | ”روزاني عبرت“

طور ملوث مرڪزي جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ مير حسن انڙ طور ٿي آهي جنهن جي قبضي مان مبينا طور پسٽل ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان موجب پوليس ٽيم ٽيڪنيڪي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪري جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي ، جڏهن ته هٿ آيل هٿيار بابت قانوني ڪارروائي پڻ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا | 15 | ”روزاني عبرت“

جي ٻارن سان معمولي ڳالهه تان اسان جي پٽ جو جهيڙو ٿي پيو هو جنهن بعد مذڪوره ماڻهن اسان جي گهر اچي پٽ تي تشدد ۽ مارڪٽ ڪئي هنن چيو ته اسان بي سيڪشن ٿاڻي تي مقدمو اين سي به داخل ڪرائي جنهن تان مددگار پوليس جو ننڍو منشي نور حسن پتافي اسان تي مجرمن ٿاڻي پهچي جوابدارن کي آزاد ڪرائي اسان کي ڌمڪيون ڏئي پچائي ڇڏيو جيڪو هاڻ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان تمام غريب آهيون مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ پاليون ٿا 2 ڏينهن اڳ فيصلو رکيو ويو ۾ هي فيصلي تي به راضي نه ٿيا نور حسن پتافي وردي جو غلط استعمال ڪري ڪوڙو ڊرامو رچائي ڦاسائڻ چاهي ٿو هنن آئي جي سنڌ ، ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته پوليس عملدار نور حسن پتافي ۽ ٻين خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 16 | ”روزاني عبرت“

ته ڦر جي وارداتن بابت پوليس کي ڄاڻ ڏني وئي ۾ پوليس وارداتن ٿيڻ جي 2 ڪلاڪ گذرڻ کان پوءِ به واقعي واري هنڌ نه پهتي دوڪاندارن احتجاج ڪندي ڊي آئي جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو ته ڦر ٿيل رقم واپس ڏياري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 17 | ”روزاني عبرت“

واسين جو چوڻ آهي ته ٻهراڙي جي مختلف علائقن ۾ منشيات جي وڪري بابت ڊگهي عرصي کان شڪايتون موجود آهن. ۾ منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران پوليس غريب ۽ مزدور ڳوٺاڻن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪري رهي آهي ڳوٺاڻن چيو ته جيڪڏهن پوليس واقعي منشيات خلاف آپريشن ڪري رهي آهي ته پوءِ منشيات فروشن ۽ وڪرو ڪندڙن خلاف واضح ۽ اثرائتي ڪارروائي چو نٿي ڪئي وڃي. ڳوٺاڻن چيو ته منشيات وڪرو ڪندڙ ماڻهو آزاد گهمي رهيا آهن. جڏهن ته روزانو مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ گذر ڪندڙ غريب ماڻهن کي پوليس جي ڪارروائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته هو محنت مزدوري ڪري پنهنجن گهرن جو گذر سفر ڪن ٿا ۽ منشيات فروشن کي بچائڻ لاءِ غريب ڳوٺاڻن خلاف بلاجواز ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن هنن مطالبو ڪيو ته پوليس پهريان اصل منشيات فروشن ۽ ڊيلرن خلاف ڪارروائي ڪري ۽ پنهنجي ڪارروائي جا نتيجا عوام آڏو آڻي ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته منشيات هڪ سنگين سماجي ناسور آهي ۽ ان خلاف سخت آپريشن جي هو مڪمل حمايت ڪن ٿا، پر ڪارروائي جو رخ غريب ۽ بي وس ماڻهن بدران منشيات جو وڪرو ڪندڙ ڏانهن هجڻ گهرجي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري پورهيتن خلاف داخل ڪيل ڪيس ختم ڪيا وڃن

بقايا | 18 | ”روزاني عبرت“

انچارج سجاد شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ پوليس جي ڪامياب ڪارروائي موٽرسائيڪلون ڦر ڪندڙ ٽولي جو مک ڪارندو مقابلي بعد گرفتار سندس سڃاڻپ ٿرڙي محبت واسي گوهرام ولد سڄل چانڊيو طور ٿي آهي گرفتار ڏوهاري وٽان هڪ پسٽل ۽ ڪجهه ڏينهن اڳ ميهڙ واسي ڊاڪٽر سليم سيال کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي جوابدار ۽ سندس ٻين ساٿين پاران شهري کان گن پوائنٽ تي موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جا سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ سامهون آيا آهن گرفتار جوابدار ۽ سندس ٽولي پاران ڦر جي ٻين وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو آهي شهرين پاران سندس خلاف ڦر جا ڪيس به داخل ڪيا ويا آهن جڏهن ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ٽولي ۾ شامل ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پڻ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا | 19 | ”روزاني عبرت“

لائبريري انچارج لياقت علي رضوي صاحب کيس اداري جي ڪم ڪار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي اداري جي مختلف حصن خاص طور تي اسڪيننگ روم، لائبريري، ريڊنگ روم جو معائنو ڪيو جتي کيس ڄاڻ ڏني وئي ته هتي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت بابت ناياب ڪتابن، قلمي نسخن ۽ رسالن کي ڊجيٽلائيز ڪري محفوظ ڪيو پيو وڃي جڏهن ته لائبريري ۾ لا ڪاليج جي شاگردن ڇاپليڪي جي امتحانن لاءِ تياري ڪندڙ نوجوانن سان ملاقات ڪري ساڻن مختلف موضوعن تي ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي ان موقعي تي ڊي سي غضنفر علي قادري چيو ته ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ سنڌ جي علمي سرمائي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ انتهائي شاندار ڪم ڪري رهيو آهي، زرعي سائنسدان مرحوم محمد حسين پنهور جي نالي سان منسوب هي ادارو حقيقت ۾ سنڌ جو قومي اثاثو آهي اهڙن ادارن جي حوصلا افزائي اسان سڀني جي ذميواري آهي هن وڌيڪ چيو ته ضلعي انتظاميا پاران منهنجي طرفان ذاتي طور تي ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز ڄامشورو کي ڪتابن جي صورت ۾ هر ممڪن سهڪار فراهم ڪيو ويندو ته جيئن نوجوان نسل کي سنڌ جي تاريخ بابت وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي، ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري انسٽيٽيوٽ انتظاميا کي تجويز ڏني ته هو مختلف ادارن ۾ جاڳرتا سيمينار ڪرائي هن اهم اداري بابت ڄاڻ ڏين ته جيئن سنڌ جا نوجوان هن مان وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهن آخر ۾ اداري جي انتظاميا ڊي سي ڄامشورو غضنفر علي قادري کي سنڌ جي ثقافت تي لکيل ڪتاب تحفي طور پيش ڪيو

بقايا | 20 | ”روزاني عبرت“

جي ليٽ ۾ اچي ويا جنهن سبب ايندڙ ويندڙ ماڻهن عورتن، شاگردن ، ٻارڙن توڙي مسافرن کي سخت تڪليف جو منهن ڏسڻو پيو نالي جي صفائي نه ڪرڻ سبب گذريل هڪ مهيني کان علائقو پاڻي هيٺ آهي پاڻي جي روڊ ، رستن تي تيز وهڪري سبب ٺٺون نهيل روڊ هنڌان هنڌان اکڙجي ويو جڏهن ته ڪيترن هنڌ روڊ کي وڏا ڪٽا پئجي ويا . گندي پاڻي جي وهڻ سبب علائقي ۾ بدبوءِ ۽ مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو علائقي ۾ ڪيترن بيمارين پڻ جنم ورتو جڏهن ته ڄاڻايل صورتحال تي ڪنهن به چونڊيل نمائندي نوٽيس نه ورتو ٻئي طرف علائقي واسي خادم چانڊيو وسيم چانڊيو عرفان علي ، بابو خان ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي الزام هنيو آهي ته هٽ وٽي علائقي جا روڊ رستا تباهه ڪيا پيا وڃن هي روڊ 5 سالن ۾ ٻه دفعا ٺهيو آهي ۽ ٻنهي دفعا پاڻي روڊ کي تباهه ڪيو آهي هنن چيو ته نه ميونسپل ڪاميٽي وارا نوٽيس وٺن ٿا نه روڊس وارا نوٽيس وٺن ٿا ته ٺٺون نهيل روڊ ڪنهن جي ڪوتاهي سبب تباهه ٿيو بس حڪومت کي نقصان ڏيڻو آهي ائين ئي بجيٽ هڙپ ڪرڻي آهي هنن چونڊيل نمائندن ۽ وس وارن کان ڄاڻايل صورتحال جو نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي آهي ۽ چيو آهي علائقي اندر جلد نيڪال وارو سسٽم صحيح نه ڪيو ويو ته ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪنداسين.

بقايا | 21 | ”روزاني عبرت“

آفيسرن معزز علائقي واسين ۽ شهرين شرڪت ڪئي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پروگرام جي مختلف حصن جو دورو ڪيو ۽ شهرين لاءِ فراهم ڪيل طبي سهولتن، انتظامن ۽ ٻين سرگرمين جو جائزو ورتو هن منتظمين کان پروگرام جي مقصدن ۽ عوام کي فراهم ڪيل سهولتن بابت تفصيلي ڄاڻ پڻ حاصل ڪئي ان موقعي تي حاجي نواز علي بروهي چيو ته عوامي ڀلائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي ترجيحن ۾ شامل آهي صحت جي شعبي ۾ اهڙن پروگرامن جو انعقاد خاص طور تي انهن علائقن جي عوام لاءِ اهم آهي، جتي شهرين کي بنيادي طبي سهولتن حاصل ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو ته فلاحي ادارن ۽ لاڳاپيل تنظيمن جي سهڪار سان عوام تائين صحت جون سهولتون ۽ آگاهي پهچائڻ جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته منگهوپير ٽائون جي مختلف يونين ڪميٽين ۽ آبادين ۾ عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي فلاحي سرگرمين جي همٿ افزائي ڪئي ويندي، جڏهن ته عوامي خدمت جي منصوبن ۾ لاڳاپيل ادارن سان هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندو پروگرام دوران شهرين لاءِ طبي سهولتن سان گڏ ٻارن لاءِ مختلف تفريحي ۽ تخليقي سرگرمين جو پڻ اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ ٻارن ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو پروگرام ذريعي مقامي آبادي کي صحت بابت سهولت ۽ رهنمائي فراهم ڪرڻ سان گڏ ٻارن کي مثبت سرگرمين ۾ مصروف رکڻ لاءِ پڻ خاص انتظام ڪيا ويا. ان موقعي تي يونيسيف جي ڪنٽري هيڊ ڊاڪٽر جارج جي شرڪت پڻ نمايان رهي تقريب دوران کين سنڌ جي ثقافتي روايت موجب اجرڪ پيش ڪئي وئي ڊاڪٽر جارج ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جو شڪريو ادا ڪندي پروگرام جي انعقاد ۾ سندس سهڪار کي ساراهيو ۽ عوامي ڀلائي لاءِ گڏيل سهڪار جي اهميت تي زور ڏنو تقريب ۾ ڪائونسلر يو سي 1 جاويد بروهي، ولي محمد، ماري صاحب، ميڊم ڪوثر اقبال ۽ ٻين معزز شخصيتن ۽ لاڳاپيل ماڻهن شرڪت ڪئي پروگرام ۾ علائقي واسين پاران پڻ ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو ويو ۽ عوامي صحت بابت سرگرمي جي انعقاد کي ساراهيو ويو

بقايا | 22 | ”روزاني عبرت“

سائمه هاجاڻو ۽ زرينه هاجاڻو مخالف ڌر جي ڏاڍائين ۽ انصاف نه ملڻ خلاف نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ڏانهيندي چيو ته جهيڙي دوران زخمي ٿيڻ کانپوءِ هو 8 ڏينهن تائين اسپتال ۾ داخل رهيا ۾ پوليس توڙي سياسي سماجي ڌرين سندن سار نه لڌي آهي، مٿان الزام لڳايو ته برهماڻي برادري جا سومر برهماڻي، احمد برهماڻي، وارث، درياءُ خان برهماڻي ۽ صدام ملاح باثر آهن جن اسان جي گهر جو تقدس پائمال ڪيو ۽ انهن جي اثر رسوخ سبب اٽلو اسان زخمي ڌر مٿان ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جڏهن ته پوليس اسان جو فرياد وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سيوهڻ پوليس کي سندن فرياد داخل ڪرڻ ۽ قانون موجب ڪارروائي جو حڪم ڏنو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 23 | ”روزاني عبرت“

جاري جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ هڪ مهينو جاري رهڻ بعد پڄاڻي تي پهتو ٽورنامينٽ جو فائنل گهرام خان جمالي اليون ۽ ملا حرمت اليون جي ٽيمن وچ ۾ کيڏيو ويو جنهن ۾ پهريان بيٽنگ ڪندي ملا حرمت اليون جي ٽيم مقرره 15 اوورن ۾ عظيم شاهه جي 38 رنسن جي مدد سان 184 رنسن جو ٽارگيٽ ڏنو جواب ۾ گهرام خان جمالي اليون داؤد جمالي جي 73 رنسن جي مدد سان ٽارگيٽ حاصل ڪري ڪاميابي حاصل ڪري ورتي جنهن تي آيل معزز مهمانن اڳوڻو سينيٽر پ.پ اڳواڻ ملڪ امام دين شوقين، پ.پ اڳواڻ عبدالرحمان ٿهيم رند برادري جي معزز شخصيت ۽ پ.پ اڳواڻ حقير حضوربخش رند، پ.پ اڳواڻ اعجاز علي زرداري، ضلع ڪائونسلر سائينداد خان رند، حاجي غلام سرور رند، اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز حق نواز رند، پ.پ اڳواڻ محمد ابراهيم رند، چيئرمين حاجي خان رند، جاويد گل ڏاهري، زوار غلام عباس رند، ضلع ڪائونسلر علي حسن رند ، صدورو خان جمالي علي غلام مري، وائيس چيئرمين مبين بروهي ، محمد يوسف ڪنيهر مير زبرڪش، علي نواز پنهور، سالم شير رند، حسين بخش رند ، فنڪشنل ليگ اڳواڻ دلبر خان رند، عطا الله ڪوسو ، حاجي عاشق ڪوسو ۽ ٻين فاتح ٽيم گهرام جمالي اليون کي هڪ لک رپيا انعام ۽ ٽرافي جڏهن ته هارائيندڙ ٽيم ملا حرمت اليون کي 30 هزار انعام ۽ ٽرافي ڏني جڏهن ته مين آف دي ميچ داؤد جمالي ۽ گلزار جمالي کي مين آف دي ٽورنامينٽ قرار ڏنو ويو بهترين بيٽسمين، بالر ، فيلڊر ۽ امپائرن ڪيچ ڪندڙ تماشائين کي پڻ انعام ڏنا ويا

بقايا | 24 | ”روزاني عبرت“

بابت سنڌي عوام پنهنجو موقف پرامن طريقي سان دنيا آڏو پيش ڪندو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني ڦرلٽ قتل ۽ ٻين ڏوهن سبب عام ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن جيئن سنڌ جي عوام کي تحفظ ملي سگهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي نوجوانن کي منشيات نه پر تعليم روزگار ۽ بهتر مستقبل جي ضرورت آهي حڪومت کي منشيات جي خاتمي سان گڏ نوجوانن لاءِ تعليم ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ تي به ڌيان ڏيڻ گهرجي رياض چانڊيو آخر ۾ چيو ته سنڌ جي امن عوام جي حقن ۽ سنڌ جي وحدت بابت سندن جدوجهد پرامن ۽ جمهوري طريقي سان جاري رهندي

بقايا | 25 | ”روزاني عبرت“

پنهنجي ڌي شيزا آرائين سان گڏجي ڪوٽڙي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو آهي منهنجي ڌي رخسانا سان پٽسن جي ڏيتي ليتي تان جهيڙو ٿيو هو جنهن جو ڪيس پڻ اسان داخل ڪرايو هو هاڻ خدا جي بستي پوليس ان ڪيس ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي بجاءِ اسان کي ڌمڪائي ۽ هيسائي رهي آهي هنن چيو ته پوليس اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي هنن ايس ايس پي ڄامشورو ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ۽ اسان ڏي هراسان ڪندڙ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا | 26 | ”روزاني عبرت“

ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ۽ مين روڊ تي رکيل غيرقانوني سامان ضبط ڪري ڇڏيو ڪارروائي دوران ڪيترائي دڪاندار ڪاروبار بند ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته مختلف هنڌن تي بيٺل غيرقانوني چنگچي رڪشائن کي هٽائي ڇڏيو ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته عدالت جي حڪم تي حدخلين خلاف روز جي بنياد تي آپريشن ڪري رهيا آهيون هن چيو ته دڪا ڊاهي پٽ ڪرڻ سان گڏ دڪانن آڏو رکيل سامان پڻ تحويل ۾ ورتو آهي هن چيو ته غيرقانوني بيٺل هنڌن تان چنگچي رڪشائن کي هٽايو آهي جيڪڏهن ٻيهر چنگچي رڪشائن کي بيهاريو ويو ته چالان ڪنداسين

بقايا | 27 | ”روزاني عبرت“

نينگر سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي وارث نازڪ حالت ۾ تعلقا اسپتال کي اين شاهه کڻي ويا جتي ڊاڪٽر پاران معصوم نينگر جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي جڏهن ته حادثو ڪندڙ ڪار ڊرائيور موقعي تان ئي ڪار سميت فرار ٿي ويو فوتي نينگر جي ضروري ڪارروائي ٿيڻ کانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي نينگر جو لاش ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا | 28 | ”روزاني عبرت“

موجب مبينا طور غيرقانوني حراست ۾ رکيل اويس احمد کي بازياب ڪرايو ويو جڏهن ته سپاهي ايس ايڇ او طاهر دايو کي ناحق بانڌي بڻايل اويس احمد ميتلو سميت سيشن جج انعام علي ڪلهوڙو جي عدالت ۾ پيش پوڻ جو حڪم ڏنو آهي عدالت ايس ايڇ او اي سيڪشن خيرپور کي سومر ڏينهن عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي

بقايا | 29 | ”روزاني عبرت“

بين ميڊيا سينٽر تي پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهرين چيو ته اٽڪل 2 سال اڳ هٿيارٻندن گهر ۾ گهڙي گهر ڌڻي مولا بخش مهر کي قتل ڪيو هو جنهن جا اڄا تائين قاتل توڙي سهولتڪار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. پٽافي برادري جي ٽن جوابدارن خلاف ڪيس داخل هئڻ باوجود هن وقت تائين جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن جيڪا ناانصافي آهي، هنن چيو ته اسان جو سائٽ الهڏوايو مهر جوابدارن کي بچائڻ لاءِ انهن جي سهولتڪاري ڪري رهيو آهي جيڪو مختلف حربا هلائي اسان کي ئي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ چاهي ٿو ۽ چئي ٿو ته اسان وٽ ڏوهاري رهن ٿا، الهڏوايو مهر اسان جو سئوٽ آهي پر هو قاتلن جو ساٿاري آهي الهڏوايو مهر قاتلن کي ڳولڻ لاءِ لکين روپيه ٻنگ ورتو پر قاتل ظاهر ڪري نه ڏنا، مظاهرين وڌيڪ چيو ته اسين مسڪين آهيون مقتول مولا بخش مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي، هوڏانهن سهولتڪاري جي الزام هيٺ آيل الهڏوايو مهر ٻڌايو ته مقتول مولابخش مهر قتل معاملي سندس وارث مون مٿان سهولتڪاري جا ڪوڙا الزام لڳايا پيا وڃن جي بنياد آهن آئون مسڪين آهيان مونکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي معاملي جي صاف شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 30 | ”روزاني عبرت“

ڪري ڇڏيس شهرين ۽ واپارين جي وچ ۾ پوڻ بعد کيس ڇڏايو ويو. زخمي نوجوان پارمل ڪولهي پاران مٿس ٿيل حملي جي ڪڙيوگهنور ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي، جنهن بعد پوليس کيس علاج لاءِ ليٽر جاري ڪيو ٻي طرف ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته عزت الله پٺاڻ ۽ سندس ڀاءُ اصل افغاني آهن پوليس لسٽ ۾ پڻ نامزد ٿيل آهن جڏهن به افغانين خلاف ڪارروائي ٿئي ٿي ته اهي لڪي وڃن ٿا ٻي طرف عزت الله پٺاڻ جي ڌر کان جهيڙي جو مؤقف وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر مؤقف نه ملي سگهيو

بقايا | 31 | ”روزاني عبرت“

رهواسي آهه زخمي کي دادو اسپتال داخل ڪيو ويو آهي جتي علاج جاري آهي

بقايا | 32 | ”روزاني عبرت“

شاهه جي زمين تي بااثرن پاران قبضو ڪيو پيو وڃي، اسان ڪيترائي ڀيرا احتجاج ڪيو آهي پر انتظاميا نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن ميٽي ڪمشنر ۽ ڊي سي کان مطالبو ڪندي چيو ته جيڪا اصل قبرستان جي ڪاتي واري زمين آهي ان کي بحال ڪري باؤنڊري وال ڏياري وڃي

بقايا | 33 | ”روزاني عبرت“

ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف گم ٿيل ڪوٽڙي جون شاگردياڻيون ڪراچي مان هٿ اچي ويون نياڻين بيان ڏيندي چيو آهي ته اسان کي ڪنهن اغوا ناهي ڪيو اسان پنهنجي مرضي سان پهرين پشاور بعد ۾ ڪراچي جي هڪ سهيلي سان رابطو ڪري پهتيون آهيون هنن چيو ته اسان سان نه ڪنهن زبردستي ڪئي آهي نه ئي اهڙو ڪجهه ٿيو آهي جنهن سان اسان جي عزتن کي داغ لڳي ٻئي طرف نياڻيون ظاهر ٿيڻ کان پوءِ سندن ساٿين کين وٺڻ لاءِ ڪراچي روانا ٿي ويا.

بقايا | 34 | ”روزاني عبرت“

۾ مبتلا ٿي ويو جڏهن ته علائقي ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو شهرين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جي ضرورت آهي جيئن شهري بنا خوف جي پنهنجا روزمره جا ڪم ڪري سگهن شهرين ۽ متاثر ڌر لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ڦر ٿيل موبائل فون توڙي روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي

بقايا | 35 | ”روزاني عبرت“

ڀريل ٿيلهو هٿ ڪري گرفتار ڪري ورتو آهي ٻئي پاسي 640 گرام چرس سميت منشيات هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او کهڙا غلام عباس گوپانگ موجب جوابدار خلاف منشيات ايڪٽ تحت کهڙا ٿي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته منشيات خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رهندو

بقايا | 36 | ”روزاني عبرت“

نواز سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي حاجي سيف الله مهر چيو ته خانپورمهر شهر ۾ سندس گهر آهي. گذريل رات هو گهر ۾ موجود نه هو ته ٻن جوابدارن گهر مٿان فائرنگ ڪئي. هن الزام لڳايو ته خانپورمهر پوليس فائرنگ واقعي ۾ ٻن جوابدارن عامر ۽ وسيم گڏاڻي کي گرفتار ڪرڻ باوجود منهنجي فرياد تي ڪيس داخل ڪرڻ بدران سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو جڏهن ته مونکان موقف به نه ورتو ويو.حاجي سيف الله مهر مطالبو ڪيو ته گهر تي فائرنگ واري واقعي جي صاف شفاف جاچ ڪرائي سندس فرياد موجب ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.مظاهرين جو چوڻ هو ته خانپورمهر شهر ۾ بدامني وڌي وئي آهي. سرعام فائرنگ، ڦر ڌاڙن ۽ اغوا جون وارداتون ٿي رهيون آهن. جڏهن ته پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته جي يو آءِ اڳواڻ جي گهر تي فائرنگ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي شهر ۾ امن امان بحال ڪيو وڃي.هوڏانهن ڌرڻي واري هنڌ ايس ايڇ او خانپورمهر پهچي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون. جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو.پوليس موجب فائرنگ ڪندڙ ٻن جوابدارن وسيم ۽ عامر گڏاڻي کي گرفتار ڪري سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا | 37 | ”روزاني عبرت“

سيل ڪيا ۽ مختلف روڊن تي بيٺل 3 ڪارن ۽ 6 رڪشن کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد چيو ته شهر ۾ حدخلين ۽ روڊن مٿان گاڏين سميت رڪشا بيهارڻ سان عام شهرين کي تڪليف اچڻ سان گڏوگڏ شهر جي سونهن تي فرق پئي ٿو جنهن ڪري اسين اهڙي قسم جو ڪوبه عمل برداشت نه ڪنداسين. هنن چيو ته روڊ، رستا ڪليل هوندا ته عام شهرين کي تڪليف گهٽ پيش ايندي

بقايا | 38 | ”روزاني عبرت“

وٺي. احتجاجي ڌرڻي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن خالد لاشاري، مير بليدي، مير مرتضيٰ رند، ستار لهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي مظاهرين پوليس پوسٽ جي انچارج جي مبينا رويي خلاف احتجاج ڪيو ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته گلشن شهباز پوليس پوسٽ جو انچارج شهرين سان مبينا طور نامناسب سخت ۽ توهين آميز رويو اختيار ڪري رهيو آهي جنهن سبب علائقي واسين ۾ بيچيني ۽ ڪاوڙ پيدا ٿي آهي سندن چوڻ هو ته پوليس عوام جي تحفظ ۽ داد رسي لاءِ مقرر هوندي آهي تنهن ڪري شهرين سان عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ پوليس جي ذميواري آهي. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پوليس پوسٽ تي ايندڙ شهرين جي مسئلن کي قانون ۽ ضابطن موجب ٻڌڻ بدران جيڪڏهن ساڻن مبينا طور بدتميزي ۽ توهين آميز رويو اختيار ڪيو وڃي ته ان سان پوليس ۽ عوام وچ ۾ اعتماد جو رشتو متاثر ٿئي ٿو هنن مطالبو ڪيو ته معاملي کي معمولي سمجهڻ بدران ان جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي وڃي. احتجاج ڪندڙ اڳواڻن ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته گلشن شهباز پوليس پوسٽ جي انچارج جي مبينا رويي جو فوري نوٽيس وٺي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن شڪايتون درست ثابت ٿين ته ذميوار اهلڪار خلاف قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن چيو ته علائقي جي شهرين کي پوليس اسٽيشنن ۽ پوليس پوسٽن تي بنا ڪنهن خوف يا دٻاءَ جي پنهنجا مسئلا پيش ڪرڻ جو حق حاصل آهي تنهن ڪري پوليس اهلڪارن کي عوام سان قانون موجب عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ کي يقيني بڻائڻ گهرجي آخر ۾ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبن تي فوري طور ڌيان نه ڏنو ويو ۽ معاملي جو ازالو نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي

بقايا | 39 | ”روزاني عبرت“

موجودگي ۾ قبضو ڪري زمين تي هائوس سنگت سوسائٽي ٺاهي ورتي آهي هن چيو ته مان وس وارن کان مطالبو ڪيان ٿو نوٽيس وٺي منهنجي ڪاتي واري زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي ۽ مون سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 40 | ”روزاني عبرت“

موضوع تي پروجيڪٽ ڪري رهيا آهن جنهن سلسلي ۾ تحقيق معلومات ۽ ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ هنن سيل جو دورو ڪيو معلوماتي دوري ۾ عاقب علي سيال ولد محمد يعقوب، آويس علي ولد ديدار علي، نرجس عبدالروف سومرو شهباز علي محمد اڪرم سولنگي محمد مزمل حسين ولد نياز احمد، عائشه عمر نواز خان ارشاد ولد محمد هاشم ۽ ٻيا موجود هئا وفد کي رپورٽنگ ميڪنزم، آگاهي پروگرامن عورتن جي حقن بابت قانونن عورتن جي ڪيسن قانوني مدد ۽ عارضي پناهه گاهه (سيف هائوس) بابت تفصيلي معلومات فراهم ڪئي وئي

بقايا | 41 | ”روزاني عبرت“

غيرقانوني ڪنيڪشن ذريعي بجلي حاصل ڪري وڪرو ڪري رهيا آهن جنهن سبب ٽرانسفارمر بار بار سڙي وڃڻ جا واقعا پيش اچن ٿا.

بقايا | 42 | ”روزاني عبرت“

قومي ۽ سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪري کين ڪانفرنس ۾ شرڪت جون دعوتون ڏنيون.ايس ٽي پي جي وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي، مرڪزي جنرل سيڪريٽري هوت خان گاڏهي ۽ مرڪزي اڳواڻ خدابخش درس، عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ايڊووڪيٽ راحيل پنو عبدالقادر راڄڙ نور احمد ڪاتيان نور نبي پليجو سجاڳ بار تحريڪ جي مرڪزي صدر سرمد خاصخيلي آصف ڪوسو جام تماچي سرمد راڄپر حاجي خان سمون ۽ اقبال عباسي سان ملاقات ڪئي وفد سنڌ هاري ڪميٽي جي سربراهه ثمر حيدر جتوئي ۽ احمد نواز انقلابي سان پڻ ملاقات ڪئي

بقايا | 43 | ”روزاني عبرت“

پوليس مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ ڪارروايون ڪندي اشتهاري ۽ منشيات فروشن سميت 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ٻڌائي.ايس ايس پي موجب ڪارروايون صوبو ديرو ڪوٽڏيجي بي سيڪشن ڪنب ۽ شاهه حسين ٿاڻن جي حدن ۾ ڪيون ويون گرفتار جوابدارن ۾ شعيب، مسمات هير خاتون واحد بخش اڇڻ علي بهار رند، شيراز اشرف جانوري ۽ محمد بخش عرف مامو شامل آهن هن ٻڌايو ته گرفتار جوابدارن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ موٽرسائيڪلون ۽ هڪ بندوق هٿ ڪئي وئي آهي جوابدارن خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ايس ايس پي امير سعود مگسي وڌيڪ ٻڌايو ته گذريل ٽن ڏينهن دوران روپوش اشتهاري ۽ منشيات فروشن سميت مجموعي طور 40 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي هن چيو ته ضلعي مان منشيات فروشن جو خاتمو آندو ويندو ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ڪارروايون جاري رهنديون

بقايا | 44 | ”روزاني عبرت“

ڪري ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز (ايم سي ايڇ سي) جو درجو ڏنو ويو آهي جتي علائقي جي عوام لاءِ 24 ڪلاڪ مفت طبي سهولتن جي فراهمي جو باقاعده افتتاح ڪيو ويو.افتتاحي تقريب ۾ يو سي چيئرمين رئيس عقيل احمد مري، پي پي ايڇ آءِ جي ڊسٽرڪٽ مئنيجر جيئل ننڊ، ايگزيڪيوٽو آفيسر پي پي ايڇ آءِ شاهد جتوئي، ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر سنجي ڪمار ۽ ڊسپنسر زاهد علي ميمڻ سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

آفيس آف دي ڪمانڊنٽ
اسپيشلائزڊ ڪمانڊو ٽريننگ سينٽر
سڪرنڊ ايٽ نصري

ڪليل نيلاميءَ لاءِ ٽينڊر

هن پڌرائيءَ ذريعي عام اطلاع ڏنو وڃي ٿو ته اسپيشلائزڊ ڪمانڊو ٽريننگ سينٽر سڪرنڊ جي فائرنگ رينج مان ليڊ سڪو ڪڍڻ جي اوپن نيلامي 15_10_2026 تي 12:00وڳي منجهند. ڪمانڊنٽ ايس سي ٽي سي سڪرنڊ جي آفيس ۾ منعقد ڪئي ويندي. خواهشمند ٺيڪيدار ڄاڻايل نيلاميءَ ۾ حصو وٺي سگهن ٿا.

هدايتون/شرط ۽ ضابطا

1. ٺيڪيدار مبلغ -/300,000 رپيا (رپيا ٽي لک فقط) ايڊوانس ادائيگي طور اڪائونٽ آفيس ۾ ڪمانڊنٽ. ايس سي ٽي سي سڪرنڊ جي نالي پي آرڊر ذريعي جمع ڪرائيندا.
2. ٽينڊر في مبلغ -/3,000 رپيا روڪ يا ڪمانڊنٽ. ايس سي ٽي سي سڪرنڊ جي نالي پي آرڊر ذريعي ادا ڪئي ويندي.
3. ڪانٽريڪٽ تحت ليڊ سڪو ڪڍڻ جو مدو فقط 15 ڏينهن هوندو.
4. آڇ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ٺيڪيدار هڪ هفتي اندر مڪمل واجب الادا رقم ڪمانڊنٽ. ايس سي ٽي سي سڪرنڊ جي نالي پي آرڊر ذريعي ادا ڪرڻ جو ذميوار هوندو.
5. ٺيڪيدار ليڊ سڪو ڪڍڻ دوران فائرنگ بٽ جي مرمت پڻ ڪندو.
6. مجاز اٿارٽي کي اڳواٽ اطلاع کان سواءِ ڪانٽريڪٽ ختم ڪرڻ جو حق حاصل هوندو.
7. سينٽر جي سيڪيورٽيءَ لاءِ خاص انتظام ڪيا ويندا. ٺيڪيدار جي سيڪيورٽي ڪليئرنس يافته عملي کان سواءِ ڪنهن ٻئي عملي کي سينٽر جي احاطي ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه هوندي ۽ انهن جا ڪردار سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ضلعي پوليس کان حاصل ڪرڻ لازمي هوندا.
8. وڌيڪ پڇا ڳاڇا ۽ معلومات لاءِ محمد يحيٰ، اڪائونٽنٽ. ايس سي ٽي سي سڪرنڊ. موبائل نمبر: 0300-3635691 تي رابطو ڪريو.

(فتح محمد شيخ)، ايس پي ايس
ايس پي/ڪمانڊنٽ
اسپيشلائزڊ ڪمانڊو ٽريننگ سينٽر
سڪرنڊ ايٽ نصري

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4343/2026

روزاني عبرت

خيرپور لڳ انڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو، 3 ڄڻا زخمي

ڳوٺ محمد سليمان انڙ واسي ڌرين ۾ مال جي پيل تان جهيڙو دوران فائرنگ ۾ 24 ورهين جو عمر مارجي ويو

فائرنگ دوران زخمي نادر علي ولد حاڪم علي، معروف علي ولد نبن خان انڙ ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

زخمين کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ نوابشاهه ريفر ڪيو ويو، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور لڳ پيروسڻ ٿاڻي جي حد حبيب جي وانڊ ڳوٺ محمد سليمان انڙ ۾ انڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ مال جي پيل تان جهيڙو ٿي پيو ذريعن موجب هڪ ڌر پاران ٻئي ڌر تي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

هالاڻي: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

هالاڻي ويجهو ڪوچ جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت

نيشنل هاءِ وي روڊ تي پير مخدوم وٽ حادثي احمد سولنگي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

هالاڻي (ن ع) نيشنل هاءِ وي روڊ تي پير مخدوم وٽ ڪوچ ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر. ڪوچ جيڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڏارو شاهه واسي نوجوان احمد سولنگي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ رورل هيلٿ سينٽر هالاڻي پهچايو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي احمد سولنگي فوت ٿي ويو. گذريل ڏيڍ سال کان زيڊ کي بي ڪمپنيءَ هنڌان هنڌان روڊ پٽي ڪم سست رفتاري سان هلائڻ ڪري حادثا روز جو معمول بڻيل آهن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوغلام علي گهر جي بجلي ٺاهيندي ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي شهر جي وارڊ 5 ۾ شادي شده نوجوان عباس جت خاصخيلي کي گهر جي بجلي ٺاهيندي ڪرنٽ لڳڻ ڪري نوجوان بيهوش ٿي ويو جنهن کي وارثن ڪٺائي اسپتال پهچايو جتي ڊاڪٽرن نوجوان جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وارثن لاش گهر آندو ته ڪهرام مچي ويو.

باڊهه ۾ مرگي جي مريض نوجوان جو تلاءَ مان لاش هٿ آيو، گهر ۾ ڪهرام

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ نوجوان جو تلاءَ مان لاش هٿ آيو ان سلسلي ۾ مليل معلومات

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ باهه لڳڻ سبب لکين روپين جو ڪپڙو ۽ مشينري سڙي رک

ٽنڊوآدم (ن ع) سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ٽنڊوآدم جي اندر مشهور واپاري شرف الدين انصاري جي ڪپڙي جي ڪارخاني ۾ اوچتو باهه لڳڻ سبب لکين روپين جو ڪپڙو ڌاڳو . مشينري ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو اطلاع ملڻ تي فائربرگيڊ گاڏي پهچي باهه تي ڪنٽرول ڪري وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو

ٽنڊوڄام پرتاب پيل قتل ڪيس ۾ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

مقتول جي وارثن ۽ ايس ٽي پي پاران پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪري نعريبازي

ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ ڌمڪيون ملي رهيون، جاچ ڪري جوابدار گرفتار ڪيا وڃن:مظاهرين

ٽنڊوڄام (ت ر) ڪجهه مهينا اڳ ٽنڊوحيدر ۾ قتل ٿيل نوجوان پرتاب پيل جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن ۽ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو احتجاج خبر موجب ڪجهه مهينا اڳ ٽنڊوحيدر ۾ قتل ٿيل نوجوان پرتاب پيل جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ فوتي نوجوان جي وارثن ۽ ايس ٽي پي ڪارڪنن لاکي پيل شريمتي نينو پيل ايس ٽي پي اڳواڻ منصور سولنگي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي صحافين سان

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو5

ڪوٽ غلام محمد جسڪاڻي اسٽاپ وٽ مک موري زبون حالي جو شڪار

موري جو بيڊ ڪيترن ئي هنڌن تان ٽٽي تباهه حفاظتي سيمينٽ جون جاليون به ڪري پيون

ٻه ڏينهن اڳ ٽريڪٽر سيم نالي ۾ ڪري پيو، ڊرائيور امرو پيل سخت زخمي ٿيو

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) جسڪاڻي اسٽاپ وٽ مک موري زبون حالي جو شڪار حادثا معمول بڻجي ويا تعلقي ڪوٽ غلام محمد جي جسڪاڻي اسٽاپ وٽ مين اسپائنل سيم نالي تي قائم مک موري انتهائي زبون حالي جو شڪار ٿي ڳوٺاڻن لاءِ وڏو خطرو بڻجي وئي آهي موري جو بيڊ مختلف هنڌن تان ٽٽي پيو آهي جڏهن ته پاسن کان لڳل حفاظتي سيمينٽ جون جاليون پڻ ڪري چڪيون آهن موري جي خراب حالت سبب حادثا روز جو معمول

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



ڪوٽ غلام محمد: روڊ جي تباهه ٿيل پل جيڪو ڪنهن وقت حادثي جو سبب بڻجي سگهي ٿو

ٽنڊوالهيار ۾ 23 ورهين جو نوجوان ڦاهو کائي خودڪشي ڪري ڇڏي

بي سيڪشن ٿاڻي جي حد سچل ڪالوني ۾ شيراز لغاري جو گهر مان ڦاهي کاڌل مليو

پوليس لاش سول اسپتال منتقل ڪيو، ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اندر سچل ڪالوني ۾ 23 ورهين جي نوجوان شيراز لغاري مبينه طور آپگهات ڪري پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو لاش اسپتال منتقل . ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي . گهر ۾ ڪهرام خبر موجب ٽنڊوالهيار شهر جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد سچل ڪالوني ۾ رهندڙ 23 ورهين جي نوجوان شيراز ولد معروف لغاري گهر جي ڇت ۾ لڳل لوهي پائيپ ۾ رسو ٻڌي مبينه طور آپگهات

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پوليس ڪارروائي، چوري ٿيل ٻه موٽرسائيڪلون هٿ، مالڪن حوالي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو پوليس پاران عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ايس ايس پي خيرپور پاران اردلي روم دوران 5 اهلڪارن جون نوڪريون ختم، 1350 کي سزائون

پوليس هيڊڪوارٽر ۾ آفيسرن ۽ اهلڪارن کي وڏيون ۽ ننڍيون سزائون ڏئي 72 کي وارننگ ڏني وئي

ڊيوٽي ۾ غفلت، لاپرواهي ڪندڙن خلاف محڪماڻي ضابطن تحت ڪارروائي جاري رهندي: ايس ايس پي

فورس جو بنيادي فرض عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، امن امان قائم رکڻ ۽ قانون جي بالادستي کي يقيني بڻائڻ آهي

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس ۾ وڏي ڪارروائي اردلي روم دوران 5 اهلڪارن جون نوڪريون ختم 1350 اهلڪارن کي سزائون ۽ 72 اهلڪارن کي وارننگ. مسلسل غيرحاضري، فرضن ۾ غفلت،

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ري سائيڪلنگ سهولت جو عالمي اداري جي وفد پاران دورو

وفد پاران ڪچري جي ڇنڊڇاڻ، ڊوڙڻ، پراسيسنگ ۽ ري سائيڪل ٿيل شين جي تياري واري عمل جو جائزو

ڪارڪنن جي پيشاورانه صحت، حفاظتي انتظامن ۽ محفوظ ڪم واري ماحول بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه

ري سائيڪلنگ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ سرڪيولر معيشت لاءِ گڏيل سهڪار جي اهميت اجاگر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ ۽ آلناس پاڪ ويسٽ مينيجمينٽ پرائيويٽ لميٽيڊ جي ري سائيڪلنگ سهولت جو عالمي اداري محنت ۽ ايمپلائرز فيڊريشن پاڪستان جي نمائندن جي وفد دورو ڪيو جتي وفد کي ڪچري جي ري سائيڪلنگ ۽ ان مان ڪارآمد شين جي تياري بابت مختلف مرحلن کان آگاهه ڪيو ويو وفد ري سائيڪلنگ سهولت جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو ۽ ڪچري جي ڇنڊڇاڻ، تياري، ڊوڙڻ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ٻٽو قتل ڪيس جو مبينا مرڪزي جوابدار گرفتار، پسٽل ۽ گوليون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

باقراڻي (ن ع) باقراڻي لڳ ڳوٺ سمائي انڙ ۾ ٻٽو قتل وارو ماسرو ڪيس جو مبينا مرڪزي جوابدار گرفتار هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ رپورٽ موجب باقراڻي تعلقي جي ڳوٺ سمائي انڙ برادريءَ ۾ ٻٽو قتل وارو ماسرو بقاپور ٿاڻي جي حد نورپور واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي لڪمير انڙ ۽ نصرت انڙ جي ڊبل مرڊر ڪيس ۾ مبينا

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ زال مڙس جو ٻارن سميت پوليس اهلڪار جي ڌاڌائين خلاف احتجاج

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي مجاهد ڪالوني جا رهواسي زال مڙس معصوم ٻارڙن سان گڏ مددگار پوليس جي ننڍي منشي جي ڌاڌائين خلاف پريس ڪلب پهچي ويا ان موقعي تي نور محمد پلي ۽ سندس زال ياسين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ مجاهد ڪالوني ۾ اسان جي ماڻهن ممتاز، مهتاب ۽ آفتاب

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ جي ريسائيڪلنگ سهولت جو پرڏيهي وفد دورو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي جي يوسي بولهاڙي ۾ ڊرينيج سسٽم ناڪام، روڊ ۽ آباديون گندي پاڻي هيٺ

بروهي چوڪ، مسلم ٽائون، سڪندرآباد ۽ انڊس هاءِ وي سميت ٻيا علائقا تلاءَ جو ڏيک ڏيڻ لڳا

علائقي واسين پاران نيڪال نظام درست نه ٿيڻ تي احتجاج، روڊ بند ڪرڻ جو چتاءُ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ميونسپل ڪاميٽي بولهاڙي جي ناقص ڪارڪردگي علائقي جو اهم گذرندڙ نالو گندگي سان ڀرجي ويو پاڻي کي رستو نه ملڻ ڪري گندو پاڻي روڊن تي وهڻ لڳو . بروهي چوڪ ,مسلم ٽائون سڪندرآباد , ٽيليگراف ۽ انڊس هاءِ وي تي ويندڙ اهم روڊ ۽ آسپاس جا علائقا، اسڪول مسجدون اسپتالون تائين ٽيليگراف ٿاڻو گندي پاڻي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: روڊ تي گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

منگهوپير ۾ عوامي صحت پروگرام، شهرين لاءِ طبي سهولتون ۽ آگاهي سرگرميون

رمضان ڳوٺ ۾ فلاحي اداري جي سهڪار سان صحت بابت پروگرام ۾ علائقي واسين جي شرڪت

طبي سهولتن سان گڏ ٻارن لاءِ تفريحي ۽ تخليقي سرگرمين جو پڻ اهتمام ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي يونين ڪائونسل 01 مائي ڳڙهي جي علائقي رمضان ڳوٺ ۾ الشفاء فائونڊيشن جي سهڪار ۽ يونيسيف جي معاونت سان عوامي صحت بابت پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ چيئرمين حاجي نواز علي بروهي، وائيس چيئرمين راڻا محمد عارف سميت ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جي نمائندن، لاڳاپيل ادارن جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند لڳ جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو فائنل گهرام جمالي اليون پنهنجي نالي ڪيو

مقصودو رند(ن ع) علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند پاران جاري جشن آزادي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ هڪ مهينو جاري رهڻ بعد پڄاڻي تي پهتو ٽورنامينٽ جو فائنل گهرام جمالي اليون کٽي ورتو خبر موجب مقصودو رند ۾ علائقائي ڪرڪيٽ تنظيم جي چيئرمين حاجي راحب علي رند پاران

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ جهيڙي جي زخمين جو بااثر ڌر خلاف مظاهرو، انصاف جي اپيل

زخمي ٿيل هاجاڻو برادري جا پورهيت مرد ۽ عورتن نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

برهماڻي برادري جي اثر جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي ڪوسا محلي ۾ 10 ڏينهن اڳ هاجاڻو ۽ برهماڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيل هاجاڻو برادري جا پورهيت مرد ۽ عورتون غلام رسول هاجاڻو محمد عثمان هاجاڻو

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

انشاءَ الله 15 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ سنڌ ورهاڱي سوچ خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو: رياض چانڊيو

وڌندڙ بدامني ڦرلٽ قتل ۽ ٻين ڏوهن سبب عام ماڻهو پاڻ کي غير محفوظ سمجهي رهيو آهي

سنڌ هڪ تاريخي ثقافتي ۽ جغرافيائي وحدت آهي سنڌي عوام پنهنجو موقف پرامن طريقي سان دنيا آڏو پيش ڪندو

حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ سنجيده قدم کڻڻ گهرجن

ڪمبٽ (رپورٽ : مريد ڪانوري) جيئي سنڌ محاذ جي اڳواڻ رياض احمد چانڊيو ڪمبٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽ سڃاڻپ خلاف ڪنهن به سازش کي سنڌي قوم قبول نه ڪندي اسان سڀ سنڌي سراپا احتجاج آهيون ۽ سنڌ جي حقن لاءِ پرامن ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکنداسين هن وڌيڪ چيو ته انشاءَ الله 15 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ سنڌ جي ورهاڱي واري سوچ خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو جنهن ۾ سنڌ جي مختلف علائقن مان سياسي سماجي ۽ قومپرست ڪارڪن شرڪت ڪندا هن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي ثقافتي ۽ جغرافيائي وحدت آهي جنهن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: ناريون اسڪوٽي ريلي ۾ شريڪ آهن

Investiture
Ceremony

پشاور: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهيا آهن

ڪمبٽ ويجهو چور پرائمري اسڪول جا تالا ٽوڙي سامان ٻهاري ويا

گهرام کهڙو اسڪول مان چور پکا، گارڊر ۽ ٻيو سامان ڪٽي فرار ٿي ويا

واقعي خلاف اسڪول جي شاگردن ۽ استادن جو احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

ڪمبٽ (ت.ر) ڪمبٽ لڳ اڳڙا ٿاڻي جي حد گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول گهرام کهڙو مان رات جي اونداهي ۾ اسڪول جا تالا ٽوڙي ٻه عدد پکا هڪ گهنڊ ٻه عدد لوهه گارڊر 6 عدد ٽيبل ۽ هڪ عدد نلڪي جو سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا اسڪول جي استادن شاگردن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي .

سيوهڻ جي شاگرديائي هيومينٽيز ۾ پهرين پوزيشن ماڻي گولڊ ميڊل کٽي ورتو

ڊويزنل ڪمشنر پاران شاگرديائي پروين ڏيٿو کي گولڊ ميڊل سان گڏ 25 هزار رپيا انعام ڏنو ويو

والدين نياڻين کي تعليم ڏيارين، ڪين اسڪولن ۽ ڪاليجن کان محروم نه ڪن: پرنسپال

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ جي گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج سيوهڻ جي ذهين شاگرديائي پروين ڏي عباس ڏيٿو (هيومينٽيز) گروپ ۾ پهرين پوزيشن ماڻي گولڊ ميڊل سان گڏ انعام حاصل ڪري ورتو ان حوالي سان منعقد ڪيل تقريب ۾ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي، چيئرمين هائر سيڪنڊري بورڊ حيدرآباد فقير محمد لاکو ڪنٽرولر هائر سيڪنڊري بورڊ حيدرآباد شڪيل احمد لغاري ۽ پرنسپال گرلس ڊگري ڪاليج سيوهڻ پروفيسر فارينه پنهور پڻ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو5

OMMISSIONER
HYDERABAD
DI SION

سوهڻ: پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگرديائي کي انعام ڏنو پيو وڃي

ڪوٽڙي لڳ نينگريءَ سان مبينا زيادتي ڪندڙ جوابدار آزاد، وارثن جو احتجاج

بستيءَ واري علائقي ۾ ٻه ڏينهن اڳ 12 ورهين جي نينگري آسيا چانڊيو سان 4 جوابدارن زيادتي ڪئي

پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بعد ڇڏي ڏنو نياڻي اسپتال داخل، انصاف جو مطالبو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستيءَ واري علائقي ۾ 12 ورهين جي نينگري آسيا چانڊيو سان 4 جوابدارن زبردستي جنسي حوس جو نشانو بڻايو جنهن بعد سندس والده ڪيس بيهوشي جي حالت ۾ خدا جي بستي ٿاڻي آندو رپورٽ داخل ڪرائڻ بعد نياڻي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو ميڊيڪل ٿيڻ باوجود پوليس هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ بعد ڇڏي ڏنو نياڻي جي ماءُ مهتاز چانڊيو موجب پوليس مسلسل ٽن ڏينهن کان ٽال مٽول ڪري رهي آهي هن صحافين آڏو روئيندي چيو ته پوليس کي جوابدار جا نالا به ڏنا آهن پر

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

شهدادپور ۾ پوليس چوڪي مان هٿڪڙين سميت جوابدار فرار، پوليس ۾ ٽرٿلو

پوليس دهشتگردي ڪيس ۾ نثار عرف غلام سرور چانڊيو کي گرفتار ڪيو هو

احمد پور پوليس چوڪي تان جوابدار هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ رندن ۽ چانڊين وچ ۾ مفت ۾ چانهه پيئڻ تان ٿيل جهيڙي جي داخل دهشتگردي جي ڪيس ۾ گرفتار نثار عرف غلام سرور چانڊيو جنهن جو نالو ڪيس ۾ شامل نه هو پر پوليس ڪيس نامعلوم جوابدارن ۾ شامل ڪرڻ لاءِ حراست ۾ ورتو هو جنهن کي احمد پور پوليس چوڪي تي رکيو ويو هو جتان جوابدار هٿڪڙين سميت فرار ٿي ويو ۽ پوليس ۾ ٽرٿلو مچي ويو آهي نثار عرف سرور چانڊيو کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ پوليس سان پئسن جي ڏيتي ليتي بابت ڳالهيون هلي رهيون هيون جنهن سبب

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو5

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف 19هين ڏينهن به احتجاج

شهري اتحاد جي سڏ تي پريس ڪلب تائين ريلي، مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جي شرڪت

صاف پاڻي صفائي، روڊن اسپتال ۽ امن امان جي خراب صورتحال خلاف شهرين جو احتجاج

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 19 ڏينهن به شهري ، سياسي، سماجي واپاري ۽ ميهڙ واسين پاران بيڪو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ،وڪيل عابد ڪلهوڙو ، سني ايڪشن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو5

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
صاف ميهڙ صحت مند ميهڙ شهر کي خارو ۽ بدبودار پاڻي ۽ شهر جي صفائي سترائي نه ٿيڻ خلاف
احتجاجي مظاهرو
پاران شهري اتحاد ۽ شهر جو باشعور عوام

دادو: شهرين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڪباڙي جي دڪان تان ڦر، واپارين جو احتجاج

اقبال چونڪ تي ٻن اڻڄاتل هٿياربندن ڳاڻو ڀيل کان هڪ لک 75 هزار رپيا روڪ ڦري فرار ٿي ويا

پوليس کي اطلاع باوجود ٻن ڪلاڪن تائين واقعي واري هنڌ نه پهچڻ تي دڪاندارن جو احتجاج

ٽنڊو الهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ بدامني تي ضابطو نه اچي سگهيو بي سيڪشن ٿاڻي جي حد اقبال چونڪ تي ڏينهن ڏٺي جو ڪباڙي جي دڪان تان وڏي رقم ڦر ڪرڻ جي واردات ٿي وئي . ڪباڙي جي دڪان تان 2 اڻ ڄاتل موٽرسائيڪل سوارن هٿيارن جي زور تي اشفاق ڪالوني واسي ڳاڻو ڀيل کان هڪ لک 75 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا ان موقعي تي دڪاندارن احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو5

مسوبرڳڙي ۾ منشيات خلاف آپريشن جي آڙ ۾ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ موليڏنو ميربحر جي رهواسين راهوڪي پوليس خلاف مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي

منشيات فروشن خلاف ڪارروائي بدران مزدور ڳوٺاڻن خلاف ايف آءِ آرون داخل ڪيون پيون وڃن:مظاهرين

مسوبرڳڙي (ن ع) پوليس پاران منشيات خلاف آپريشن جي آڙ ۾ ڳوٺاڻن مٿان ڪوڙيون ايف آءِ آر داخل ڪرڻ خلاف ڳوٺ موليڏنو ميربحر جي رهواسين سخت احتجاج ڪندي چيو آهي ته راهوڪي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران غريب پورهيتن کي هراسان ڪري رهي آهي ۽ سندن خلاف ڪوڙيون ايف آءِ آر داخل ڪيون پيون وڃن علائقي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ سي سي ٽي وي ذريعي ڦورو گينگ جي سڃاڻپ، مقابلي بعد هڪ جوابدار گرفتار

پوليس ڪارروائي ڪري مقابلي بعد هڪ جوابدار گوهرام چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار جوابدار وٽان پسٽل ۽ ڊاڪٽر سليم سيال کان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ

ميهڙ(ن ع) ميهڙ ۾ سي سي ٽي وي ذريعي ڦورو گينگ جي سڃاڻپ، پوليس ڪارروائي ڪري مقابلي بعد هڪ جوابدار گرفتار ڪري ورتو هٿيار ۽ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل به هٿ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي دادو پوليس جون ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن ميهڙ ۾ ايس ايڇ او لئي سيڪشن مظهر علي نائچ ۽ سي آءِ اي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو5

ڄامشورو ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ ۾ علمي ورثي جو تحفظ ساراهه جوڳو آهي: ڊي سي

ڊپٽي ڪمشنر دوري دوران ڊجيٽل ۽ فزيڪل لائبريري، اسڪيننگ ۽ ريڊنگ روم جو معائنو ڪيو

ناياب ڪتابن، قلمي نسخن ۽ رسالن کي ڊجيٽلائيز ڪري محفوظ ڪرڻ بابت ڄاڻ ڏني وئي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڄامشورو جي ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري ڄامشوري ۾ قائم علمي ادبي ۽ تحقيقي اداري ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز جو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر پائي خان شر ڊجيٽل لائبريري انچارج نرنجن راجاڻي ۽ فزيڪل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي سائيٽ: ڊپٽي ڪمشنر ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ جهيڙي جي ڪيس ۾ پوليس تي ڌر هجڻ جو الزام، متاثرن جو احتجاج

بستي جي رهواسي شوڪت آرائين پنهنجي ڌي شيزا سان گڏجي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

پوليس ڪيس ۾ ماريٽ جوابدارن خلاف ڪارروائي بجاءِ اسان کي ڌمڪائي رهي آهي: الزام

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي لڳ خدا جي بستي جي رهواسين پاران پوليس جي مبينا زيادتين ۽ جهيڙي جي ڪيس ۾ جوابدار گرفتار ڪرڻ بجاءِ فريادي ڌر کي ڌمڪايڻ ۽ هراسان ڪرڻ لڳي ان سلسلي ۾ ڪوٽڙي سائيٽ جي خدا جي بستي واري علائقي جي رهواسي شوڪت آرائين

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم ۾ عدالتي حڪم تي انتظاميا پاران حدخلين خلاف آپريشن جاري

اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي جي اڳواڻي ۾ عملي مختلف هنڌن تي ڪارروائي ڪئي

آپريشن دوران دڪانن جا ڇپرا ۽ ٿڪا داهي پٽ ڪري روڊن تي رکيل غيرقانوني سامان ضبط ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ عدالت جي حڪم تي انتظاميا پاران حدخلين خلاف اسسٽنٽ ڪمشنر حنين طارق شاهاڻي، سي ايم او عبدالحميد ملڪ جي اڳواڻي ۾ ميونسپل عملي پوليس سان گڏ ڳري مشينري ساڻ ڪري حيدرآباد روڊ تي ڪارروائي ڪري دڪانن جا ڇپرا ۽ ٿڪا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو5

ڪڪڙ پرسان نامعلوم ڪار جي ٽڪر ۾ روڊ پار ڪندڙ نينگر فوت

مين انڊس هاءِ وي روڊ تي ڪار روڊ پار ڪندڙ 12سالن جي صدورو ٻبر کي زوردار ٽڪر هنيو

نينگر کي زخمي حال ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي، ڪار ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ خانپور جوڻيجو ۾ مين انڊس هاءِ وي روڊ تي نامعلوم ڪار روڊ پار ڪندڙ 12سالن جي معصوم نينگر صدورو ٻبر کي زوردار ٽڪر هڻي ڪيو جنهن جي نتيجي ۾

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ: فوت ٿيل نينگر جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ٻيرلو ٿاڻي تي عدالتي ڇاپو، غيرقانوني حراست ۾ رکيل شخص بازياب

عبدالرشيد ميتلو جي فريادي تي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ ڇاپي جو حڪم ڏنو

ريڊر ٿاڻي تي ڇاپو هڻي غيرقانوني حراست ۾ رکيل اويس احمد کي بازياب ڪرايو ويو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور جي انچارج سيشن جج عبدالستار سومرو جي عدالت ۾ فريادي عبدالرشيد ميتلو پنهنجي وڪيل علي اڪبر شر معرفت قلم CrPC 491 تحت درخواست داخل ڪرائي جنهن تي عدالت سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ (فرد) عبدالحڪيم ساٿڪي جي ريڊر صديقي کي ٿاڻي ٻيرلوخيرپور تي عدالتي ڇاپو هڻڻ جو حڪم ڏنو عدالتي ڪارروائي دوران ٿاڻي جو روزنامچو ايف آءِ آن بڪ ۽ ٻيو رڪارڊ پنهنجي قبضي ۾ ورتا ويا. درخواست

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر: قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ مقتول جي وارثن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپورمهر لڳ ٻه سال اڳ قتل ٿيل مولا بخش مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ٿر واري علائقي ۾ 2 سال اڳ قتل ٿيل مولا بخش مهر جي قاتلن ٽوڙي سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاجي مظاهرو ديهه سنبارو جي علائقي بندواري جي ڳوٺ بروچ مهر جي رهواسين امير بخش مهر علي حسن مهر غلام حسين مهر ڪريم داد مهر طالب حسين مهر ۽

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو5

دادو ويجهو رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 8 ڄڻا زخمي

مورو روڊ تي تيز رفتاري سبب رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ٽن ٻارڙن سميت 8 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

مورو (ن ع) دادو ويجهو مورو روڊ تي تيز رفتاري سبب رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر 8 ڄڻا زخمي، دادو ويجهو مورو روڊ تي رڪشا ۽ موٽرسائيڪل سوارن وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ ٽن ٻارڙن سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ نائيس عرض محمد نائيس حبيب الله سويل ساجد نويد ابڙو ۽ حسنين پڻ شامل آهن حادثي ۾ زخمي ٿيل 2 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي پوليس موجب زخمي مورو جي ڀرپاسي واري ڳوٺ واريا سو جا

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور ۾ افغاني پٺاڻن جي حملي ۾ پورهيت زخمي،رپورٽ داخل

ڪڙيوگهنور(ن ع) ڪڙيوگهنور ۾ افغاني پٺاڻن جو پورهيت ريڙهي واري پارمل ڪولهي تي حملو پارمل ڪولهي زخمي، افغاني پٺاڻ عزت الله ۽ سندس ڀاءُ هادي خان پٺاڻ پاران معمولي ڳالهه تان ريڙهي تي مصالحو وڪرو ڪندڙ پورهيت مسڪين پارمل ڪولهي تي لٺين سان حملو ڪري ڪيس رتو رت ڪري زخمي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو5

حيدرآباد جي قديمي قبرستان سخي حسين شاهه تي مبينا قبضي خلاف احتجاج

نيرون ڪوٽ ٽائون ۾ درگاهه جي متولي ۽ علائقي واسين مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

ميونسپل ڪمشنر ۽ ڊي سي قبرستان جي اصل زمين بحال ڪرائي باؤنڊري وال تعمير ڪرائي:مظاهرين

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي نيرون ڪوٽ ٽائون جي قديمي قبرستان سخي حسين شاهه جي قبرستان تي مبينا قبضي خلاف درگاهه جي متولي ۽ علائقي واسين فقير مختيار محمد بخش جتوئي، وڪيل شاهنواز پنهور ۽ ڪبير خان جي اڳواڻيءَ ۾ قديمي درگاهه آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري دوران قبضہ مافيا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سوين سال پراڻي قبرستان سخي حسين

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو5

ڪوٽڙي: مبينا طور گم ٿيڻ بعد بازياب ڪرايل نينگريون

ڪوٽڙي مان پراسرا نموني گم ٿيل ٻه شاگرديائيون ڪراچي مان هٿ اچي ويون

مريم گارڊن مان شاگرديائي نور جوکيو ۽ سندس سهيلي جي گمشدگي جو ڪيس پڻ داخل

ٻنهي شاگرديائيون ڪراچي مان هٿ آيون، پنهنجي مرضي سان پهرين پشاور وڃڻ جو بيان

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي جي مريم گارڊن واري علائقي مان فرسٽ ايئر جي 17 ورهين جي شاگرديائي نور جوکيو مبينا طور اغوا ٿي وئي واقعي کي ٽي ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ناري جو پتو نه پئجي سگهيو جڏهن ته وارثن جي فرياد تي ڪوٽڙي ٿاڻي تي ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن خلاف اغوا جو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي ناري جي ڳولا ۽ واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي پوليس موجب جاچ دوران سامهون ايندڙ حقيقتن جي بنياد تي وڌيڪ

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو5

ميهڙ ۽ ڀرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، شهري کان موبائل ۽ روڪ رقم ڦر

ميهڙ(ن ع) ميهڙ جي ڊگري ڪاليج واري علائقي ۾ ڪي هٿياربند ڦورو سيد علي شاهه راشدي وٽ پهتا ۽ ڪيس هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندس موبائل فون ۽ 30 هزار رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ معاثر شهري پريشاني ۽

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو5

ڪمبٽ لڳ پوليس پاران ٻن جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪمبٽ (ت ر) ڪمبٽ منزل گاهه وٽ ڪمبٽ پوليس جي ڪارروائي، مبينا منشيات فروش غلام اڪبر ڪٽبر منشيات سان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو5

خانپورمهر: گهر تي فائرنگ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

خانپورمهر ۾ جي يو آءِ اڳواڻ حاجي سيف الله مهر جي گهر تي فائرنگ خلاف احتجاجي ڌرڻو

ڪارڪنن، شهري اتحاد اڳواڻن حاجي سيف الله مهر، عارف مهر، ڪامريڊ دودو مهر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس جوابدار عامر ۽ وسيم گڏاڻي کي گرفتار ڪري منهنجي فرياد تي بدران سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو آهي: سيف الله

واقعي جي صاف شفاف جاچ ڪرائي منهنجي فرياد موجب ڪيس داخل ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

خانپورمهر(رپورٽ: سري چند ڪيورا) خانپورمهر ۾ گذريل رات جي يو آءِ ۽ شهري اتحاد جي اڳواڻ حاجي سيف الله مهر جي گهر تي فائرنگ واري واقعي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن، شهري اتحاد ۽ موبائيل مارڪيٽ يونين جي اڳواڻن پريس ڪلب آڏو حاجي سيف الله مهر عارف مهر ڪامريڊ دودو مهر عابد شاهه ثناءُ الله گڏاڻي، علي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو5

جيڪب آباد ۾ حدخلين ۽ بي ترتيب پارڪنگ خلاف ڪارروائي، 9 دڪان سيل

ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر جي اڳواڻي ۾ مختلف روڊن تي آپريشن

قائداعظم روڊ، ڊي سي آفيس روڊ ۽ آدم خان پنهور روڊ تي حدخلين هٽايون ويون

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ عوامي شڪايتن تي ڊپٽي ڪمشنر شهزاد احمد ساهي جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سام حدخلين ۽ بي ترتيب پارڪنگ خلاف ڪارروائيون ڪيون. اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد سام اينٽي انڪروچمينٽ ۽ ميونسپل عملي سان گڏجي جيڪب آباد جي قائد اعظم روڊ، ڊي سي آفيس روڊ، آدم خان پنهور روڊ تي حدخلين ۽ بي ترتيب پارڪنگ خلاف ڪارروائيون ڪندي آدم خان پنهور روڊ تي 9 دوڪان

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو5

ڪراچي: اڳوڻو وڏو وزير قائم علي شاهه آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان تعزيت ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ پوليس پوسٽ انچارج جي مبينا زيادتين خلاف ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو

سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران پوليس اهلڪار جي مبينا توهين آميز رويي خلاف احتجاج ڪيو ويو

اڳواڻن پاران شهرين سان عزت ۽ قانون موجب ورتاءُ کي يقيني بڻائڻ ۽ شفاف جاچ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) گلشن شهباز پوليس پوسٽ انچارج جي مبينا نامناسب رويي خلاف ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻڻ جو مطالبو. ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي خدا جي بستي جي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن پاران گلشن شهباز پوليس پوسٽ جي انچارج جي مبينا نامناسب ۽ توهين آميز رويي خلاف ايس ايس پي ڄامشورو جي آفيس آڏو احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن دوران پوليس عملدار جي مبينا رويي خلاف سخت نعريبازي ڪئي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو5

خيرپور ۾ ٿيڙي واسي جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ٿيڙهي جو رهواسي ڪامريڊ ثناء [illegible] شيخ خيرپور ۾ ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته بااثر ماڻهن منهنجي زرعي زمين هڪ ايڪڙ چار گهنٽا تي قبضو ڪري شهباز ڪالوني ٺاهي ڇڏي آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا فيصلا ڪيا ويا جتي هو ڪوڙا ثابت ٿيا ۽ ڪورٽ سکوري ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا آهن هن چيو ته مان عمرو ڪرڻ لاءِ سعودي ويس ته منهنجي غير

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو5

UNIVERSITY OF SINDH
WOMEN EMPOWERMENT PROJECT
Empowered Women Build Stronger Communities
GROUP MEMBERS
Educate • Empower • Elevate

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جي وومين ايمپاورمينٽ پروجيڪٽ سان لاڳاپيل شاگرد ڊپٽي ڊائريڪٽر وومين ڊيولپمينٽ قرت العين شاهه سان گڏ بيٺل آهن

ڄامشوري ۾ ڪامرس جي شاگردن جو وومين ڪمپليننٽ سيل ۽ سيف هائوس جو معلوماتي دورو

"عورتن کي بااختيار بڻائڻ" بابت پروجيڪٽ لاءِ شاگردن ۽ شاگردياڻين تحقيق ۽ ڊيٽا گڏ ڪئي

وفد کي عورتن جي حقن، قانوني مدد، شڪايتن جي رپورٽنگ ۽ سيف هائوس جي سهولتن بابت بريفنگ

عورتن لاءِ تعليم، معاشي خودمختياري، محفوظ ماحول ۽ آسان قانوني مدد جا موقعا وڌائڻ ضروري آهن:قرت العين شاهه

بدين (ڊ ر) صوبائي وزير شاهينه شيرعلي جي هدايتن تي مختلف ضلعن سان تعلق رکندڙ ڪامرس شعبي ۾ زير تعليم شاگردن ۽ شاگردياڻين وومين ڪمپليننٽ سيل ۽ سيف هائوس ضلع ڄامشورو جو معلوماتي دورو ڪيو شاگرد بي ايس ڪامرس آنرز سيڪنڊ ايئر ۾ زير تعليم آهن ۽ "عورتن کي بااختيار بڻائڻ" جي

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو5

هالا ۾ بجلي چوري ۽ غيرقانوني ڪنيڪشنن خلاف پ پ اڳواڻن جو مظاهرو

مخدوم امين فهيم ڪالوني جي ٽرانسفارمر مان مبينا بجلي چوري ڪري ڪرو ڪئي پئي وڃي:فياض درس

بجلي چوري کان روڪڻ تي گٿا لفظ ڳالهائڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون وڃن، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

هالا(ت ر) هالا ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي سٽي هالا جي سينيئر نائب صدر فياض علي درس، رفيق احمد ميمڻ ۽ سٽي صدر جاويد شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته مخدوم امين فهيم ڪالوني ۾ لڳل بجلي جي ٽرانسفارمر مان شوڪت مغل، نسيم ۽ شيدو مغل مبينا طور

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو5

ايس ٽي پي پاران 11 آڪٽوبر واري "سنڌ منهنجي امان" قومي ڪانفرنس لاءِ دعوتي مهم تيز

پارٽي وفدن جون مختلف سياسي، قومي ۽ سماجي اڳواڻن سان ملاقاتون، ڪانفرنس ۾ شرڪت جون دعوتون

ملاقاتن دوران سنڌ جي سياسي صورتحال، وحدت، قومي حقن ۽ وسيلن جي مالڪي بابت خيالن جي ڏي وٺ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران 11 آڪٽوبر تي حيدرآباد ۾ منعقد ٿيندڙ "سنڌ منهنجي امان" قومي ڪانفرنس لاءِ دعوتي مهم جاري آهي ان سلسلي ۾ پارٽي اڳواڻن مختلف سياسي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو5

خيرپور پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڪارروائين ۾ 7 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪامياب ڪارروايون، منشيات فروشن ۽ اشتهاري جوابدارن سميت 7 جوابدار گرفتار ٻن موٽرسائيڪلن ۽ هڪ بندوق سميت وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ تفصيل موجب خيرپور

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو5

ٽنڊوآدم جي مير حسن مري بنيادي صحت مرڪز کي اپگريڊ ڪري ايم سي ايڇ سي جو درجو ڏنو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ميرحسن مري بنيادي صحت مرڪز کي اپگريڊ ڪري ايم سي ايڇ سي جو درجو ڏنو ويو 24 ڪلاڪ مفت طبي سهولتون شروع رپوٽ موجب پي پي ايڇ آءِ سنڌ جي انتظام هيٺ هلندڙ بنيادي صحت مرڪز (بي ايڇ يو) مير حسن مري کي اپگريڊ

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو5

حيدرآباد: هڪ شخص رڍ جي اُن ڪٽي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.